
زرعي سونهون
(بنيادي زرعي ڄاڻ)
محمد مٺل جسڪاڻي
LHDP
Trōcaire
Working for a just world.

# زرعي سونهون

## (بنيادي زرعي چاڻ)

**محمد مٿل جسڪاڻي**

**پاران**

**اظهار پبليڪيشن ٽنڊوڄام**

**سهڪار**

**لاڙ هيومنٽيرين اينڊ ڊولپمينٽ پروگرام (LHDP)**

2018ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ**

ڪتاب جو نالو: زرعي سونهون (بنيادي زرعي ڄاڻ)
ليکڪ: محمد مٺل جسڪاڻي
ڇاپو پهريون: سال 2018ع
تعداد: 1000
ڪمپوزنگ: وقار مٺل جسڪاڻي ۽ ابصار مٺل جسڪاڻي
ٻانهن ٻيلي: عبدالله سراز
ٽائيٽل: عبدالرسول عباسي
ڇپائيندڙ: اظهار پبليڪيشن ٽنڊوڄام
مالي سهڪار: لاڙ هيومنٽيرين اينڊ ڊولپمينٽ پروگرام (LHDP)
قيمت: اعزازي ڪاپي (لکت ۾ ڪتاب تي راءِ)

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت 2020ع**
**www.sindhsalamat.com**

# ارپنا

**زراعت سان لاڳاپيل**
**هر هڪ جي نانءِ**
**سيني ساهوارن جي نانءِ**

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”زرعي سونهون“** اوهان اڳيان حاضر آهي. بنيادي زرعي ڄاڻ بابت لکيل مضمونن تي مشتمل هن ڪتاب جو ليکڪ ناميارو شاعر ۽ محقق محمد مٺل جسڪاڻي آهي.

پروفيسر مٺل جسڪاڻي جو هي ڪتاب ”زرعي سونهون (بنيادي زرعي ڄاڻ)“ ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي. پهرئين ڀاڱي ”بنيادي زرعي ڄاڻ“ ۾ ”زراعت: انتهائي اهم پشيوراڻي مهارت وارو مضمون“، ”آبادگارن کي پنهنجي بقا لاءِ سوچڻ گهرجي“، ”فصلن جي پيداوار ۽ بچاءُ : مسئلا، مونجهارا ۽ صلاحون“، ”فصلن ۽ باغن ۾ نقصانڪار جيتن ۽ بيمارين جي حوالي سان اڳ ڪٿي جي اهميت“، سميت ٻيا مضمون جڏهن ته ٻئي ڀاڱي ۾ ڪڻڪ، سارين، جوئر ٻاجهر ۽ مڪئي، وونئڻ، ڪمند، تيلي ٻج، داليون، ڀاڄيون ۽ مصالحه، ميوا ۽ جانورن جي چاري وارا گاهه عنوان سان مختلف باب آهن، جن ۾ ”فصلوار ۽ ماهوار زرعي ڪم ڪار“ ياد ڏياريل آهي. هن ڀاڱي جي به اهڙي ئي اهميت آهي، جهڙي عام وقت جي، عام ڪيلينڊر جي اهميت آهي.

هي ڪتاب **اظهار پبليڪيشن ٽنڊوڄام مُرڪ** پاران 2018ع ۾ لاڙ هيومنٽيرين اينڊ ڊولپمينٽ پروگرام (LHDP) جي مالي سهڪار سان ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سائين مٺل جسڪاڻيءَ جا جنهن ڪتاب موڪليو ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٿاءُ


| | | |
|---|---|---|
| ٻہ اکر | سهڪاري سٽ پاران | 8 |
| مهاڳ | پروفيسر ڊاڪٽر مجيب الدين صحرائي | 10 |
| زرعي سونهون | پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر | 14 |
| پنهنجي پاران | محمد مٺل جسڪاڻي | 17 |


## پاڱو پهريون . بنيادي زرعي ڄاڻ


زراعت: انتهائي اهم پشيوراڻي مهارت وارو مضمون 19

آبادگارن کي پنهنجي بقا لاءِ سوچڻ گهرجي 21

فصلن جي پيداوار ۽ بچاءُ : مسئلا، مونجهارا ۽ صلاحون 25

فصلن ۽ باغن ۾ نقصانڪار جيتن ۽ بيمارين جي حوالي

سان اڳ ڪٽي جي اهميت 34

مختلف فصل ڳڏائي پوکڻ 39

خوشگوار زندگي، پاڻي، ٻوٽا ، وڻ، موسم... 41

فصل لهڻ کانپوءِ بچندڙ باقيات بيڪار نہ آهي! 46

موسمي تبديلي ۽ ان جا زراعت تي منفي اثر 52

برسات کان پوءِ زراعت جي بحالي 54

ڪوبہ ٻوٽو يا وڻ فضول ناهي، زمين جو ذرو بہ واندو نہ ڇڏيو! 59

زرعي مشاورت: اهميت ۽ ضرورت 63

زرعي گريجوئيٽ ۽ خابرو ذريعا 67


## پاڱو ٻيون . فصلوار ۽ ماهوار زرعي ڪم ڪار


ڪڻڪ 69

ساريون 73

جوئر ٻاجهر ۽ مڪئي 77

| | |
|---|---|
| وونئڻ | 80 |
| ڪمند | 85 |
| تيلي ٻج | 89 |
| داليون | 94 |
| ڀاڄيون ۽ مصالحا | 98 |
| ميوا | 105 |

## ٻه اکر

# سهڪاري سٽ پاران

سنڌ جي زراعت جي پائيداري وارو سوال ڏينهون ڏينهن وڌيڪ پيچيده، منجهائيندڙ ۽ ڏکيو ٿيندو پيو وڃي. جنهن جا جت ڪيئي سارا سبب آهن اتي پاڻي جي کوٽ، پاڻي جي منصفاڻا ورهاست ۽ فصلن بابت صحيح ۽ ماهرانه ڄاڻ جو نه هجڻ به آهي. پاڻي جي کوٽ جتي وڏن وڏن آبادگارن کي زراعت جي متبادل يعني چوپائي مال جي پرورش ۽ واڙن ڏانهن مائل ڪيو آهي اتي ئي ننڍا آبادگار ۽ هاري مناسب اپت ۽ اگهه نه ملڻ سبب قرضن جي دلدل ۾ گهيربا ۽ سوڙها ٿيندا پيا وڃن. جيڪا ڳالهه پنهنجي جاءِ تي انتهائي تشويشناڪ ۽ فڪرانگيز آهي. زرعي پاڻي جي کوٽ ۽ ان جي منصفاڻا ورهاست ته ٿيو انتظامي مسئلو، جنهن تي اسان جي حڪمرانن کي ويهي سنجيدگي سان ويچارڻ گهرجي ته آخر سنڌ جي هن اهم مسئلي کي ڪيئن حل ڪجي ؟ جو اسانجا آبادگار سک جو ساهه کڻن. باقي جيتري قدر فصلن ۽ زراعت بابت تعليمي ۽ ماهرانه راءِ ۽ علم جو تعلق آهي ته ان ڏس ۾ اسان سيني زراعت تي ڪم ڪندڙ ادارن کي پنهنجو، پنهنجو حصو وجهڻ گهرجي. هي ڪتاب ”زرعي سونهون“ به انهيءَ سلسلي جي ڪڙي آهي.

لاڙ هيومنٽيرين اينڊ ڊولپمينٽ پروگرام (ايل ايڇ ڊي پي) پنهنجي شروع کان انهيءَ منطق جي رهي آهي ته عوام کي وڌ کان وڌ ڄاڻ مهيا ڪجي ته جيئن اهي پنهنجي معاملن ۽ ڪارگذارين کي بهتر ۽ پائيدار انداز سان نه رڳو هلائي سگهن، پر ان مان لاڀ به حاصل ڪري سگهن. ميرپورخاص ۾ سال سوا کان هلندڙ ”پاڻي جي حقن جو تحفظ ۽ آبادگارن لاءِ ان جو استعمال“ منصوبي تحت اها اشد ضرورت پئي محسوس ٿي ته پائيدار زراعت متعلق نه رڳو ميرپورخاص بلڪ پوري سنڌ جي آبادگارن لاءِ فصلن ۽ زراعت متعلق ڪو اهڙو ڪتاب آڻجي جنهن مان ملندڙ زرعي ڄاڻ جي آڌار تي هو نه رڳو پنهنجا فصل ۽

آباديون بهتر ڪري سگهن بلڪ پوري صوبي ۾ پائيدار زراعت کي بہ هٿي وٺرائي سگهن. اهائي سوچ اسانکي زرعي يونيورسٽي جي پروفيسر سائين مٺل سان ويچار ونڊڻ لاءِ ويهاري ٿي. سائين مٺل ڪنهن بہ تعارف جو محتاج ناهي ۽ هو يونيورسٽي ۾ شاگردن کي زراعت پڙهائڻ سان گڏ مختلف اخبارن، رسالن ۽ معلومات عام جي ٻين وسيلن ذريعي سنڌ جي آبادگارن کي زراعت متعلق معلومات ڏيندو رهيو آهي. مختلف اخبارن ۾ لکيل سائين جا سوين مضمون انهي ڳالهہ جي ثابتي آهن. ايل ايڇ ڊي پي پاران ڇپجندڙ هن ڪتاب ۾ بہ سائين پائيدار زراعت لاءِ بهترين ۽ ڪارائتي معلومات ونڊي ٿو جنهن ۾ ”آبادگارن کي پنهنجي بقا لاءِ سوچڻ گهرجي“ ”فصل لهڻ کانپوءِ بچندڙ باقيات بيڪار نہ آهي“ ” موسمي تبديلي ۽ ان جا زراعت تي اثر“ ۽ ” کوبہ ٻوٽو يا وڻ فضول ناهي، زمين جو ذرو بہ واندو نہ ڇڏيو“ جهڙا ڪارائتا عنوان شامل آهن، اتي ئي سائين ڪڻڪ، سارين، جوئر، ووڻئڻ، ڪمند ۽ ڀاڄين جي پوکائي کان ويندي فصل لهڻ تائين بهترين رهنمائي پڻ ڪري ٿو. اميد تہ اداري جي هي ڪاوش سنڌ جي آبادگار دوستن کي ضرور پسند ايندي ۽ اهي ان ڪتاب مان ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا.

**اقبال حيدر**
ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر
لاڙ هيومنٽيرين اينڊ ڊولپمنٽ پروگرام

# مهاڳ

زراعت ٻين سيني سائنسي توڙي غير سائنسي علمن کان وڏيڪ اهميت جو حامل عملي علم ۽ بي مثال پيشو آهي. ڇو ته زراعت سان لاڳاپيل هر هڪ فرد، ان جي ڪٽنب، ڪُڙم، قبيلي سميت، ڪنهن به هڪ قوم يا هڪ ملڪ جي ئي نه، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود هر ملڪ ۽ ان جي قوم جي هر فرد کي جيئڻ لاءِ خوراڪ کپي. خوراڪ لاءِ کائڻ توڙي پيئڻ جي ڪم ۾ ايندڙ هر هڪ کاڌي ۽ پيئڻ جي عام سادي پاڻي توڙي هر مشروب جو دارومدار، سڌيءَ توڙي اڻ سڌيءَ طرح زراعت تي آهي. ڇاڪاڻ ته ڌرتيءَ جي گولي تي ساوڪ يعني ٻوٽا ۽ وڻ هوندا، ته موسم موافق رهندي. موسم موافق رهندي ته آبهوا بهتر رهندي. بهتر آبهوا ۾ ئي موسم ۾ گهربل ردوبدل ۽ برساتون ممڪن آهن. جيڪڏهن برساتون وسنديون ته پاڻي مهيا ٿيندو، پاڻي ميسر هوندو، ته ٻوٽا ۽ وڻ پاڻمرادو به ڦٽندا ۽ وڌندا، ته انهن کي پنهنجي مرضي موجب پوکي، سنڀالي، اپت حاصل ڪري سگهبي. ان سڄي عمل کي به زراعت چئبو آهي، ته کاڌ پيت لاءِ گهربل اهي شيون، جيڪي اناج مان، منافعي وارن فصلن مان، تاندوري وارن فصلن، تيلي ٻجن، دالين، ڀاڄين، مصالحه وارن فصلن ۽ ميون مان نه ملنديون آهن، ته اهي پکين ۽ جانورن مان حاصل ڪبيون آهن. جن لاءِ داڻو پاڻي ۽ چاري وارا گاهه به زراعت وسيلي ئي ممڪن آهن. جڏهن ته خود پکين ۽ جانورن جي پرورش ۽ پالنا به زراعت ئي ته آهي.

پنهنجي ملڪي سطح، توڙي سنڌ جي آباديءَ جو وڏو حصو به زراعت سان لاڳاپيل آهي. انگن اکرن موجب سنڌ جي ٽوٽل ايراضي 14.09 ملين هيڪٽر آهي، جنهن جو 62 سيڪڙو خشڪ سالي جو شڪار ريگستان يا ڪوهستان وارو ٿر ۽ جابلو علائقو (Arid zone) آهي. ٽوٽل ايراضي مان صرف 5.76 ملين هيڪٽر ايراضي يعني ٽوٽل ايراضي جو 40.88 سيڪڙو پوک هيٺ آهي. 8.27 ملين هيڪٽر ايراضي غير آباد پئي آهي. 0.69 ملين هيڪٽر ايراضي ۾ ٻيلا آهن، جيڪي تيزي سان ختم

ٿيندا پيا وڃن. 1.37 ملين هيڪٽر ايراضي پوک ڪرڻ جهڙي نہ ئي سهي، پر گهٽ وڌ پاڻي يا برسات جي مدد سان پوک ڪرڻ جهڙي آهي.

هڪ طرف آدمشماريءَ ۾ مسلسل واڌ ۽ ٻئي طرف موسمي حالتن ۾ بي اطميناني ۽ پاڻي جي کوٽ سبب، دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ خوراڪ جي تمام گهڻي کوٽ، بلڪ انتهائي ڏکائيندڙ ڏڪار واري صورتحال اڳ ۾ ئي آهي. ڪجهہ سالن کان موسمي تبديلين جي ڪري برسات نہ ٿيڻ سبب خوشحال زرعي ملڪ بہ پاڻي جي کوٽ جو شڪار ٿي رهيا آهن يا وري اوچتو ججهيون برساتون ٿيڻ ۽ طوفان اچڻ سبب زراعت کي هاڃا رسڻ جي ڪري پڻ، خوراڪ مسئلو بنجندو پيو وڃي.

موسمي حالتن، پاڻي، فصلن ۽ باغن جي پوک، انهن جي سنڀال، انهن مان محفوظ طريقي سان اپت حاصل ڪري، ان کي سنڀالڻ، سانڍڻ، کتب آڻڻ ۽ زراعت سان لاڳاپيل ٻيا سڀ مسئلا ۽ مونجهارا، زرعي تعليم ۽ عملي تربيت وسيلي ئي حل ڪري سگهجن ٿا. ان لاءِ هر ملڪ پنهنجي ڪوشش ۾ رڌل آهي. سنڌ ۾، سنڌ جي زراعت جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ گهربل ذميواري جو دارومدار سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام تي آهي. جتان پڙهي نڪتل زرعي تحقيق ۽ توسيع سميت مختلف سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن وسيلي، زراعت ۾ گهربل مثبت تبديلي آڻي رهيا آهن. ان لاءِ اڃان بہ وڌيڪ وسيلا هجڻ تمام ضروري آهن. ان هوندي بہ، بهرحال سنڌ جي زرعي صورتحال اطمينان جوڳي نہ ئي سهي، پر اڃا گهڻي ڳڻتي واري حالت بہ نہ آهي.

سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام، جتي داخلا حاصل ڪندڙ شاگردن جي تعليم ۽ تربيت ڪرڻ ۾ رڌل آهي، اتي شاگردن سان گڏوگڏ آبادگارن سميت زراعت ۾ عملي سکيا جا خواهشمند پڻ، مختلف تربيتي سلسلن معرفت عملي سکيا حاصل ڪري رهيا آهن. ان سان گڏوگڏ، جيتوڻيڪ يونيورسٽي ۾ ٿيندڙ تحقيق جا اخذ ڪيل نتيجا، انگريزي ٻولي جي مخصوص زرعي سائنسي تحقيقي جرنلس ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا، پر هتي جا محقق استاد آسان سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ پڻ، نهايت ئي مفيد معلوماتي زرعي مضمون لکي، اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپرائي، آبادگارن جي رهنمائي بہ ڪندا رهن ٿا. نہ صرف ايترو، پر آبادگارن جي

شڪايت تي، يونيورسٽي جا محقق استاد فرد به فرد ۽ ٽيمون تشڪيل ڏئي، انهن جي زمين ۽ جانورن جي واڙن تي وڃي، انهن جا مسئلا به حل ڪندا رهن ٿا. ان سلسلي جون با تصوير رپورٽون پڻ مختلف اشاعتي ادارن معرفت آبادگارن جي گهر ويني رهنمائي ڪن ٿيون.

زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي مختلف سرگرم محقق استادن ۾ هڪ پروفيسر محمد مٺل جسڪاڻي به شامل آهي. جيڪو مسلسل لکڻ سميت، آبادگارن جي زمين تائين وڃي، آبادگارن جي رهنمائي جو ڪم لاڳيتو ڪري رهيو آهي. سندس تحقيقي مقالا دنيا جي مجيل پيئر رويوڊ ريسرچ جرنلس ۾ ته شايع ٿيندا ئي رهيا آهن، پر سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ لکيل سندس تحريرون پڻ، نه صرف سنڌ پر سنڌ کان ٻاهر به مختلف اخبارن ۽ رسالن معرفت، آبادگارن تائين پهچي رهيون آهن. ريڊيو ۽ ٽي وي وسيلي به آبادگارن جي رهنمائي ۾ سرگرم آهي. سندس 22 مختلف ڪتاب ۽ ڪتابچا به شايع ٿي چڪا آهن، جيڪي آبادگارن، زرعي توسيع ۽ زرعي تحقيق جي ڪارڪنن ۽ شاگردن جي مطالعي ۾ رهيا آهن.

پروفيسر مٺل جسڪاڻي جو هي ڪتاب ”زرعي سونهون (بنيادي زرعي ڄاڻ)“ ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي. پهرئين ڀاڱي ”بنيادي زرعي ڄاڻ“ ۾ ”زراعت: انتهائي اهم پشيوراڻي مهارت وارو مضمون“، ”آبادگارن ڪي پنهنجي بقا لاءِ سوچڻ گهرجي“، ”فصلن جي پيداوار ۽ بچاءُ : مسئلا، مونجهارا ۽ صلاحون“، ”فصلن ۽ باغن ۾ نقصانڪار جيتن ۽ بيمارين جي حوالي سان اڳ ڪتي جي اهميت“، ”مختلف فصل گڏائي پوکڻ“، ”خوشگوار زندگي، پاڻي، ٻوٽا ، وڻ، موسم...“، ”فصل لهڻ ڪانپوءِ بچندڙ باقيات بيڪار نه آهي!“، ”موسمي تبديلي ۽ ان جا زراعت تي منفي اثر“، ”برسات کان پوءِ زراعت جي بحالي“، ”ڪوبه ٻوٽو يا وڻ فضول ناهي، زمين جو ذرو به واندو نه ڇڏيو!“، ”زرعي مشاورت: اهميت ۽ ضرورت“ ۽ ”زرعي گريجوئيٽ ۽ خابرو ذريعا“ شامل آهن. جيڪي هر عام توڙي خاص کي زراعت جي اهميت کان آگاهه ڪرڻ لاءِ مختصر پر اهم تحريرون آهن. هنن مضمونن ۾ تمام گهڻيون ضروري ڳالهيون بحث ۾ آندل آهن. جن ۾ اهي سڀ ڳالهيون اچي ويون آهن، جيڪي آبادگار سميت آبادگار جي رهنمائي لاءِ مقرر عملي جي ڄاڻ ۾ به هجڻ

گهرجن. زرعي محققن، توسيع ڪارن، شاگردن، استادن سميت آبادگارن جي لاءِ انتهائي لايائتا مضمون آهي. اهي سڀ ڌيان سان پڙهڻ ۽ سمجهڻ گهرجن.

"زرعي سونهون (بنيادي زرعي ڄاڻ)" جي ٻئي ڀاڱي ۾ ڪڻڪ، ساريون، جوئر ٻاجهر ۽ مڪئي، وونئڻ، ڪمند، تيلي ٻج، داليون، ڀاڄيون ۽ مصالحہ، ميوا ۽ جانورن جي چاري وارا گاهہ عنوان سان مختلف باب آهن، جن ۾ "فصلوار ۽ ماهوار زرعي ڪم ڪار" ياد ڏياريل آهي. هن ڀاڱي جي بہ اهڙي ئي اهميت آهي، جهڙي عام وقت جي، عام ڪيليندر جي اهميت آهي. آبادگار وٽ جيڪو بہ فصل پوکيل هجي، ان فصل جي نسبت سان، جنهن بہ مهيني جا زرعي ڪم ڪار سارٽا هجن، هن ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي جي ترتيب ڏسي، گهربل فصل واري باب ۾ وجي، ان ۾ مهينو ڳولي، پڙهي، ڪيس هر اهم ۽ غير اهم ڪم جي يادگيري اچي ويندي.

مڪمل ۽ حرفِ آخر ڪا بہ شيءِ، ڪا بہ ڳالهہ، ڪو بہ ڪتاب نہ آهي، پر "زرعي سونهون" اهڙو گهڻ رُخو ۽ جامع ڪتاب آهي، جنهن جو مطالعو ڪري، مون کي خوشي ٿي، تہ سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ پروفيسر مـٺل جسڪاڻي جهڙا محنتي، ڄاڻ جي کاڻ، علم ورهائڻ وارا بہ آهن. جيڪڏهن هي ڪتاب پڙهي، ان مان پرايو ويو، تہ مٺل جسڪاڻي جي محنت سجائي سمجهي ويندي.

**پروفيسر ڊاڪٽر مجيب الدين صحرائي**

وائيس چانسيلر

سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام

# زرعي سونهون پروفيسر مٿل جسڪاڻي

پروفيسر مٿل جسڪاڻي پنهنجي طبيعت، سهڻي سڀاءُ توڙي سندس لکت ۾، بنهه الڳ ٿلڳ موضوع، نه صرف زراعت جي حوالي سان سڃاتو وڃي ٿو، پر هن هڪ پلوڙ شاعر، اديب ۽ ليکڪ طور پڻ پنهنجو پاڻ کي مڃرايو آهي. منهنجي هن سان نيازمندي ٻه اڍ ڏني هئي. جڏهن 1980 واري ڏهاڪي ۾، مون روزاني هلال پاڪستان ۾، زراعت تي نڪرندڙ صفحي تي، سندس مضمون پڙهڻ شروع ڪيا هئا. اهو صفحو زراعت جي حوالي سان اهم ان ڪري هو، جو زراعت سان لاڳاپيل هر مسئلي تي بحث ٿيندو رهندو هو.

سنڌ جي مٽي، پاڻي، زرخيزي، قديم ۽ جديد زراعت، فصلن جي ٻيهڪ، پيداوار ۾ گهٽ واڌ، ان جي سببن ۽ موسمي تبديلين سان گڏ زرعي ماحول، فصلن ۽ باغن، ٻوٽن، وڻن تي سائين پروفيسر مٿل جسڪاڻي لڳاتار لکندو رهندو آهي. هن زراعت سان لاڳاپيل ماڻهن، آبادگارن ۽ نوجوانن کي نه صرف اُتساهه ڏنو، پر ايتري قدر، جو هن جديد ٽيڪنالاجي واري دور ۾ پڻ، هو پنهنجي موبائل فون ۽ سماجي رابطن واري وسيلن تحت شاگردن، استادن ۽ آبادگارن جي زراعت جي مسئلن جي حوالي سان رهنمائي ڪندو رهيو آهي. هن زراعت کي فطرت سان ڳنڍيندي، نه صرف ان تي تحقيق ڪئي آهي، پر ان تحقيق جي روشني ۾، هن سنڌ جي زمين، فصلن، موسمي تبديلين کان علاوه، فصلن توڙي باغن جي پيداوار، بچاءُ ۽ ان جي نقصانڪار جيتن ۽ بيمارين جي حوالي سان پڻ اڳڪٿين ذريعي آبادگارن کي صلاحون پڻ ڏيندورهيو آهي.

آئون جڏهن 1980ع واري ڏهاڪي جي آخر ۾، ۽ سال 1995ع ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ بطور استاد جي حيثيت سان مون جوائن ڪيو ۽ جڏهن پروفيسر مٿل جسڪاڻي سان پهرين ملاقات ٿي، ته ان وقت هي مون کان سينئر ته هو، پر عمر ۾ ايڏو وڏو نه هو، جيڪو هن

جي لکڻين مان لڳي رهيو هو. ان کان اڳ ۾ پروفيسر مٺل تحقيق واري شعبي سان لاڳاپيل هو ۽ جڏهن هو زرعي يونيورسٽي ۾ استاد طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيڻ لڳو، ان وقت بہ هن پنهنجي لکڻ کي نہ ڇڏيو. نج ادبي محفل هجي يا کو زرعي يا سماجي ميڙاکو هجي، ان ۾ پنهنجو ڪردار نڀائيندو رهيو ۽ اهڙي نموني مٺل صاحب سان ملاقاتن جو سلسلو پڻ وڌندو رهيو.

پروفيسر مٺل زرعي ماهر، زرعي يونيورسٽي ۾ هڪ بهتر استاد طور سڃاپجندڙ شخصيت سان گڏ، هي هڪ بهترين زرعي ڪارڪن سان گڏ، هي پنهنجي لکڻين سان سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام جي شاگردن، استادن ۽ مختلف شعبن جي اڳواڻن، توڙي زراعت سان لاڳاپيل ماڻهن کي، پنهنجي معلومات پهچائيندو رهيو آهي.

هي بهترين اديب هوندي، هن جا بيبن موضوعن تي پڻ مواد سان گڏ ڪتاب ۽ سفرنام، جنهن ۾ "سفر بخير" پڻ پڙهندڙن وٽ مڃتا ماڻي آهي. پروفيسر مٺل جسڪاڻي 40 سالن کان مٿي، پنهنجي زندگي جي قلمي پورهئي تحت، زراعت ۾ ايندڙ تبديلين ۽ ان سان لاڳاپيل مسئلن تي تحقيق سان گڏ، جيڪا نظر رکي، جيڪا اڄا تائين جاري آهي ۽ هو مسلسل ۽ روزاني عبرت ۽ ان کان علاوه سنڌي توڙي اردو ۽ انگريزي اخبارن ۾ پڻ لاڳيتو لکندو رهندو آهي. ظاهري طور تي هي پنهنجي طبيعت ۾ سادگي سان گڏ تحقيق جي ڄاڻ ۽ منهنجي ساڻس نياز مندي ايتري رهي، جو آئون ساڻس ملندو ۽ هن جي خيالن مان مستفيذ ٿيندو رهيس. هي ڪتاب سندس ان پورهئي جو تسلسل آهي ۽ جيڪو ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي.

ڀاڱو پهريون جنهن ۾ بنيادي زرعي ڄاڻ، زراعت، جنهن ۾ زندگي، زمين، پاڻي، ٻوٽا، وڻ، موسم، جيت جڻيا ۽ انهن سان لاڳاپيل فصلن جي پيداوار، مسئلن ۽ انهن جي حل سان گڏ، نوجوانن لاءِ روزگار جا زريعا شامل آهي. جڏهن تہ ڀاڱي ٻئي ۾ فصلوار ۽ ماهوار زرعي ڪم ڪار سان گڏ، سنڌ جي اهم فصلن جن ۾ ڪڻڪ، ساريون، جوئر، ٻاجهر ۽ مڪئي، وونئڻ، ڪمند، تيلي ٻج، داليون، ڀاڄيون ۽ مصالحہ، ميوا ۽ جانورن جي چاري وارا گاهہ شامل آهن.

هن وقت زراعت ۾ وڏيون تبديليون اچي چڪيون آهن، پر سنڌ جي ان پراڻي ۽ جديد زراعت تي، ڪنهن به ماڻهوءَ جي نظر نہ رهي آهي. آئون سمجهان ٿو تہ سائين منل جسڪاڻي جي ڪيل زرعي پورهئي تحت، هن ڪتاب جي انتهائي اهم ضرورت آهي، تہ جيئن اسان جا نوجوان شاگرد، زراعت سان لاڳاپيل ماڻهو توڙي آبادگار، زراعت جي بنيادي ڄاڻ ۽ زراعت جي پيداواري جزن ڪي سمجهڻ ۾ ڪارائتو ثابت ٿيندو.

هن وقت اهم مسئلو صرف پاڻي نہ آهي، پر ان سان گڏ اصلوڪن ٻجن جو ائين اوچتو گم ٿيڻ ۽ انهن جي جاءِ تي وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ ٻج اچڻ ڪان پوءِ واري صورتحال تي بحث ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ تہ سڄي دنيا صاف خوراڪ لاءِ تحقيق ڪري رهي آهي. هاڻي اسان وٽ اهڙا ٻج اچي ويا آهن، جيڪي انساني صحت لاءِ بہ نقصانڪار آهن. خاص طور تي ڪڻڪ، سارين، ٻاڄين، دالين ۽ ميوي جي نون ٻجن سان اسان جڻ تہ اصلوڪا ٻج وڃائي چڪا آهيون. يقيني طور تي اهو اناج بہ ناهي، جنهن سان ڇُوري، ڪُتي، ٻُصرين، تس تي نهندڙ سيوين ۽ انهن جي تياري، مناس، ذائقي ۽ ان سان جڙيل ثقافتي رنگ ڪي محسوس ڪري سگهجي. هي ڪتاب يقيني طور انهن سڀني گم ٿيل شين ۽ سنڌ جي پوري ثقافت جي تبديلي ڪي بحث هيٺ آڻيندو. سنڌ جي پراڻي ۽ جديد زراعت جو ذڪر نڪرندو، تہ سنڌ جي اها پراڻي ثقافت بہ بحث هيٺ ايندي، جنهن ۾ پروفيسر منل جسڪاڻي جي بقول تہ زراعت فطرت ۽ جماليات ڪي گهڻو ويجهو آهي ۽ ان ڪي سمجهڻ لاءِ هي پنهنجو مٿو پڻ اچو ڪري چڪو آهي. آئون سمجهان ٿو تہ زرعي ليکڪ سائين منل جسڪاڻي، سنڌ جي مٽيءَ سان ناتو نڀايو آهي. اهو هن جي هزارين مضمونن سان گڏ، هن ڪتاب ڪي پڙهي سمجهي سگهبو. آئون هن محبوب ليکڪ ڪي مبارڪون ڏيان ٿو ۽ اميد ڪريان ٿو تہ سندس هي پورهيو، سنڌ جي زراعت سان گڏ پراڻي ۽ نئين زراعت ۽ ان ۾ ٿيندڙ تبديلين ڪي سمجهڻ ۾ مدد ڏيندو.

**پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر**
ڊائريڪٽر يونيورسٽي ائڊوانسمينٽ اينڊ فنانشل اسسٽنس
سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام

# پنهنجي پاران

پنهنجي پاران لکڻ لاءِ ايترو مواد آهي، جو لکندس ته جيترو هن ڪتاب ۾ آهي، اوترو ٻيو به لکجي ويندو. ان ڪري نه لکڻ بهتر ٿو سمجهان. ان هوندي به ايترو لکڻ ضروري سمجهان پيو، ته مون نور نچويو آهي. لکيو آهي. ڪارائتو سمجهان پيو. پڙهندڙ پڙهندا، پرائيندا، ته منهنجي محنت سجائي ٿيندي.

هيءُ ڪتاب ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي. پهريون ڀاڱو مون ويجهڙائي ۾ لکيو آهي. جنهن ۾ ”بنيادي زرعي ڄاڻ“ جي حوالي سان، قديم ۽ جديد زراعت تي بحث ڪندي، نه صرف بنيادي ۽ ضروري زرعي معلومات ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، پر ان سان گڏوگڏ اڄ ڪلهه جي اهم زرعي مسئلن جي نشاندهي ڪندي، انهن جي حل لاءِ گهربل ڄاڻ ڏيڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي اٿم. جڏهن ته ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو ”فصلوار ۽ ماهوار زرعي ڪم ڪار“ تي مشتمل آهي. جنهن ۾ فصل ڪي باب ۽ ان باب ۾ سال جو هر مهينو عنوان طور ظاهر ڪري، ان مهيني ۾ ٿيڻ وارا ممڪن ضروري زرعي ڪم ياد ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ٻيون ڀاڱو جيتوڻيڪ مون ڳچ سال اڳ لکيو هو، پر ان کي نئين سئين سڌاري ۽ وڌائي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ان حد تائين به، ته جڏهن اهو ڀاڱو مون لکيو هو، ان زماني ۾ ڪڻڪ جي پوک ڪرين تي نه ٿيندي هئي. هاڻ جي ٿيل زرعي تجربن جي روشني ۾، ڪڻڪ جي ڪرين تي پوک مان فائدا ظاهر ٿيا آهن، ته ان جي به نشاندهي ڪئي وئي آهي. اهڙي طرح، اڳ ۾ مٺي سرنهن (ڪينولا) جي پوک نه ٿيندي هئي، پر هاڻ ان جي پوک ٿيڻ شروع ٿي آهي، ته ان حوالي سان پڻ معلومات ڏني وئي آهي.

آئون سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مجيب الدين صحرائي جو دل سان ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجي قيمتي وقت مان ڪجهه گهڙيون ڪڍي، ڪتاب پڙهي، مهاڳ لکي ڏنو.

پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر جا قرب، جنهن پڻ ڪتاب پڙهيو ۽ ڪتاب سميت پڙهندڙن آڏو مون کي بہ متعارف ڪرايو.

عبدالرسول عباسي واندو هوندي بہ واندو نہ هوندو آهي. هن تمام ٿورڙي وقت ۾، تمام سٺو ٽائيٽل ڊزائين ڪري ڏنو. آئون سندس تمام گهڻو ٿورائتو آهيان.

"ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي"، منهنجي خيال ۾ ڪتاب لکڻ مسئلو نہ آهي، ڪتاب ڇپرائڻ وڏو مسئلو آهي. هي ڪتاب لکجي تہ ويو، پر ڇپرائڻ مسئلو ٿي پيو. ان لاءِ آئون "لاڙ هيومنٽيرين اينڊ ڊولپمينٽ پروگرام (LHDP)" سٽ جو ٿورائتو آهيان، جن جي مالي سهڪار سان هي ڪتاب ڇپجي سگهيو. سهڪاري سٽ جي ساٿي عبدالله سراز جا ٿورا نہ ٿورا، جيڪو هر مرحلي تي هڪ ڀانهن ٻيلي طور سهڪاري رهيو.

منهنجي وڏي فرزند اظهار مٺل جسڪاڻي جي کهڙي ڳالهہ ڪريان. سندس ئي زور ڀرڻ تي منهنجو هيءُ ٻيو ڪتاب اوهان جي هٿن تائين پهچي رهيو آهي. منهنجا فرزند وقار مٺل جسڪاڻي ۽ ابصار مٺل جسڪاڻي سدائين منهنجون لکڻيون ڪمپوز ڪندا رهيا آهن. هي ڪتاب پڻ انهن ئي ڪمپوز ڪيو آهي. سندن بہ ٿورا. ابرار مٺل جسڪاڻي منهنجو ننڍو پُٽ آهي. ننڍو هجڻ ناتي، مون سميت وڏن ڀائرن ۽ ڀين گهر ڀاتين جا مختلف ننڍا وڏا ڪم، سندس ذميواري ۾ رهندا پيا اچن ۽ پاڻ بہ بهتر نموني نڀائيندو پيو اچي. ان ڪري پڻ مون کي لکڻ ۾ سهوليت رهي. آئون سندس بہ ٿورائتو آهيان.

ڳاڻيٽي ۾ اچي سگهندڙ منهنجي ڪارڪردگي ۾، منهنجي ڪٽنب جو وڏو عمل دخل آهي. "سيني" گهر ڀاتين جو ساٿ وسارڻ جهڙو نہ آهي. جهڙو بہ آهيان، سمورن ڀاتين سميت ڀاءُ علي جسڪاڻي جي قرب ۽ قربانين جي ڪري آهيان. سندن متعلق لکڻ لاءِ گهربل لفظ نہ آهن.

پڙهندڙن وٽان مثبت موٽ منهنجي تربيت بہ ڪندي ۽ ايندڙ ڪتاب جو سبب بہ بڻبي. ان جو اوسيئڙو رهندو.

**محمد مٺل جسڪاڻي**

# زراعت: انتهائي اهم پشيوراڻي مهارت وارو مضمون

ٻوٽا ۽ وڻ، جيڪڏهن پنهنجي مرضيءَ سان پوکجن، سنڀالجن، انهن مان اپت وٺجي، ته ان سلسلي جي هر ڪرت کي مجموعي طور زراعت چئبو آهي.

ماڻهوءَ مت ۾ ايندي ئي ٻوٽا ۽ وڻ ڏسي ٿو، اهي ٻي ترتيب ۽ ترتيب ۾ پسي ٿو، ڏسندي ڏسندي وڏو ٿي وڃي ٿو، وڏو ٿي ائين سمجهندو آهي، ته زراعت انتهائي سليس آهي، پر ائين هوندو نه آهي.

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ماڻهو ڏسي پرائي ٿو، پر خبر تڏهن پوندي آهي جڏهن...

ڪڏهن ڏاٽو ڪٽي استعمال ڪري ڏسجي، خبر پئجي ويندي.

توڙي جو هاڻي ڏاندن (ڍڳن) وسيلي هر ڪاهڻ گهٽجي ويو آهي، پر جڏهن ٽريڪٽر نه هئا ۽ هر جوڙي سان ڪاهبا هئا، تڏهن جن ٻه هر جي مُنئي ۾ هٿ وڌو هوندو، ان کي ئي خبر هوندي، ته ان ڪنهن ڏاند کي وڍيو يا پاڻ ڪِري ڦٽيو؟

ڪوڏر جو ڪم ڏسندي تمام سولو ته لڳي ٿو، پر ڪرڻ سان خبر پوندي ته پير ڪٿان ڪٽجي پيو، وڍجي پيو؟

ڪهاڙي يا ڪهڙو ٻه زرعي اوزار، يا اوزار ڪانسواءِ وارو هر ڪم، صرف ڏسڻ ۾، محسوس ڪرڻ ۾ ئي سولو آهي، پر سولو نه آهي!

زراعت فطرت کي گهڻو ويجهو آهي، جماليات کي گهڻو ويجهو، تمام گهڻو ويجهو آهي.

آئون ڄائو نپنو ته زرعي ماحول ۾ آهيان ئي، پر وڏي ويجهي، وڏو ٿي، اڃو مٿو ٻه زراعت ۾ ڪيو اٿم.

ماڻهو آهن سي زراعت جي هر شعبي ۾ خود کي ماهر سمجهن ٿا، پر مون تمام گهڻا زرعي ڪم هر هاريءَ وانگر ڪيا آهن، ميٽرڪ پاس ڪري پهرين زراعت پڙهيم، پوءِ ٻه رٽائرمينٽ جي آخري ڏهاڪي ۾ ٻه، مسلسل زراعت سان لاڳاپيل آهيان، پر زراعت ۾ منهنجو هڪ مخصوص

شعبو آهي، ان ۾ مون کي پلي ته گهٽ کان گهٽي ڄاڻ هجي، ذاتي طور عملي تجربو هجي، پر سچ ته ڪي ئي گهٽيون ڳالهيون، ڪي ئي گهٽا عمل اهڙا به آهن، جن کان مون کي پڪ آهي ته آئون اڻ واقف آهيان.

هڪ طرف سچ هيءَ آهي ته آئون شاگرد هجڻ واري وقت کان زرعي مضمون لکندو پيو اچان. ايم. ايس. سي جو شاگرد هئس، پنهنجي هم ڪلاسيءَ سان گڏجي حيدرآباد ويس. گڏ هلندي ڳالهه نڪتي لکڻ جي، مون ان هم ڪلاسي کي چيو لکڻ تمام سولو آهي. ۽ پوءِ اسان ۾ تقرار ٿي پيو. ان ڪري فيصلو اهو ٿيو، ته هو مون کي ڪاغذ وٺي ڏيندو، اسان ٻئي ڪجهه دير راڻي باغ ۾، ڪنهن پارڪ ۾ ويهنداسين، آئون زرعي مضمون لکندس، اهو ڪنهن اخبار کي ڏيندس، ڇپبو. جيڪڏهن ائين ٿيو ته آئون درست، نه ته منهنجو اهو هم ڪلاسي صحيح... پوءِ اسان عمل ڪيو، مون هلندي گهمندي موضوع ڳولي ورتو، لکيو، اهو اخبار ۾ به ڇپجي ويو. منهنجي ان عمل مان ائين لڳو ته زراعت ٻين لاءِ پلي ته ڪجهه ڏکيو مضمون هجي، پر منهنجي لاءِ نه هوندو... پر ائين آهي ڪو نه...

زراعت انتهائي اهم، سنجيدو، ڌيان طلب موضوع، پشيوراڻي مهارت وارو مضمون آهي. مون کي اهڙي دعوا نه ڪرڻ گهرجي هئي، جهڙي مون شاگردي واري زماني ۾ ڪئي. جيڪو زراعت کي سولو سمجهي ٿو، جيڪو زراعت ۾ خود کي هر فن مولا سمجهي ٿو، اها ان جي سندي سوچ ۽ سمجهه آهي.

***

آبادگار ٿا توڙ نيائين،
جيڪو به ٿا پوکين،
سو ئي ٿا پچائين!

**مٺل جسڪاڻي**

# آبادگارن کي پنهنجي بقا لاءِ سوچڻ گهرجي

”اتم کيتي، وڏندڙ واپار، نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار“ کان ڪير انڪار ڪندو؟ آئون ته نه ٿو ڪري سگهان.

اتم کيتي سان لاڳاپيل آبادگارن، هاڻي واپارين جي ور چڙهي، پنهنجي پير تي سنڌائتا ڪهاڙا هڻڻ شروع ڪيا آهن، ڪين ڪير چوي؟ مون کي اهڙو اختيار آهي به الاءِ نه، پر دل تي چيئي ته سندن خدمت ۾ عرض ڪريان.

آبادگار ڀائرو، جيڪي پيرسن حال حيات آهن، اهي موجوده زراعت تي عدم اطمينان جو اظهار ڪندي، جيڪي جيڪي به ڳالهيون ڪن ٿا، انهن ۾ شڪ جي گنجائش نه آهي. بيشڪ اڳي ڪڻڪ جي ماني هجي يا چانور، خوشبوءِ، ذائقي ۽ رنگت جي لحاظ کان، اڄ ڪلهه جي ڪاڄندڙ ڪڻڪ ۽ چانورن کان وڌيڪ موهيندڙ هوندا هئا. اهو به درست آهي، ته شروع شروع ۾، هٽرادو نموني تيار ڪيل ڪيميائي ياڻ، مفت ۾، زمين تي پهچايو ويندو هو، ته جيئن آبادگار استعمال ڪري، ان جو فائدو ڏسن. پوءِ اهو تمام ٿورن پئسن ۾ وڪرو ٿيندو رهيو، تان جو آبادگارن ۾ اهي ڪيميائي ياڻ استعمال ڪرڻ جو ايترو رجحان وڌي ويو، جو هاڻي ذري گهٽ هر ياڻ مهانگي ملهه باوجود، بليڪ تي وڪرو ٿيڻ جا اطلاع عام آهن.

شروعاتي دور ۾ ماڻهن، پالتو جانورن ۽ پکين توڙي فصلن ۾ نقصان رسائيندڙ جيتن ۽ بيمارين جي جراثيمن تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڦڪين تي گذارو ڪيو ويندو هو ۽ تجربيڪار طبيب جي هر ڦڪي فرق ڪندي هئي ۽ اڄ به علاج معالج جو اهڙو طريقو نه صرف رائج آهي، پر گهڻين صورتن ۾ سستو ۽ فائديمند به آهي.

آبادگار دوستو، اهي سڀ حقيقتون آهن ۽ هيءَ به هڪ ڪڙي حقيقت آهي ته اڳي جي ڀيٽ ۾ هاڻي سائنس به ترقي ڪئي آهي، پر وٽ

واپار جون اٽڪلون ۽ حرفتون به تمام گهڻيون تبديل ٿي ويون آهن، ٿينديون رهنديون.

واپار لاءِ وڏندڙ هجي ۽ جاري به هجي، پر زراعت جي حوالي سان هلي پيل واپار جا مختلف رخ اوهان کي نظر ۾ رکڻ گهرجن ۽ انهن تي ويچارڻ به اوهان جو ئي بنيادي ڪم آهي. جيڪڏهن اوهان اڪ نه پٽي، ته پوءِ اتم ڪيتي وارو تصور پاڻ ڄاڻ ختم ٿي ويندو. مهرباني ڪري اوهان اتم ڪيتي کي اتم رهڻ جي ڪوشش ڪريو.

آبادگار ساٿيو، اوهان کي عرض هي ڪرڻو اٿم، ته في ايڪڙ پيداوار وڌائڻ وقت جي اڻ ٽر تقاضا آهي. اوهان لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري، لاءِ محنت ۽ سيڙهپ ڪري، في ايڪڙ پيداوار وڌائڻ جا سڀ جتن ڪريو، پر سائنسي حقيقتن کي به نظر ۾ رکو.

اڄ ڪلهه جيڪي فصلن جون نيون جنسون عام وڪري ۾ آهن، انهن تي ٿورو ڌيان ڏيو، ته اهي جنسون اوهان جو صرف حال بهتر ڪنديون يا اوهان جو مستقبل به انهن ئي جنسن ۾ آهي؟

جنهن جنهن به فصل جون نيون جنسون مختلف ملڪن مان گهرايون وڃن پيون، انهن تي وڌيڪ، تمام وڌيڪ ڌيان ڏرڻ جي ضرورت آهي. جنهن لاءِ اوهان کي ٻه مثال ڏيڻ تمام ضروري ٿو سمجهان.

پهريون مثال ڪيلي جو ڏيندس. اوهان ماضي بابت معلومات حاصل ڪريو، پاڻ وٽ ڪيلي ۾ ڇڳي نما چوٽيءَ واري وائرس (بنانا بنچي ٽاپ وائرس) بيماري نه هئي. اها بيماري پاڻ وٽ ڪنهن اهڙي شخص متعارف ڪرائي، جنهن کي بهترين زراعتدان جو شرف ماڻي، انعام، اڪرام، اعزاز، ناماچاري حاصل ڪرڻ جو خفت هو. اهو شخص ان ۾ ڪامياب به ويو، پر هو ٻاهرئين ملڪ مان اهڙو ڪيلو ڪٽي هتي پهتو، جنهن اها خطرناڪ بيماري ڦهلائڻ جو ڪم ڪيو ۽ هاڻي پاڻ کي سدائين ان خطري کي منهن ڏيڻو پوندو. هن بيماري جي ڪري في ايڪڙ خرچ ۽ محنت به وڌيڪ جاري رکڻي پوندي، نه ته ڪيلو بهتر پيداوار ته ڇا، بي احتياطي ڪبي ته هڪ به ڦري نه ملندي.

ٻيو مثال ٽماٽي سميت مختلف ڀاڄين وارن فصلن جو ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان. اوهان جيڪي ٽماٽو ۽ ڀاڄيون پوڪيندڙ آبادگار

آهيو، اهي واضح طور ڄاڻو ۽ سمجهو ٿا، جيڪي اهي فصل نه پوکيندڙ آبادگار آهن، انهن کي ٻڌايو ۽ سمجهايو، ته هاڻي اوهان کي مڪمل طور تي، پرڏيهي ٻجن تي ڀاڙڻو پيو پوي! ڇاڪاڻ ته اوهان وٽ انهن فصلن جي ڪنهن به مقامي جنس جو ٻج موجود نه آهي. جيڪڏهن اوهان وڏندڙ واپار ڪندڙ واپارين کان، سندن مرضي واري اگهه تي، سندن مرضي واري جنس جو ٻج حاصل نه ڪندا، ته اهي فصل پوکڻ لاءِ هاڻي اوهان وٽ ٻج به نه آهي!؟

هي به مثال ڏيڻ ڪانپوءِ آئون پنهنجي ان عرض ڏانهن ايندس، جيڪو مون کي ڪرڻو آهي.

آبادگار ڀائرو، ڪيتي اتم آهي ۽ واپار وڏندڙ. واپارين اوهان جي اتم ڪيتي کي نوڪري کان به نيچ ڪري، پنڻ واري گس تي هلائڻ جا مختلف حربا استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏنا آهن. اوهان کي ان بابت ويچارڻ گهرجي، اوهان کي اوهان جي ئي بقا لاءِ سوچڻ ۽ ڪا بهتر حڪمت عملي جوڙڻ گهرجي.

اوهان جو مسئلو به هاڻي سرڪاري ۽ غيرسرڪاري اسڪول وارو نظام ٿيندو پيو وڃي! اوهان جو سرڪاري زرعي ادارن تي ويساهه گهٽبو پيو وڃي ۽ نجي واپاري ماڻهو ۽ تنظيمون اوهان کي پنهنجي ڪوڙڪي ۾ ڦاسائيندا پيا وڃن. هاڻي جيئن عام ماڻهو جو سرڪاري صحت مرڪزن تان ويساه کڻايو ويو آهي ۽ خانگي اسپتالن ۾ ڪاروبار کي عروج تي پهچايو ويو آهي، ساڳئي طرح زراعت کي به يرغمال ڪرڻ جون ڪوششون، جيئن پوءِ تيئن تيز ۽ تيز تر ٿي رهيون آهن. جڏهن ته اوهان پلي مذاڪرا ڪرايو، ثبوتن سان حوالا حاصل ڪريو، جهڙي ريت غير سرڪاري تعليمي ادارن مان اجا سرڪاري ادارن جهڙي بهتر ڪارڪردگي نظر نه پئي اچي، جيئن سرڪاري اسپتالن جي ڀيٽ ۾ غيرسرڪاري اسپتالون گهٽائي لاءِ ڪجهه به نه ڪري رهيون آهن، بلڪل ساڳئي نموني ياد رکو ته واپار ڪندڙ واپاري، اوهان جي زراعت کي زور نه ٿا ونرائي سگهن. اوهان پلائي ڪري واپارين جي ور نه چڙهو. پنهنجي سرڪاري زرعي ادارن ڏانهن ورو، انهن کي پنهنجي ضرورتن موجب ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪريو، پر انهن تان ويساهه نه کڻو.

تعليمي ادارن ۽ اسپتالن وانگر زراعت ۾ به ڪي سرڪاري ادارن جا ماڻهو، ذاتي عيش عشرت لاءِ خانگي ڪم ۾ وڌيڪ دلچسپي رکندڙ، اوهان کي ملي ويندا. ان جو ڪارڻ معلوم ڪريو ۽ ان جو حل ڳوليو، پر موقعي پرستن کان پاڻ بچو، پنهنجو مستقبل بچايو. ڪٿي ائين نه ٿئي، جيئن تعليم ۽ صحت واري حوالي سان سڀ ڪجهه پاڻ لٽائڻ باوجود، اڪثريت ساڳئي حال ۾ هوندي آهي، تيئن اوهان ته پنهنجي شعبي کي تباهه نه ڪريو، ان کي بچايو.

مون کي خبر نه آهي ته هن مد ۾ مون کي ڪيترو گهرائي تائين، اوهان سان حال اورڻ جي اجازت آهي، بهرحال، اوهان ڪجهه پڙهو، اٿو ويهو، هن معاملي تي پاڻ ۾ ڪچهريون ڪريو، سڀ ڪجهه سمجهي ويندو.

***

وسن شال مينهن،
وسندا رهن مينهن،
منهنجو ٿر توڙي ڪاڇو،
خود ڪوهستان پڻ،
ملير آهي املهه،
ڪشمير آهي اصل،
اڳي جيان جيڪر،
وسندا مينهن رهن،
ماڻهو مرگهه مينهون،
پکي پکڻ سڀ،
سموري جيوت ۾ جوت اچي،
هر جيو خوش رهي،
جي وسندا مينهن رهن،
نوان نينهن ٿين...

مٿل جسڪاڻي

# فصلن جي پيداوار ۽ بچاءُ
# مسئلا، مونجهارا ۽ صلاحون

زراعت يعني فصلن جي پوک، سنڀال ۽ سانڍ، آبادي جي گهڻائي جو سڌي يا اڻ سڌي طرح روزگار جو گهڻي ڀاڱي واحد وسيلو آهي. يعني زراعت ئي جيئاپي جو اهم ذريعو آهي. ڇاڪاڻ ته پيٽ قوت لاءِ اناج، ڪاڄرو تيل، ڪمند ۽ انگ ڍڪڻ لاءِ ڪپهه (وونئڻ) ڪپي، باقي ٻيءَ ڪا بہ غير زرعي صنعت، ڪمپيوٽر، تيل، ڪوئلو يا ايٽمي بم، نہ تہ بک جي باهه ماٺي ڪري سگهندا ۽ نہ ئي ڪو اجهي جو ذريعو بنجي سگهندا.

## مسئلن ۽ مونجهارن جي جڙ

زراعت سان لاڳاپيل اڪثر ماڻهن (هاري،ڪيت مزدور ۽ زميندار وغيره) جو اولاد اک ئي زرعي ماحول ۾ کولي ٿو، جنهنڪري هو پنهنجي ٻالڪپڻ کان، ذاتي مشاهدي ۽ واهپي سببان فصل پوکڻ، سنڀالڻ ۽ سانڍڻ جي حوالي سان، پاڻ تي اجايو ججهو ڀروسو ڪري ٿو. جڏهن تہ هن جو ڪو بہ زرعي ڪم ايترو نہ ڪيل هوندو آهي، جو هو هر زرعي ڪم ۾ پڙ هجي. خود اعتمادي سٺي ڳالهه آهي پر،



پنهنجي پاڻ تي اجائي اعتماد سببان، وڏيڪ زرعي ڄاڻ ۽ عملي تجربو حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ، روايتي طريقي سان ڪيتي وارو پيشو اختيار ڪرڻ يعني پيڙهين کان زرعي پيشي سان واهپي باوجود، في ايڪڙ ججهي پيداوار تہ پري جي ڳالھ رهي، پر مناسب پيداوار حاصل ڪرڻ بہ ممڪن نہ هوندو آهي، يعني هر هاري، کيت مزدور خواھ زميندار جي، جديد زرعي حڪمت عملي کان اڻ واقفيت يا گهٽ ڄاڻ ئي، فصلن جي پيداوار ۽ بچاءُ جي سلسلي ۾ وڏي ۾ وڏو مسئلو، مونجهارو آهي، ۽ في ايڪڙ پيداوار گهٽ ملڻ جو مکيہ ۽ شروعاتي يا بنيادي ڪارڻ بہ اهوئي آهي. ٿلهي ليکي، هينيان مسئلا مونجهاري جو سبب بنيل آهن، جن کي پرکڻ، سمجهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

## جديد زرعي حڪمت عملي

فصلن جي پيداوارءِ بچاءُ جي سلسلي ۾ جيڪي بہ مسئلا ۽ مونجهارا واقع آهن، انهن کي پرکڻ، سمجهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ - ڪرائڻ واري علم ۽ عمل کي، جديد زرعي حڪمت عملي سڏڻ صحيح ٿيندو. اميد تہ هن بحث وسيلي وڌ ۾ وڌ لاڀ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

## جيءَ خوش تہ جهان خوش

هر پيشي کان پيشيور وڏيڪ اهميت جو حامل آهي. جيڪڏهن زرعي پيشي سان لاڳاپيل افرادي قوت سماجي اوچ نيچ جي ٻن پڙن ۾ پيسجندي رهي، معاشي مشڪلاتن جو شڪار ٿيندي رهي، امن امان واري مسئلي جي ور چڙهندي رهي، ڳاتي ٽوڙ مهانگائي جي دٻاءُ ۾ مزيد دٻجندي رهي، چور بازاري واري موضي مرض ۾ مبتلا رهي، زرعي ضرورت وارين شين ۽ زرعي اپت جو اگهہ مقرر ڪرڻ کان قاصر رهي، تہ پوءِ زراعت جي ترقي تہ ڇا بقاءَ بہ مشڪل آهي.

هي رواجي ريتون، رسمون ۽ تعليم طرف عدم توجهي، توڙي سائنسي ترقي کان ڪن لاٿار، هر ڪم ڪار ۾ بي ترتيبي ۽ مستقل مزاجي نہ هجڻ، اهڙيون ڇورون آهن، جن جو ڪو حتمي علاج ٿيڻ کپي.

دنيا گھڻو اڳتي نڪري چڪي آهي. اسانجي مسئلن ۽ مونجهارن جي نشاندهي، توڙي انهن کان ڇوٽڪاري جي واٽ بہ سوين ورهيہ اڳ معلوم ٿي چڪي آهي. ان ڪري هاڻ اڳتي وک کڻڻ کپي، پر افسوس! اسان وٽ تہ فصلن جو لابارو (ڪمند جي ڪٽائي) بہ صنعتڪارن ۽ واپارين جي مرضي تي ٿئي ٿي !؟

جيءَ خوش تہ جهان خوش جي فلسفي کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ، من ۾ مٺل مانڌاڻ ۽ اندر جي اڌمن جي اسرار لاءِ، اسانجي سرواڻ شاعر شاهہ ڀٽائي جا رڳو هي چند شعر ئي ڪافي ٿيندا:

سارج سيپئي، ليلان لڄڻ پانهنجا،
ورسين وڙهيو، اٿئين ڏوراپا ڏيئي،
نجاڻان ڪيهي، چنيسر جي چت ۾.

*

وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ سين،
پسو پکيئڙن، ماڻهان ميٺ گھڻو.

*

محبتي ميڙي، ڳوٺ ڀڄي هيڪڙو،
تنين جي ويڙهي، پاڻهي ايندو پاتشاهہ.

*

پاڻهي ايندم هوت، ڪجهہ آئون بہ اڳيري ٿيان،
متان ڇوي بلوچ، تہ ڪميڻي مان ڪين ٿيو.

*

گھڙيا سي ڇڙهيا، ايهين اٿيئي،
مئي متي مهراڻ ۾، پئو ٽپو ڏيئي،
تہ ميهار مليئي، سنيوڙو سيڻاهہ سين.

## اڳواٽ رٿابندي

**زمين:** زمين جي قسم ۽ خاصيت کان بخوبي واقف هجڻ جي صورت ۾ ئي، زمين آهر مناسب فصل پوکي، ججهي اپت حاصل ڪري سگهجي ٿي. **مثلا:** مٽي زمين ۾ هڪڙا تہ ڪلراٺي زمين ۾ ٻيا فصل سٺي اپت ڏيندا آهن.

**آبهوا:** فصلن جي پوک لاءِ علائقي جي آبهوا متعلق باخبر هجڻ تمام ضروري آهي، نہ تہ ربيع يا خريف جي موسم آهر فصل پوکڻ سان بہ پيداوار ۾ واڌارو آڻڻ ممڪن نہ رهندو.

**زميني کاڌ کان بچاءُ:** تيز هوائن جي ڪري مٽي هڪ هنڌان اڏامي ٻئي هنڌ گڏ ٿئي ٿي، جنهن ڪري هڪ تہ زمين ناهموار ٿي پوي ٿي ۽ ٻيو تہ زمين جو زرخيز مٿاڇرو بہ اڏامي ويندو آهي، تنهنڪري زمين کي ساهي ڏيڻ بدران، مناسب ڦيرڦار، سان فصل پنيان فصل پوکبا رهجن يا جڏهن نئون فصل پوکڻو هجي تڏهن، گند گاهہ ۽ ٻيون جهاڙيون ڪڍي زمين کي خالي ڪجي.

**صفائي:** فصل پوکڻ کان اڳ گندگاهہ ۽ جهاڙيون ضرور ڪيڻ گهرجن، پر جيتوڻيڪ وڻن هيٺان ۽ وڻن جي آسپاس فصل پلا ڪونہ ٿا ٿين، تنهن هوندي بہ وڻ وڍڻ ۽ ختم ڪرڻ بلڪل سٺو ناهي. ڇو تہ وڻ بہ اسان جي بنيادي گهرج ۾ شامل آهن. اهي وڻ ئي تہ ماحول کي صاف سٿرو ۽ موسمن کي ضابطي ۾ رکن ٿا.

**پاڻي جي رسد:** ميسر پاڻي جو ليکو چوکو ڪري، پيچ وارو يا بوسي فصل پوکڻ جو فيصلو ڪرڻ باوجود، ريج توڙي فصل جي واڌ وارن نازڪ مرحلن دوران گهربل پاڻي جي رسد کي بہ يقيني بنائجي.

**زمين جي زرخيزي بحال رکڻ:** لڳاتار ساڳي زمين ۾ هڪ ئي فصل پوکيندو رهڻ بدران، واري سان، مختلف فصل اهڙي ترتيب ۾ پوکجن، جو هڪڙي دفعي ڊگهين ـــ اونهين پاڙن وارا تہ ٻئي پيري ننڍين پاڙن وارا فصل پوکجن يا ڀهرين بنا ڦرين وارا تہ پوءِ ڦرين وارا فصل پوکجڻ

ڪي اهميت ڏجي. سائو ڀاڻ، وٿاڻ جو ڀاڻ ڏيڻ ۽ گهٽ ۾ گهٽ هر ٽئين سال هڪ اونهو هر چيزل پلو سان ڏجي، تہ جيئن زمين جي اٿل پٿل بہ ٿئي ۽ زرخيزي بہ بحال رهي.

**ڀاڻ جو بندوبست:** زمين جي زرخيزي بحال رکڻ لاءِ وٿاڻ جو ڀاڻ يا سائو ڀاڻ استعمال ڪرڻ سان گڏوگڏ زمين جي خاصيت ۽ فصل جي گهرج آهر، هٽرادو ڪيميائي ڀاڻ ڏيڻ ضروري هجن، تہ انهن جو بہ اڳواٽ بندوبست ڪري ڇڏجي.

**روڪ رقم:** مختلف زرعي ڪم وقت سر اڪلائڻ لاءِ گهربل تجربيڪار ۽ تربيت يافتہ ڪيت مزدورن جي اجوري وغيره لاءِ، توڙي زرعي ضرورت جون مختلف شيون مثلاً: ڀاڻ يا ٻج ۽ زرعي دوائون وغيره وٺڻ لاءِ بہ، روڪ رقم جو اڳواٽ انتظام رکڻ جي بہ وڏي اهميت آهي.

**زرعي زهرن جو ميسر هجڻ:** مختلف فصلن ۾، مختلف قسم جا جيت جڻا، بيماريون ۽ گندگاهہ نقصان جو سبب بنجن ٿا، جن تي ضابطو آڻڻ لاءِ گهربل زرعي زهرن جي يقيني دستيابي بہ ضروري آهي.

**زرعي اوزار:** زمين جي تياري، فصلن جي پوک، فصلن ۾ گڏ ڪرڻ، دوائن جي استعمال ۽ لاباري وغيره دوران، مختلف زرعي اوزار گهربل هوندا آهن. اڳواٽ رٿابندي تحت، هر گهربل زرعي اوزار، اڳواٽ يا وقت سر ملڻ جي پڪ ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن هر ڪم صحيح وقت تي، صحيح طريقي سان، مناسب محنت ۽ لاڳت ذريعي مڪمل ٿي وڃي ۽ في ايڪڙ پيداوار گهٽ ملڻ جو هي ڪارڻ ٽري وڃي.

**پوکي لاءِ ايراضي طئي ڪرڻ:** ڪي فصل گهٽ تہ ڪي وڌيڪ محنت ۽ لاڳت گهرن ٿا، انڪري ميسر وسيلن جهڙوڪ زمين جي قسم، زرعي اوزارن، پاڻي، ٻج، ڀاڻ، زرعي دوائن، ڪيت مزدورن ۽ روڪ رقم جي پيش نظر يعني وسيلن آهر ايراضي جو حدف طئي ڪرڻ ئي دانشمندي ٿيندي.

**فصل جي چونڊ:** علائقي جي آبهوا ۽ ميسر زمين پٽاندر تہ فصل جو انتخاب ڪرڻوئي آهي، پر موسم آهر، آبادگار جي ذاتي ضرورت (اناج يا گاهہ وارا فصل) يا عام کپت جي حوالي سان وڻندڙ، ڪمند يا تيلي ٻج

وغيره جي چونڊ بہ ممڪن آهي. انساني آبادي (شهر يا ڳوٺ) جي ويجهڙائي واري حساب سان سايون ڀاڄيون ۽ ميوا يا پري هجڻ جي صورت ۾ دالين وارا فصل وغيره، آمد و رفت جي سهوليت پٽاندر فصل پوکڻ جو فيصلو ڪجي.

**جنس جي چونڊ:** زمين جي قسم آهر، اهڙي جنس پوکجي، جنهن ۾جيتن ۽ بيمارين خلاف قوت مدافت بہ هجي ۽ ٿوري محنت ۽ ٿوري لاڳت مان ججهي اپت بہ ڏياري.

**صحتمند ۽ نج ٻج جو انتظام:** اسي سيڪڙي کان وڌيڪ ڦوٽهڙي جي صلاحيت رکندڙ صحتمند ۽ نج ٻج جو بندوبست ڪجي يا وقت سر ٻج کي بيمارين جي جراثيمن کان آجو ڪري مناسب مقدار ۾ پوکڻ جو انتظام ڪجي.

## زمين جي تياري ۽ پوک

**منداڻتي پوک لاءِ وقت سر تياري:** هر فصل پنهنجي پنهنجي موزون مند ۾ پوکڻ سان ئي بهتر پيداوار ڏئي ٿو، پر اهو تڏهن ممڪن آهي، جڏهن زمين جي تياري بہ وقت سر ڪري وٺجي. جنهن لاءِ بنيادي ڳالهيون هيٺ ڏجن ٿيون.

**زمين کي ڀنجهو بنائڻ:** زمين کي ايترا ڀيرا هر ۽ سنهور ڏجي، جو گهٽ ۾ گهٽ نوَ انچ اونهائي تائين زمين نرم ۽ ڀوري ٿي وڃي، تہ جيئن منجهس پاڻي جذب ڪرڻ جي صلاحيت وڌي ۽ پاڙون سولائي سان هيٺ اونهيون وڃي سگهن.

**زمين کي هموار ڪرڻ:** ناهموار زمين ۾ پاڻي ڪٿي تمام گهڻو بيهندو تہ ڪٿي ڪونہ بہ پڄندو، ٻئي صورتون نقصانڪار آهن، البت هموار زمين ۾ هڪ ڪرو پاڻي بيهڻ سببان هر ٻوٽي کي پنهنجي حصي جو پاڻي ملندو تہ فصل ڀلو ٿيندو.

**ٻارابندي ۽ ناليون:** ٻارا ۽ ناليون اهڙي ترتيب ۾ ناهجن جو هر ٻاري کي ڏارڏار ۽ هر ٻوٽي تائين ضرورت مطابق پاڻي پهچي سگهي، تہ جيئن فصل ڀلو ٿئي ۽ اپت ججهي ملي.

**پوک جو طريقو:** ٻج جي ناڙي، ڇٽ ڪيرڻ، گهڙٻي، ڪرين تي يا اوڙن ۾ پوک، ٻيجارو رونبڻ يا ڇڪيون ٽڏاري پوکڻ وغيره، جنهن ۾ مناسب طريقي سان فصل پلو ٿئي، ان مطابق پوکجي.

**ٻج جو مقدار:** زمين توڙي فصل جي قسم، پوکڻ جي طريقي ۽ وقت آهر موزون مقدار ۾ ٻج پوکڻ کي يقيني بنائڻ سان پيداوار وڌندي.

**پوکي جي وڇوٽي:** هر فصل جي ٻوٽي جو پنهنجو قدبت ۽ پکيڙ ٿيندي آهي. ان لحاظ کان، موزون مفاصلي تي ڇدو يا گهاٽو، جيئن مناسب رهي، صحيح وٿي تي ٻوٽا رکجن، ته جيئن پلا ٿين ۽ بهتر پيداوار ڏين.

**ٻج پوکڻ لاءِ اونهائي:** ڪي ٻج گهڻا اونها ته ڪي وري بلڪل مٿاڇري تي پوکڻ سان پلا ڦٽندا آهن. ان ڪري ٻج جي خاصيت آهر پوک ڪجي.

## فصل جي سارسنڀال

**ڇدائي:** گهٽي گهاٽي فصل جي ڇدائي ڪري، انهن جي هر حصي تائين ڀرپور هوا ۽ روشني وغيره پهچائڻ سان پيداوار وڌندي.

**پاڙن تي مٽي چاڙهڻ يا لاهڻ:** ڪن فصلن جي پاڙن ۾ توڙي اڪثر ميويدار ٻوٽن يا وڻن جي پاڙن وٽان مٽي چاڙهڻ يا وري لاهڻ سان ٻوٽا يا وڻ زور وٺن ٿا ۽ پيداوار وڌيڪ ڏين ٿا. ان ڪري اِهو ڪم به ضرور انجام ڏجي.

**پاڻي ڏيڻ:** اونهاري ۾ گهڻو ۽ سياري ۾ ٿورو، پر زمين جي قسم ۽ فصل جي واڌ وارن نازڪ مرحلن دوران، جڏهن به ۽ جيترو به پاڻي ڏيڻ ضروري هجي، ڏجي.

**ڀاڻ جو استعمال:** پاڻي جيان ڀاڻ به زمين جي خاصيت ۽ فصل جي گهرج آهر، متوازن نموني، صحيح وقت تي، صحيح طريقي سان ڏبو، ته پيداوار وڌيڪ ملندي.

**گندگاھ ڪيڙا:** گندگاھ جا ٻوٽا فصلن جي ڪاڌ خوراڪ ۾ ڀائيوار ٿين ٿا، نقصانڪار جيتن ۽ بيمارين جي پناھ گاھ ٿين ٿا، ان ڪري جانورن جي چاري واري لالچ باوجود، فصل ۾ گاھ وڌڻ ويجھڻ نہ ڏجن.

**جيتن، بيمارين، پکين ۽ جانورن وغيره کان بچاءُ:** جيت ۽ بيماريون توڙي پکي ۽ جانور، مختلف فصلن ۾ مختلف نوعيت جو نقصان رسائين ٿا ۽ انهن تي ضابطي آڻڻ جا بہ مختلف طريقا آهن، بهرحال هر ممڪن ڪوشش ڪري، انهن تي ضابطو آڻجي ۽ واڌو پيداوار کي يقيني بڻائجي. هن باب ۾ بحث هيٺ آيل هر نقطي تي صحيح نموني ۾ عمل ڪرڻ سان جيتن ۽ بيمارين تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو.

**موسمي اثر:** حد کان وڌيڪ گرمي، سردي، تيز هوا ۽ برسات، فصلن جي لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي، انهن کان بچاءُ جا طريقا بہ دريافت ٿي چڪا آهن، جن تي عمل ڪرڻ سان پيداوار ۾ خاطر خواه واڌارو ٿئي ٿو.

## لاباري ۽ ڳاهه

لابارو، ڪٽائي، پٽ، چونڊائي يا ڪوٽائي وقت سر ۽ صحيح طريقي سان ڪجي.

سٽريون، ڪُهڙيون يا ڳنا صحيح نموني ٻڌجن يا جهوليون، ٻوريون ۽ ڪوڪا وغيره صاف سٿرا ۽ مضبوط استعمال ڪجن.

ديرو، ڪرو، دَن، ڍڳ وغيره فصل آهر، پر سڪل ۽ صاف پٽ تي ناهجي.

ڳاهه ۽ وائر لاءِ جن جن بہ فصلن وغيره جي حوالي سان مشيني طريقو دريافت ٿي چڪو آهي، اختيار ڪجي. ان سان پئسو، وقت ۽ توانائي گهٽ خرچ ٿيندي ۽ جنس جو ذيان بہ گهٽ ٿيندو آهي.

## پيداوار سانڍڻ يا بازار موڪلڻ

پيداوار کي محفوظ ڪرڻ لاءِ فصل آهر نيون ۽ صاف ڳوٿيون (ٻوريون)، ڪوڪا، ڪارا وغيره استعمال ڪجن.

هر زرعي اپت جو وقت سر نيڪال ڪجي. سايون ڀاڄيون ۽ ميوا تمام تکڙا بازار موڪلجن. ڪمند ۽ ڦٽي وغيره به ڏينهن ٻن اندر ڪارخاني پهچائجي. اناج يا ٻيءَ زرعي اپت، جنهن لاءِ وقت کي خاص اهميت ڀلي نه به هجي، پر اهي به موسمي اثر وغيرهه کان بچائڻ لاءِ، جيترو به جلد ممڪن ٿي سگهي، بازار موڪلجن يا محفوظ جاءِ ۾ گڏ ڪري رکجن.

سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.
(آمين)

***

## ڦٽين جو اگهه!

نه پڇ اگهه ڦٽين جو،
گذر ٿئي پيو،
الله ڏئي پيو،
دنيا کي منهن ڏيندا سين،
نه پڇ اگهه ڦٽين جو!

هيل ارادا هئا ججها،
هئي شادي ڪرڻي،
مون کي منهنجي پُٽ جي،
ڦٽيون مزي جون نه ٿيون،
نه پڇ اگهه ڦٽين جو!

پهرين هو مسئلو ٻج جو،
پاڻي به پئي رهيو مسئلو،
پوءِ وقت تي ياڻ نه مليو،
جيتن به ڪيو حملو،
نه پڇ اگهه ڦٽين جو!

ڦٽين جو چونڊو شروع آهي،
لاهيارو ملي پيو ڏاڍو ڏکيو،
چونڊاڻي جي چيٽي به تيز آهي،
آخر سيني جو گذر آهي،
نه پڇ اگهه ڦٽين جو!

گذر ٿئي پيو،
الله ڏئي پيو،
اهو ئي ڀلو ڪندو،
دنيا کي منهن ڏيندا سين،
نه پڇ اگهه ڦٽين جو!

مٺل جسڪاڻي

# فصلن ۽ باغن ۾
# نقصانڪار جيتن ۽ بيمارين جي حوالي سان
# اڳ ڪٿي جي اهميت

جيڪي آبادگار آهن، اهي عملي طور ڄاڻن ٿا، ته سندن پوکيل فصلن ۽ باغن ۾، مختلف قسم جا نقصانڪار جيت ۽ بيمارين جا جراثيم حملو ڪندا رهن ٿا، جنهن ڪري ڪڏهن ٿورو، بلڪ تمام ٿورو، اڻ لکو نقصان ٿيندو آهي، ته ڪڏهن وري گهڻو، تمام گهڻو نقصان به ٿيندو رهيو آهي! ان حد تائين به، ته جيڪا زمين جي تياري تي محنت ڪئي، جيڪو خرچ ڪيو، ان ڪان پوءِ فصل پوکي، ان جي مناسب سار سنڀال ڪندي، پاڻي ۽ پاڻ به ڏنو، گُڏ يا ڌَڙ به ڪئي، پر جڏهن فصل پيداوار ڏيڻ واري عمر ۾ پهتو، ته اوچتو، ڪڏهن ڪهڙو ته ڪڏهن ڪهڙو جيت، يا جيت نه ته ڪا بيماري، ته ڪڏهن وري ڪو جيت ۽ بيماري گڏجي، فصل جي تياري واري آخري عمر ۾، فصل ۾ ايترو ته نقصان ڪيو، جو پيداوار به نه ملي! ان جو مطلب ته سڄي محنت، سموري مُوڙي به ٻُڏي ويندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته وري حملي آور جيتن ۽ بيمارين تي ظابطي آڻڻ لاءِ ٿيندڙ اضافي خرچ ۽ محنت به اجائي ويندي آهي!

اهڙين حقيقتن جي ڪري ”فصلن ۽ باغن ۾ نقصان ڪندڙ جيتن ۽ بيمارين جي حوالي سان اڳ ڪٿي جي اهميت“ ڪان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن آبادگار پائر، ٿوري به وڌيڪ سُڌ ٻُڌ رکن، معلومات حاصل ڪن، خبردار رهن، محنت ڪن، ته هو نه صرف اڻ لکي نقصان ڪان، پر وڏي هاڃي ڪان به بچي سگهن ٿا.

ان سلسلي ۾ بنيادي ضرورت ان امر جي آهي، ته آبادگار کي اها خبر هجڻ گهرجي، ته ڪنهن به فصل خواهه باغ ۾، ڪهڙو به جيت يا بيماري، ڪهڙي اهم سبب جي ڪري حملو ڪري، نقصان جو سبب

بنجي ٿو؟ ڇاڪاڻ ته پيڙهي در پيڙهي، زراعت سان لاڳاپيل هر هاري توڙي زميندار پڻ، جيڪڏهن روايتي طور اڻ پڙهيو آبادگار آهي، ته ان کي ايتري به ڄاڻ نه آهي، ته ڪنهن به فصل يا باغ ۾، ڪو به جيت يا بيماري، تڏهن حملو ڪري ٿي، جڏهن پوکيل جنس ۾ قوت مدافعت به نه هوندي، فصل يا باغ واري علائقي ۾ نقصان جو سبب بنجندڙ جيت يا بيماري به موجود هوندي يا سولائي سان ڪٿان به اچي سگهندي ۽ آبهوا (ڏينهن جو عرصو، هوا، گرمي پد ۽ گهم وغيره) به اهڙي هوندي، جنهن ۾ حملي آور جيت توڙي بيماري، فصل يا باغ کي نقصان رسائي سگهي. هن ڳجهه کي سمجهڻ لاءِ تصوير ۾ ڏيکاريل ٽڪنبي کي سمجهڻ جي تمام گهڻي اهميت آهي. ان ٽڪنبي ۾ جيڪڏهن ڪا هڪ ڪنڊ به خالي هوندي، ته ڪو به جيت يا ڪا به بيماري، فصل يا باغ کي




نقصان نه پهچائي سگهندي.

ڪنهن به فصل يا باغ کي، ڪنهن به جيت يا بيماري جي ڪري، ممڪن نقصان جي حقيقت، ان ٽڪنبي مان واضح آهي، ته فصلن ۽ باغن ۾ نقصان ڪندڙ جيتن ۽ بيمارين جي حوالي سان، موافق موسم جو وڏو عمل دخل آهي. ان ڪري موسمي اڳ ڪٿي جي تمام گهڻي اهميت هجڻ باوجود، ان جي به اهميت آهي ته: آبادگار کي اها به خبر هجڻ گهرجي، ته جنهن علائقي ۾ هو فصل پوکي ٿو، يا باغ لڳايو آهي، ان علائقي ۾ ڪهڙا ڪهڙا نقصانڪار جيت يا ڪهڙيون ڪهڙيون بيماريون موجود آهن، يا اڻ ڪوٺيل مهمان وانگر اچي ڪڙڪنديون آهن!

جيڪڏهن آبادگار کي سندس علائقي ۾ مسئلو پيدا ڪندڙ جيتن ۽ بيمارين جي صحيح ڄاڻ هوندي، ۽ اها به خبر هوندي، ته فصل يا باغ ۾ ڪهڙو جيت يا ڪهڙي بيماري، ڪهڙي موسمي حالت ۾ نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿي، ته آبادگار ان نسبت سان بچاءُ، ظابطي يا خاتمي لاءِ اُپاءُ وٺندي، پنهنجي فصل يا باغ ۾ نقصان ٿيڻ کان محفوظ رهي سگهندو.

اهي حقيقتون سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته پاڻ ڪجهه مثال به ڏيون...

زرعي ماهرن سميت سجاڳ آبادگارن کي به خبر آهي، ته گهميل ۽ نيم گرم يعني وچولي موسم ۾ اڃي مڪ، سست مهلو ۽ چست مهلو، فصلن کي نقصان پهچائي ٿو، جڏهن ته خشڪ موسم ۾ ٽڙڙو فصلن کي نقصان رسائي ٿو. وونئڻن ۾ نقصان ڪندڙ گلابي ڪيئون، انهن علائقن ۾ وڌيڪ نقصان ڪري ٿو، جن علائقن ۾، گلابي ڪينئون هڪ دفعو حملو ڪري چڪو هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته وونئڻ وڏي، وونئڻاٿيون ٻارڻ طور ڪم آڻڻ لاءِ زرعي زمين ۾ ئي يا زرعي زمين جي ويجهو گڏ ڪري رکيون آهن، جن ۾ اهي گوگڙا به هوندا آهن، جن ۾ گلابي ڪينئون موجود هوندو آهي. يا وري گلابي ڪينئون ٻن ڪڪڙن جي وچ ۾ لڪي رهندو آهي. ان ڪري ڪپهه ٽاٽڻ وارن ڪارخانن ۾ ٻنا ڪڪڙا، گلابي ڪينئين جي پناهه گاهه بڻبا آهن. اهي ڪڪڙا ٻج وارن ڪڪڙن ۾ شامل ٿي، وونئڻ پوکجڻ دوران، فصل واري زمين ۾ وري ايندا آهن. اڳ ڪٿي لاءِ، ان قسم جي ڄاڻ، معلومات پڻ اهم آهي.

فصلن کي نقصان رسائيندڙ بيمارين جا، جيڪڏهن مثال ڏجن، ته ڪڻڪ ۾ رتي واري بيماري، اتر جون هوائون لڳڻ سان، ڪڻڪ جي فصل تائين پهچي ٿي، پر ان جو حملو تڏهن ظاهر ٿيندو آهي، جڏهن فصل واري علائقي ۾ گهم وڌيل هوندي آهي ۽ فصل به ڇهڇ سائو هوندو آهي. انبن ۾ اڃي سينور واري بيماري گهڻو ڪري جنوري کان مارچ وارن مهينن ۾، انبن جي ٻور ۽ ننڍڙين انبڙين ۾ ظاهر ٿيندي آهي. سال جي باقي عرصي ۾ ڪٿي به نظر نه ايندي آهي، پر بيماري پيدا ڪندڙ ڦنگي، يعني فنگس، انبن جي باغن ۾ موجود هوندي آهي، پر بيماري لاءِ گهربل آبهوا نه هجڻ ڪري، بيماري نه لڳندي آهي.

متئين بحث مان معلوم ٿيو تہ فصل ۽ باغ ۾ جيت ۽ بيماري جي حملي سان آبهوا، يعني موافق موسم جو وڏو عمل دخل آهي، ۽ سچ اهو آهي تہ ان حوالي سان پاڻ وٽ چند اهم فصلن ۽ باغن جي چند وڏيڪ نقصانڪار جيتن ۽ بيمارين ڪانسواءِ، هر فصل ۽ باغ کي نقصان پهچائيندڙ، هر هڪ جيت ۽ بيماري جي حوالي سان ڪو گهڻو ڪم نہ ٿيو آهي. ان ڪري زرعي محققن کي ان مد ۾ تحقيق ڪرڻ جي صلاح ڏيڻ ضروري آهي، پر فصلن ۽ باغن ۾ جيتن ۽ بيمارين جي ڪري ٿيندڙ نقصان جي معاشي حد جي حوالي سان پڻ ڪا خاطر خواهہ تحقيق نہ آهي، ان مد ۾ پڻ گهربل حد تائين تحقيق ٿيڻ گهرجي. جڏهن تہ زرعي محققن، ماهرن ۽ آبادگار ڀائرن لاءِ ڪجهہ وڏيڪ ۽ خاص صلاحون حاضر آهن.

- فصلن ۽ باغن کي ڪي جيت ۽ بيماريون، هر موسم ۾، هر سال نقصان پهچائينديون رهن ٿيون، ڪي وري ڪنهن سال هونديون آهن، تہ ڪنهن سال نہ هونديون آهن، ڪي پنهنجي علائقي ۾ تہ نہ هونديون آهن، پر آس پاس، پاڙي پتي مان، ڪڏهن بہ اچي سگهن ٿيون. ان ڪري سدائين نقصان جو سبب بنجندڙ، توڙي امڪاني، نئين جيت يا بيماري متعلق معلومات هجڻ گهرجي.
- پاڻ کي خبر هجڻ گهرجي تہ ڪهڙو مسئلو ٿي سگهي ٿو؟ مثال طور پکين جي ڪري جهار جو مسئلو، چمڙن يا ڪوئن جو مسئلو، جهنگلي ۽ پالتو جانورن جو مسئلو، جيتن يا جوئنن جو مسئلو، بيمارين جو مسئلو وغيره وغيره.
- مسئلي جو سبب بنجندڙ جيت يا بيماري جي صحيح سڃاڻپ جيتري ڄاڻ هجڻ گهرجي.
- اها خبر هجڻ گهرجي تہ نقصانڪار جيت يا بيماري ڪان بچاءُ، ان تي ظابطي يا ان جي خاتمي آڻڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي.
- وڏيڪ سگهڙ صلاح اها آهي، تہ آبادگار کي روزاني روز نہ سهي، هفتيوار فصل جو معائنو ڪري، ان جون يادگيريون پاڻ وٽ لکي رکڻ گهرجن. ائين ڪرڻ سان، هر ايندڙ سال، گذريل سال جون يادگيريون ساري، خود آبادگار بہ اها اڳ ڪٿي، اهو فيصلو ڪري

سگهندو، تہ هن جي فصل يا باغ ۾ ڪهڙي جيت يا بيماري جو ڪڏهن امڪان آهي؟

بهرحال، مختلف قسم جا جيت ۽ بيماريون، مختلف قسم جي فصلن ۽ باغن کي نقصان پهچائيندا رهيا آهن، انهن کان بچاءُ، انهن تي ضابطي ۽ انهن جي خاتمي لاءِ، اڳ کتي جي تمام گهڻي اهميت آهي. ان سان هڪ تہ اڳواٽ رٿابندي ڪندي، ممڪن خرچ ۽ گهربل اوزارن جو اڳواٽ انتظام ڪرڻ ۽ پوءِ گهربل ڪم ڪرڻ ۾ نہ صرف سولائي ٿيندي، پر گهربل ڪاميابي بہ ماڻي سگهبي، تہ امڪاني نقصان کان بچاءُ بہ ممڪن ٿي سگهندو.

***

# هر ڪو پاڻ بچائي

جيڪو گاهہ گندو،
ختم نہ آهي ڪبو،
اهو وڌو بہ ٿيندو،
ٻج بہ ڪندو،
آخر پڪڙبو بہ
ڦهلبو بہ ضرور...،
جتي جتي،
آهي ڦٽو،

گاهہ گندو،
سست هاري،
ڪن لاٿار ڪندو،
چست هاري،
وڌڻ نہ ڏيندو،
هر ڪو پاڻ بچائي،
اوهان پاڻ بچائجو...
مٺل جسڪاڻي

# مختلف فصل گڏائي پوکڻ

آبادگار پائرو، اوهان ٻه ته ٻارنهن وارو پهاڪو، چوٽي ٻڌي هوندي. اها چوٽي هر لحاظ کان لاڳائتي آهي. جڃها جهونجهار ٿيندا آهن. هڪ هٿ سان نه تاڙي ٻه نه وڄندي آهي. جڃهن ڪنئي چپر به ڪچيو وڃي. ٻڌيءَ ۾ برڪت ۽ طاقت آهي. عقل به هڪ ماڻهو جو هڪ کان وڌيڪ ماڻهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ صرف مخصوص حالتن ۾ ممڪن آهي. بهرحال، هڪ کان وڌيڪ عام فصل، توڙي ميون ۽ ڀاڄين جو فصل، ساڳئي ئي زمين ۾ ساڳئي ئي وقت پوکي ڪرڻ واري عمل کي گڏيل پوک چئبو آهي. گهڻو ڪري بصر، ڪٽڪ ۽ ڪمند جي گڏيل پوک جو عام رواج آهي. مختلف باغن ۾ مختلف فصل گڏ پوکبا آهن. ڪي آبادگار مختلف ڀاڄيون گڏ پوکيندا آهن. اهڙي قسم جي، پر بنا سوچ ويچار واري ڪاوش، دشمن جيتن ۽ بيمارين کي وڌائي يا گهٽائي سگهي ٿي. انهي لاءِ بهتر اهو ٿيندو ته هاري/زميندار، پهريان اهڙي قسم جي پوکي جو ننڍي پئماني تي تجربو ڪري يا وري ماهر سائنسدانن کان تجويزون ۽ مشورا وٺي، ان کان پوءِ اهڙو عمل ڪري، ته جيئن نقصان ٿيڻ کان بچي سگهجي.

گڏيل پوک ڪرڻ سان زمين جي هڪ دفعو تياري ڪري، صرف ان هڪ دفعي واري خرچ مان هڪ کان وڌيڪ فصلن جي پيداوار حاصل ڪري سگهبي آهي. اهڙي طرح هڪ فصل لاءِ جيڪو پاڻ ڏنو ويندو، ان ئي پاڻ جي هڪ خرچ ۽ محنت مان، ٻن فصلن جي پيداوار ملي ٿي. ساڳئي نموني هڪ دفعو گندگاهه وارا ٻوٽا ڪڍي، ٻن فصلن جي صفائي ممڪن ڪري سگهجي ٿي. هڪ ئي پاٽي تي ٻه فصل وٺي سگهجن ٿا. جيتن ۽ بيمارين کان بچڻ لاءِ جيڪي ڪوششون هڪ فصل تي ڪرڻيون پونديون، اهي ئي ڪاوشون ٻنهي فصلن کي بچائينديون.

هڪ کان وڌيڪ فصل گڏ پوکڻ سان، خدا نه خواسته ڪنهن به سبب جيڪري، جيڪڏهن هڪ فصل مان پيداوار نه ملي سگهي، ته ممڪن آهي ٻئي مان پيداوار ملي. اهڙي صورت ۾ ته اڃا به گهڻو فائدو آهي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اڪيلو فصل مڪمل طور خراب ٿي وڃي، ان

جو مطلب مڪمل نقصان ۾، پر جيڪو هڪ فصل بچي پيو، تہ ان مان ملندڙ پيداوار سان نقصان جي حد ڪي قدر گهٽ، بلڪ ڪو بہ مالي نقصان نہ ٿيڻ جا بہ امڪان واضح رهن ٿا.

آبادگار ڀائرو، ياد رکو، تہ گڏيل پوک عقلمندي، دانشمندي، تجربي جي آڌار تي ٿي فائدي ۾ ويندي، اڻ ڄاڻائي، بنا رٿابندي، بنا ڪنهن سيبتي صلاح مصلحت سان، ٻہ ٻہ يا ان ڪان وڌيڪ فصل گڏائي پوکڻ سان، شديد قسم جي نقصان واري امڪان کي بہ نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي. ان ڪري هوشياريءَ سان، صرف اهي فصل گڏائي پوکڻ گهرجن، جن مان فائدو ملڻ جا وڌيڪ امڪان هجن.

***

## ميوا پوکيو، پنهنجا وڻ پوکيو .

انب کائي،
انب جو کوئلو،
اجلي نہ ڇڏيو،
اهو ٿاندڻ تي پچائي،
کائي ڇڏيو،
صحت لاءِ سنو آهي،
ان ۾ اهڙو حياتين آهي،
جيڪو جسم ۾ گهٽ هوندو،
ڪينسر جو امڪان وڌندو،
۽ جيڪڏهن اهو حياتين،
جسم ۾ هوندو،
ڪينسر کان بچاءُ بہ ٿيندو،
ڪينسر جو علاج بہ ٿيندو.
مٺل جسڪاڻي

# خوشگوار زندگي، پاڻي، ٻوٽا، وڻ، موسم...

اهو پلي سوچجي ته ڇا لکجي؟ ڪيئن لکجي؟ پر ائين قطعي به نه سوچجي ته ڇو لکجي؟ ان ڪري ته پاڻ جنهن ماحول ۾ رهون پيا، ان ماحول جي تقاضا هيءَ آهي، ته لکجي، تمام گهڻو لکجي، جيڪو لکجي، اهو پڙهجي، سمجهجي، ٻين کي پڙهائجي، انهن کي سمجهائجي. جيڪڏهن پنهنجي سمجهه جواب ڏي، ته سمجهه وارن سان گڏ اٿجي، ويهجي، ۽ پنهنجي سمجهه وڌائجي.

مثال ڏئي لکڻ سان پنهنجي من اندر جي ڳالهه لکڻ ۾ ۽ سمجهائڻ ۾ سولائي ٿيندي آهي، ان ڪري ڪي هوائي توائي احوال نه ڪبا. اوهان جو ڌيان ڇڪرائبو، پاڻ سيني جي هڪ اهڙي بنيادي ضرورت جي حوالي سان، جنهن کي پاڻي چئبو آهي.

پاڻي اها بنيادي ضرورت آهي، جنهن جي هجڻ سان ٻيون به تمام گهڻيون گهرجون پوريون ٿيڻ ممڪن آهن. مثال طور پاڻي پيئڻ لاءِ گهرجي، پاڻي وهنجڻ لاءِ گهرجي، پاڻي صفائي سترائي لاءِ گهرجي، پاڻي هر جاندار جي اُڃ اجهائڻ لاءِ گهرجي، يعني پکين، جانورن، ٻوٽن ۽ وڻن، مطلب ته هر قسم جي عام توڙي خاص فصل ۽ باغ لاءِ به پاڻي گهرجي، گهرجي، گهرجي... ڇو ته اهي سڀ پاڻي کانسواءِ ناممڪن آهن ۽ انهن سيني کانسواءِ جيئڻ ئي نه، پاڻي بنا ته مرڻ به مشڪل، بلڪ مشڪل ترين آهي.

معاف ڪجو، منهنجو مطلب اهو بلڪل به نه آهي، ته مرڻ لاءِ ٻڏي مرڻ ضروري آهي، ۽ ٻڏڻ لاءِ به پاڻي جو هجڻ ضروري آهي، پر منهنجو مطلب آهي ته پنهنجي عمر گذاري، حياتي جا ڏينهن پورا ڪري، وفات ٿيندڙ توڙي اتفاقي، حادثاتي يا ڪنهن به صورت ۾، وقت کان اڳي يا پنهنجي عمر پوري ڪري وفات ڪندڙ جي غسل لاءِ پڻ پاڻي گهرجي.

پاڻي هر هڪ جاندار لاءِ هڪ جهڙي نموني، تمام گهڻي ضروري بنيادي گهرج آهي. اهو پاڻي ئي آهي، جيڪو هر ڪو غريب

غربو، پنهنجي وت ۽ وس آهر، پنهنجي گهر، ڪم ڪار واري هنڌ، اوطاق، مطلب ته هر جاءِ هر هنڌ تي سنڀالي رکندو آهي.

اوهان به پيئڻ واري پاڻي جي جاءِ تي، ٿانءُ ۾ پاڻي پيئڻ لاءِ، گلاس ڀڃي رکڻ ته تمام گهٽا دفعا پنهنجي اکين سان ڏٺو هوندو، هدايتي ڳالهيون ڪندي، ڪنهن جي واتان، پنهنجي ڪنن سان ٻڌو هوندو، ڪيترين ئي لکڻين ۾ پڙهيو هوندو، ان عمل جو حوالو ڏئي، پنهنجي سماج جي عڪاسي بيان ڪئي ويندي رهي آهي، پر ڳالهه صرف گلاس ڀڃي رکڻ تائين پوري نه ٿي ٿئي!

جنهن معاشري ۾ پنج ڏهه روپين وارو گلاس ڀڃي رکڻ ضروري آهي، اتي ٻيو به گهڻو ڪجهه ضروري آهي. سڀني کان اهم ۽ بنيادي ڳالهه اها سمجهڻ ۽ مڃڻ ضروري آهي، ته هر جاندار جي جيئاپي لاءِ پاڻي ضروري آهي، يعني زندگي لاءِ پاڻي انتهائي اهم آهي.

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته زندگي لاءِ جيڪو پاڻي ضروري آهي، اهو ماڻهن سميت سڀني ساهوارن کي ڪٿان ٿو ملي؟

ها ها ها... آهي نه ٻاراڻو سوال! ڪنهن کي خبر نه آهي ته پاڻي ڪٿان ٿو ملي؟ گهر لاءِ پاڻي واٽر سپلاءِ وسيلي ملندو آهي، يا وري گهر ۾ موجود کوهه، لڳل هٿ واري نلڪي، پاڻي واري موٽر مان ملندو آهي. گهر وانگر ٻين سڀني عمارتن ۾ موجود پاڻي به اهڙي ئي طريقي سان ملندو آهي. جڏهن ته فصلن لاءِ گهربل پاڻي آبپاشي واري نظام وسيلي نالي، واٽر ڪورس، شاخ، برانچ، واهه، بئراج، درياءَ مان ايندو آهي، جيڪو مٿاهين ڪان هيٺ وهي پهچندو آهي، اهو دراصل برسات وارو پاڻي آهي. جتي آبپاشي وارو اهو پاڻي پورت جيترو نه ملندو آهي يا بلڪل به نه ملندو آهي، ته اتي زمين مان پاڻي اڳي نار وسيلي، هاڻي پاڻي جي موٽرن ۽ ٽيوب ويل وسيلي حاصل ڪبو آهي. جتي اهو پاڻي استعمال جهڙو نه آهي، ته پوءِ برسات تي ياڙبو آهي، جيئن ٿر ۽ ڪوهستان ۾...

اهو پاڻي، جيڪو پاڻ کي زمين مان ملندو آهي يا وري آبپاشي واري نظام تحت پهچندو آهي، اهو سڀ دراصل برسات جو پاڻي آهي. برسات دنيا جي مختلف ٿڌن ۽ گرم علائقن ۾ وسندي آهي. ڪن ٿڌن علائقن ۾ وسندڙ برسات جو پاڻي برف ٿي جمي ويندو آهي. برف ڪٿي

نئين برسات وسڻ سان، ته ڪٽي سج جي گرمي سان ڳرندي آهي. برسات يا برف وارو پاڻي، جيئن ته پٽڙو ٿئي ٿو، ان ڪري هر هڪ پٽڙي شيءِ وانگر، پاڻي پڻ پنهنجي سطح هموار رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جنهن ڪري اوڀاريون ۽ لهواريون پاڻي ۾ حرڪت پيدا ڪنديون آهن ۽ سدائين مٿاهين ڪان هيٺ پاڻي جو وهڪرو رهي ٿو. اهو وهڪرو جيئن زمين جي مٿاڇري تي نظر ايندو آهي، ساڳئين طريقي سان زمين ۾ اندر به ٿيندو آهي.

پاڻي جڏهن وهندو آهي، ته جتان جتان گذرندو آهي، اتان اتان ڪجھ پاڻي ۾ ڳري سگهندڙ يا پاڻي ۾، پاڻي سان گڏ هلي سگهندڙ، مختلف شيون پاڻي ۾ شامل ٿي وينديون آهن، جنهن ڪري پاڻي، پاڻي هجڻ باوجود ڪٽي زندگي لاءِ گهربل معيار وارو صاف ۽ سنو پاڻي هوندو آهي، ته ڪٽي وري گدلو، گندو، لوڻياٺو، صحت لاءِ هاڃيڪار پاڻي هوندو آهي.

خراب پاڻي کي صاف ڪري سگهجي ٿو، پر ان لاءِ به پاڻي جو هجڻ ضروري آهي. پاڻي نه هوندو ته استعمال جهڙو ڪيئن ڪبو.

بهرحال، اهو طئہ آهي ته زمين جي مٿاڇري تي، توڙي زمين ۾ اندر جيڪو پاڻي آهي، اهو اصل ۾ برساتن وسيلي ايندو آهي. برساتون اڳي تمام گهٽيون پونديون هيون. هاڻي برساتون گهٽجي ويو آهن! برساتون گهٽ وسڻ جا جڏهن ڪارڻ معلوم ڪيا ويا، ته خبر پئي ڌرتي تي اشرف المخلوقات سڏجندڙ ماڻهو، انسان، سمجھ ۽ شعور هجڻ ڪري، پنهنجي اٿڻ ويهڻ ۽ رهڻ ڪرڻ ئي نه، سندس زندگي جا قدرتي طور طريقا بدلائي، ايترو ته مصنوعيت پرست ٿي پيو آهي، جنهن جي ڇا ڳالھ ڪجي!

سائنس جهڙي حڪمت وسيلي انسان پنهنجي آرام واري زندگي لاءِ نه صرف آرام ڏياري سگهندڙ رهائشون جوڙيون آهن، پر ماڻهو جي تعليم ۽ تربيت توڙي صحت لاءِ ماڻهو تعليمي ادارا ۽ صحت مرڪز قائم ڪيا آهن. گهمڻ ڦرڻ جي سهوليت لاءِ سفر جون انيڪ سهوليتون پيدا ڪيون آهن. وندر ورونهن لاءِ گهمڻ جا ماڳ مڪان ۽ راند روند جا ميدان...

ڏسو ته ڌرتي تي ڇا ڇا نه آهي! ۽ جيڪو جيڪو ڪجهه به آهي، انهن سڀني زمين والاري آهي. اها زمين، جنهن تي سمورن ساهوارن جو هڪ جهڙو حق آهي، اها زمين، ماڻهو پنهنجي مرضي سان ڪم آڻي رهيو آهي. جنهن ڪري هي جيڪو قدرتي سرشتو هو، اهو تمام گهڻو خطرناڪ نموني سان متاثر ٿيو آهي. ان ڪري ڪيترن ئي جاندارن جا بيشمار نسل ختم ٿي ويا آهن ۽ ڪي وري اهڙا جاندار وجود ۾ آيندا رهيا آهن، جن جو اڳ ۾ موجود هجڻ جا ڪي به آثار موجود نه آهن.

جتي ٻيا جاندار متاثر ٿيا آهن، اتي ٻوٽا ۽ وڻ پڻ گهڻا متاثر ٿيا آهن. ٻوٽن ۽ وڻن کي متاثر ڪندڙ به ماڻهو ئي آهي، جنهن پنهنجي پسند ۽ ناپسند، پنهنجي ضرورت ۽ گهرج نه هجڻ جي بنياد تي، ٻارڻ لاءِ، ضرورت جي سامان لاءِ، گند گاهه سمجهي، زهريلا سمجهي، غير ضروري سمجهي، ڪيترن ئي ٻوٽن ۽ وڻن جا نسل ماڻهو پاڻ ختم ڪري ڇڏيا آهن. جيڪي به ٻوٽا ۽ وڻ بچي سگهيا آهن، انهن لاءِ هاڻي يا ته زمين نه آهي، ڇو ته اتي عمارتون ۽ رستا ٺهي ويا آهن، يا وري پاڻي نه آهي.

پاڻي لاءِ برسات ضروري آهي ۽ برسات لاءِ چون ٿا وڻڪار، يعني ٻوٽا ۽ وڻ ضروري آهن. ٻوٽا ۽ وڻ ماڻهو پنهنجي مرضي سان، تيزي سان وڍي ختم ڪري رهيا آهن ۽ تمام گهڻي غفلت، سستي، ڪاهلي، بي سمجهي جي ڪري، صرف ڪي ٿورا ماڻهو، ٻوٽا ۽ وڻ سنڀالي يا وڌائي رهيا آهن.

ٻوٽن ۽ وڻن جو تناسب خراب ٿيڻ جي ڪري موسم ۾ تمام گهڻيون تبديليون اچي ويون آهن. جن مان برسات جو گهٽ پوڻ، ڪٿي نه پوڻ ته ڪٿي گهڻي پوڻ ۽ ڪٿي گهُٽ ۽ ٻوسٽ رهڻ، ته ڪٿي وري تمام گهڻا تيز ۽ خطرناڪ طوفان واريون حالتون برپا ٿيڻ، ڪڏهن تمام گهڻي، شديد ٿڌ يا گرمي ٿيڻ، ته ڪڏهن وري ٿڌ يا گرمي جي اثر ۽ عرصي ۾ گهاٽي واڌي، اهي سڀ دراصل ٻوٽن ۽ وڻن جو تناسب خراب ٿيڻ جو نتيجو آهي.

ان سلسلي ۾، فرد جي حيثيت ۾، مون کي ڇا ڪرڻو آهي، ان جي مون کي پروڙ هجڻ گهرجي. ٻئي کي ڇا ڪرڻو آهي، اها ان ٻئي کي خبر هجڻ گهرجي. مون کي يا ٻئي کي، صرف پنهنجي ذات جو ئي فڪر

هجڻ گهرجي يا هر ساهواري جو هڪ جهڙو خيال هئڻ گهرجي. اهو اڄ جو اهم سوال آهي. فڪر جو لمحو اهو آهي ته صحيح ۽ غلط ۾ فرق معلوم ڪرڻو آهي. غلط کان بچڻو آهي. صحيح ڪرڻو آهي. جيڪڏهن ائين ڪري سگهبو ته ٻوٽا ۽ وڻ وڏائڻ، انهن کي بچائڻ، اهڙو ڪو خاص مسئلو نه آهي. ٻوٽا ۽ وڻ بچي پوندا ته موسمي تبديلي، جيڪا جيئن پوءِ تيئن هاڃيڪار ٿيندي پئي وڃي. ڪڏهن سي ۾ ساڙي ٿي، ڪڏهن لڪ ۾ ٻاري ٿي. ڪڏهن گهٽ ۽ ٻوسٽ، ڪڏهن طوفان ته ڪڏهن طوفاني برسات يا وري ڪڏهن خشڪ سالي، ان کي هڪ ساريڪو ڪري سگهي ٿو. ائين ڪبو ته برساتون هڪ ساريڪيون ٿينديون، برساتون هڪ ساريڪيون ٿيون ته پاڻي جون گهرجون پوريون ٿينديون، پاڻي جي ضرورت پوري ٿيندي، ته زندگي خوشگوار گذرندي.

***

جيڪو تون ٻج ڇٽين پيو،
اهو پهرين ڏِس ته سَهي،
بلڪه پهرين تون اهو،
چڪاس ڪرائي وٺ،
ڪنهن ڄاڻُوءَ کان،
پوکڻ جي ڪر تنهن کان پوءِ.

مٺل جسڪاڻي

# فصل لهڻ کانپوءِ بچندڙ باقيات بيڪار نہ آهي!

اوهان، اسان پاڻ سڀ ڏسندا رهيا آهيون تہ عام طور فصلن مان زرعي ضرورت واريون شيون يعني اناج يا ٻج ۽ ميوو حاصل ڪرڻ، ڪمند مان لنيون حاصل ڪرڻ، گجر ۽ گوگڙو جون پاڙون حاصل ڪرڻ کانپوءِ، باقي بچي ويل فصلن جي باقيات کي غير ضروري سمجهي، ساڙيو ويندو آهي! پر ڇا، ڪڏهن ڪنهن سوچيو آهي تہ فضول سمجهي ويندڙ فصلن جي ان باقيات کي ساڙڻ بهتر آهي يا هرن وسيلي زمين ۾ ملائڻ سان فائدو ٿيندو؟

سچ هيءُ آهي تہ فصل لهڻ کانپوءِ بچندڙ باقيات بيڪار نہ آهي، ان کي ساڙڻ سان فائدو ڪو بہ نہ، رڳو نقصان ئي نقصان ٿيندو آهي. وڏي ۾ وڏو نقصان باهہ ڏيڻ سبب اٿندڙ دونهي ۽ وڌندڙ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جيڪري ماحولياتي گدلاڻ جو آهي. جڄهي ۾ جڄهو تصور ڪيو ويندڙ فائدو هيءَ آهي، تہ زمين ۾ نظر ايندڙ ڪک پن ۽ سمورو ڪچرو جلديءَ ۾ سڙي وڃي ٿو، جنهن ڪري زمين صاف ٿي ملي ٿي ۽ اتي موجود جيت جڻا بہ مري مات ٿي وڃن ٿا!

ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ڪجهہ نقصانڪار جيتن ۽ فصلن جي خطرناڪ وچڙندڙ بيمارين کان بچاءُ لاءِ خود زرعي ماهر بہ صلاح ڏيندا آهن، تہ فصل لهڻ کانپوءِ، فصل جي باقي بچيل باقيات کي ساڙي ڇڏجي، پر ان ۾ بہ وڏاءُ نہ آهي تہ ان جو سائنسي بنيادن تي صحيح تجزيو ڪري، پوءِ باقيات کي ساڙڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ هيءَ بہ سورنهن جا ٻتيهہ آنا سچي حقيقت آهي تہ فصلن جي باقي بچي ويل باقيات کي ساڙڻ ۽ ٻاهر ڦٽي ڪرڻ بدران، هر وغيره ڏئي، فصلن جي باقيات کي زمين ۾ ملائبو تہ، ان ۾ مختلف قسم جا جيت، ڪينئان ۽ ٻيا خوربيني جيوڙا پيدا ٿيندا، جيڪي فصل جي باقيات کي نامياتي مادي، يعني فصل لاءِ گهربل خوراڪي جزن ۾ تبديل ڪندا. نتيجي طور ڪمزور ۽

ٽڪل زمين جي زرخيزي بحال ٿيندي، معنيٰ زرعي ڪيميائي ڀاڻ استعمال ڪرڻ جي ضرورت نہ رهندي. چاڪاڻ تہ زرعي سائنسي تجربن مان خبر پئي آهي، تہ زمين ۾ فصل جي باقيات ڇڏڻ، سائي ڀاڻ وارا فصل پوکي ۽ سائي ڀاڻ طور ملائڻ، وٿاڻ جو ڀاڻ استعمال ڪرڻ سان ۽ انهن سيني شين کي وڏيڪ ڪارائتو ڪندڙ " نامياتي جزا " استعمال ڪرڻ جي نتيجي ۾ نامياتي ڀاڻ نهي پوي ٿو. جنهن ۾ هڪ اندازي موجب هڪ سيڪڙو نائٽروجن، 15 سيڪڙو فاسفورس ۽ 5 سيڪڙو پوٽاش هوندي آهي. ان حساب سان رڳو هڪ مينهن جو ڇيڻو، هڪ سال ۾ گڏ ڪري استعمال ڪرڻ سان 80 ڪلوگرام نائٽروجن، 120 ڪلوگرام پوٽاش ۽ 10 ڪلو گرام فاسفورس ڀاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿو، جنهن ۾ 36 مختلف قسم جا ٻيا خوراڪي جزا پڻ مختلف مقدار ۾ موجود هوندا آهن. ان نسبت سان هڪ مينهن مان حاصل ٿيندڙ ڀاڻ هڪ ايڪڙ ۾ فصل جي پوک لاءِ ڪافي آهي. اهڙي ريت ٽن نامياتي ڀاڻ ۾ 22 پائونڊ (اندازي طور 11 ڪلوگرام) نائٽروجن، 11 پائونڊ (اٽڪل ساڍا 5 ڪلوگرام) فاسفورس ۽ 33 پائونڊ (ساڍا 16 ڪلوگرام) پوٽاش موجود هوندي آهي، يعني 10 ٽن نامياتي ڀاڻ جي طاقت هڪ ٽن مصنوعي ڀاڻ جي برابر آهي، جنهن ۾ سراسري واري حساب سان نائٽروجن ۽ پوٽاش سميت ڪجهہ ٻيا خوراڪي عنصر بہ وڏيڪ مقدار ۾ موجود هجن ٿا (حوالو: سنڌ زراعت، مئي 2008، ص 18).

وٿاڻ جي ڀاڻ ۽ ٻئي زرعي خواهہ صنعتي ڪچري جي مدد سان حاصل ٿيندڙ نامياتي ڀاڻ جي 10 ٽن جي قيمتن ۽ زرعي ڪيميائي ڀاڻ جي هڪ ٽن جي قيمت جو ڪاٿو ڪريو، روڪ ڏوڪڙن جي بہ بچت ٿيندي ۽ ملندڙ زرعي اپت بہ ڪيميائي عنصرن کان صاف ۽ پاڪ ملندي. مختلف تحقيقاتي تجزين مطابق قدرتي يعني نامياتي پوک مان هيٺيان فائدا ٿيندا آهن.

ٿوري خرچ سان زمين جي زرخيزي بحال ٿي سگهي ٿي. زمين ۾ پاڻي جذب ڪري، گهڻي عرصي تائين وٽ جهلڻ جي خاصيت وڌي ٿي.

زمين نرم ٿيندي، تہ هوا جو گذر ٿيندو ۽ منجهس ٻيءَ مثبت قدرتي تبديلي ايندي.

زميني ڪاڌ ڪان بچاءُ ٿيندو.

حياتياتي عمل يعني فائديمند جيت ۽ خورد خوراڪي جيوت وسيلي زمين جي خاصيت تي مثبت اثر پوندو.

ٻوٽن جون پاڙون بهتر نموني ڦهلجي، ٻوٽي کي وڌ ۾ وڌ طاقت پهچائينديون.

ڪيميائي ياڻ جي بچت سان گڏوگڏ جيوت کي پهچندڙ نقصان کان بچاءُ ٿيندو.

انسان ۽ ماحول دوست جيوت کي ڪوبہ نقصان نہ ٿيندو، پر سندس پرورش ٿيندي، منجهن واڌارو ايندو، جنهن سان نقصانڪار جيتن، ڪينئن ۽ بيمارين جي جراثيمن تي توڙي گندگاهہ وارن ٻوٽن تي ضابطو ايندو.

قدرتي يا نامياتي پوک لاءِ ڪيميائي ياڻ بدران نامياتي ياڻ استعمال ڪرڻ سان فصلن کي نقصان رسائيندڙ جيتن، ڪينئن، بيمارين ۽ گندگاهہ وارن ٻوٽن تي بہ ضابطو اچي وڃي ٿو، پر خدا نہ خواستہ ڪو مسئلو پيدا ٿي پوي، تہ پهرين احتياط علاج کان بهتر وارو انمول اصول اپنائڻ گهرجي، يعني منڊائتي پوک ڪجي، قوت مدافعت رکندڙ جنسون پوکجن، ٻوٽن جي وچ واري وٿي مناسب رکجي، گڏ ۽ دڙ ڪجي وغيره وغيره. پوءِ بہ نقصانڪار جيت، ڪينئون، بيماري يا گندگاهہ مسئلو بنجي، تہ آڳاٽي زماني کي ياد ڪندي نم، اڪ، ٻبر، تماڪ، ادرڪ، ٿوم، وغيره جو ڪاڙهو (جوشاندو) يا عرق، ست وغيره استعمال ڪجي. ان ريت، بنا ڪنهن ڪيميائي ياڻ جي، زمين جي زرخيزي بحال رکڻ وانگر، بنا زرعي زهر استعمال ڪرڻ جي، فصل کي گهڻي ڀاڱي هر نقصانڪار جيت، ڪينئين، بيماري خواهہ گندگاهہ کان بچائي سگهجي ٿو.

اسان جي معلومات ۽ عمل جو محور نامياتي پوک هجڻ گهرجي، ان ڪري جيڪي جيڪي بہ صلاحون ملن، انهن تي عمل جي ڪجي، البت انتهائي مجبوري ۽ نعم البدل نہ هجڻ جي صورت ۾، ڪيميائي ياڻ ۽ زهر استعمال ڪرڻ لاءِ بہ ضروري صلاحون ڏنل آهن،

جن تي صرف ۽ صرف مجبوري جي صورت ۾ عمل ڪرڻ گهرجي. ياد رهي ته زرعي زهر هر ساهواري ۽ ماحول لاءِ انتهائي خطرناڪ آهن، اُها ٻي ڳالهه آهي ته ڪي تمام آهستي آهستي، ته ڪي وري تڪڙو نقصان پهچائين ٿا، بلڪ زندگي کسين ٿا، ان ڪري انهن زهرن کان پاڻ بچڻ ۽ پنهنجن کي بچائڻ، هر هڪ جي جهڙي ذميواري آهي ۽ سڀني کان سولو طريقو قدرتي يا نامياتي پوک آهي.

جيڪڏهن اهو ٿورو ڌيان ۾ رکجي، ته فصلن جي غير ضروري باقيات يعني پن (پالڪ وغيره کان سواءِ)، گل (گوبي وغيره کان سواءِ)، نازڪ ڏانديون، پاڙون (گجر ۽ موري وغيره کان سواءِ)، ٻوٽي جو جيڪو جيڪو ٻه حصو، ٻئي ڪنهن ٻه ڪتب ڪونه ٿو اچي، اُهو اتي ئي زمين ۾ رهڻ ڏجي. عام طور رهيل ڪک ڪچري کي گڏ ڪري ساڙيو ويندو آهي يا فصل واري زمين مان ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي، پر زرعي ڪيميائي ياڻ ۽ زهر متعارف ٿيڻ کان پهرين، زمين جي قسم ۽ خاصيت کي نظر ۾ رکندي، ان لاءِ مناسب سمجهيو ويندڙ فصل پوکيو ويندو هو، جنهن کي سولي ٻولي ۾ قدرتي يا نامياتي پوک چئجي ته بهتر. جڏهن زمين ۾ لڳاتار، فصل پٺيان فصل پوکجڻ لڳا، ته ٻه خاص مسئلا ظاهر ٿيا. هڪ ته فصل کي نقصان رسائيندڙ جيتن، ڪينئن، بيمارين، گندگاهه جي ٻوٽن ۽ ڪجهه ٻين عنصرن ۾ اضافو ٿيو ۽ ٻيو ته زمين جي مسلسل استعمال سببان، ان ۾ فصل لاءِ گهربل خوراڪي جزن ۾ کوٽ ايندي وئي. انهن ٻنهي، يعني نقصانڪار عنصرن ۾ اضافو ۽ خوراڪي جزن ۾ ڪمي سببان، فصلن جي پيداوار متاثر ٿيڻ لڳي. جنهن ڪري زرعي سائنسدانن، انهن ٻنهي اهم مسئلن جو حل ڳوليندي، هٿرادو يعني مصنوعي طريقي سان فصلن لاءِ گهربل خوراڪي جزن کي ڪيميائي ياڻ جي صورت ۾، جڏهن ته نقصانڪار عنصرن تي ضابطو آڻڻ جي روايتي غير ڪيميائي طور طريقن کي نظر انداز ڪندي، تڪڙي بچاءُ جي لالچ ۾، زرعي زهر متعارف ڪرايا ويا. مقصد ته فصلن جي في ايڪڙ پيداوار وڌائڻ لاءِ ساڳئي زمين ۾ لاڳيو فصل پٺيان فصل پوکڻ کي ترجيح ڏيندي، زرعي ڪيميائي ياڻ ۽ زهر استعمال ڪندي،

فصل پوکڻ جي موجوده روايت جو بنياد وڌو ويو، جنهن ڪي سليس ٻولي ۾ غير قدرتي يا غير نامياتي پوک چوڻ ئي بهتر ٿيندو.

جيتوڻيڪ غيرنامياتي پوک، يعني زرعي ڪيميائي ڀاڻ ۽ زهر استعمال ڪرڻ سان في ايڪڙ پيداوار ۾ ته ڪنهن حد تائين واڌارو ٿيو، پر زرعي اپت نج يا خالص نه رهي. البت ان ۾ مختلف زرعي ڪيميائي ڀاڻ ۽ زهر استعمال ٿيڻ سببان، ڪجهه ڪيميائي مرڪب، بلڪ انيڪ ڪيميائي عنصر به شامل ٿي ويا. جنهن ڪري اڳاٽي زماني واري قدرتي پوک جي نتيجي ۾ ملندڙ خالص زرعي جنسن بدران، جيئن ئي ڪيميائي ملاوت واري زرعي اپت ميسر ٿيڻ شروع ٿي، ته ان جا نقصانڪار اثر، هر زرعي جنس استعمال ڪندڙ انسان سميت، هر جيوت ۽ عام ماحول تي به منفي اثر مرتب ٿيڻ لڳا.

زرعي ڪيميائي ڀاڻ ۽ زهر استعمال ٿيڻ جيڪري، هڪ طرف ماحولياتي گدلاڻ ۽ ٻيون غلاظتون وڌڻ لڳيون، ته ٻئي طرف نقصانڪار جيت، ڪينئان، بيمارين جا جراثيم ۽ گندگاهه جا ٻوٽا وغيره ختم ٿيڻ سان گڏوگڏ فائديمند جيت، زمين جي زرخيري وڌائيندڙ ۽ فصل کي نقصان رسائيندڙ عوامل تي ضابطو آڻيندڙ خورد جراثيم ۽ مختلف نمونن سان فائدو ڏيڻ وارا عام قدرتي ٻوٽا ۽ وڻ، پکي پکڻ ۽ ٻيءَ جهنگلي جيوت به، آهستي آهستي گهٽجندي ۽ ختم ٿيڻ لڳي. ان حد تائين، جو ڪجهه ڏهاڪا اڳ جو جائزو وٺڻ سان، اِهو بخوبي اندازو ٿي ويندو، ته ڪهڙي ڪهڙي مخلوق اڳي هئي ۽ هاڻي نه رهي آهي ۽ ڪنهن ڪنهن تي ڌيان نه ڏنو ويو، ته مستقبل قريب ۾ اهي به اڻ لڀ ۽ ناياب ٿي، نيست ۽ نابود ٿي ويندا!

افسوس! اسان في ايڪڙ زرعي پيداوار وڌائڻ جي لالچ ۾، اسان لاءِ فائدي جو ڪم ڪندڙ جيوت ۽ انسان ذات جي دوست جيوت کي اسان ڀاڻ، ڪيميائي ڀاڻ ۽ زرعي زهر استعمال ڪري، هٿ وٺي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ اهڙا ته هِري ويا آهيون، جو اهو سلسلو بند ٿيڻ بدران ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي. جڏهن ته سچ هيءُ آهي ته 1960 واري ڏهاڪي ۾، مفت ۾ ورهائجڻ وارو ڪيميائي ڀاڻ ۽ ٻيا ڪيميائي مرڪب ۽ متعارف ٿيندڙ زهر جو ڪاپو جنهن رفتار سان وڌيو آهي، ان جي نسبت ۾ زرعي پيداور نه وڌي سگهي آهي.

خير! سائنس مسلسل جدوجهد وارو عمل آهي. نتيجو وقتي ٻه، ته دائمي فائديمند يا نقصانڪار به دريافت ٿي سگهي ٿو. حقيقتون ٽڪرجيون ٻه، ته دير سان به سامهون اچن ٿيون. زرعي ڪيميائي ڀاڻ ۽ زهرن جي استعمال واري غيرنامياتي پوک جي شديد نقصانن جي به نشاندهي ٿي چڪي آهي. ان ڪري جنهن سائنس جي نتيجي ۾ اهي شيون فائديمند سمجهي متعارف ڪرايون ويون هيون، ان ئي سائنس جي نتيجي ۾ هاڻي انهن جي استعمال کي روڪڻ، اسان جي ۽ اسان جي ايندڙ نسلن لاءِ انتهائي اهم ٿي پئي آهي. تنهنڪري فصل جي قدرتي يعني نامياتي پوک وارو ساڳيو طريقو عمل ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي. جنهن لاءِ ڪنهن به خدشي يا پريشاني جي به ڪا ضرورت ڪانهي. صرف صحيح کي صحيح سمجهندي، درست عمل جي ضرورت آهي.

جيڪڏهن ٿورو به ماضي بابت واقفيت حاصل ڪجي، ته اڳي وار ڦير تحت پوک ڪبي هئي، جنهن ۾ ڪجهه عرصي لاءِ زمين کي خالي به ڇڏيو ويندو هو. هينئر جيتوڻيڪ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آبادي جون زرعي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ فصل پوکڻ جهڙي زمين کي ساهي ڏيارڻ لاءِ پوک نه ڪرڻ غلط عمل آهي، پر اِها به حقيقت آهي ته جيڪڏهن فصلن جي ترتيب ڪجهه اهڙي ڪجي، جو هڪ ڊگهين پاڙن وارو فصل ڪٽڻ کان ترت پوءِ ننڍين پاڙن وارو فصل پوکجي ۽ وچ ۾، يا ٻنهي فصلن کان پوءِ هڪ وري ڦرين وارو فصل پوکجي، ته اِها به زمين کي ساهي ڏيڻ جي برابر ٿيندي. ڇاڪاڻ ته ڊگهين پاڙن وارن فصلن جا ٻوٽا، زمين ۾ اونهائي کان خوراڪ حاصل ڪندا آهن، جڏهن ته ننڍين پاڙن وارا ٻوٽا زمين جي مٿئين حصي مان پنهنجي خوراڪي گهرج پوري ڪري وٺن ٿا. اهڙي طرح ڊگهي ۽ ننڍي پاڙ وارن فصلن جي ترتيب ۾ وري جيڪڏهن ڦرين وارن فصلن جي پوک ڪبي، ته ڦرين وارن ٻوٽن جي پاڙن ۾ قدرتي طور نائٽروجن ۽ ٻيون خوراڪ طور ڪتب اچي سگهندڙ گئسون ۽ ڪيميائي مرڪب پيدا ٿين ٿا. ان جو مطلب اهو ٿيو ته، جيڪڏهن لاڳيتا ڊگهين ۽ ننڍين پاڙن وارا فصل پوکڻ جي ڪري، زمين جي زرخيزي متاثر ٿيڻ جو شڪ پوي، ته اهو ڊپ ڦرين وارا فصل پوکڻ جي صورت ۾ ختم ٿي ويندو.

***

# موسمي تبديلي ۽ ان جا زراعت تي منفي اثر

موسمي تبديلي کي سمجهڻ لاءِ گذريل سيارا ۽ اونهارا ياد ڪندي، سياري جي سيءُ ۽ اونهاري جي گرمي کي محسوس ڪجي، ته اندازو ٿي ويندو. آبادگارن پاران سيءُ يا گرمي گهٽي گهٽ يا گهٽي وڌيڪ ٿيڻ جي شڪايت سان گڏ، انهن جو مختلف فصلن تي ناڪاري اثرن جو اظهار، موسمي تبديلي جو زراعت تي منفي اثر سمجهائڻ ۾ مددگار آهي.

موسم ۾ مٽ سٽ ۽ انتهائي ڳٽتي جهڙي تبديلي جو ڪارڻ ڪو هڪ نه آهي. صنعتن جو وڌندڙ رجحان، سوارين لاءِ استعمال ٿيندڙ گاڏين جي گهڻائي، پيٽرول ۽ گئس جي ڳولا، حاصلات ۽ استعمال، وڻن جي واڍي ان جا انتهائي اهم ڪارڻ آهن.

جيئن جيئن ماڻهو وڌن پيا، تيئن تيئن زمين مختلف جاين، جڳهين، عمارتن ۽ روڊن رستن ۾ والارجي پئي، جنهن ڪري پڻ وڻڪاري، جيڪا موسم کي هڪ ساريڪي رهڻ ۾ مددگار آهي، اها وڻڪاري ڏينهون ڏينهن، تمام گهڻي تيزي سان گهٽجي رهي آهي.

موسمي تبديلي جو، زرعي حوالي سان حال اهو آهي، ته فصلن جي پوک لاءِ سفارش ڪيل وقت تي جيڪڏهن فصل پوکجن ٿا، ته شروع ۾ ٻج جو ڦٽڻ به ڏکيو ٿي پوي ٿو، جيڪڏهن ٻج ڦٽي به ويندو آهي، ته ٻوٽي جي واڌ ويجهه لاءِ گهربل موسم سان موجوده تبديل ٿيل موسم موافق نه هجڻ ڪري، نه صرف ٻوٽن جي واڌ ويجهه مناسب نه ٿي ٿئي، پر فصلن ۾ موسمي تبديلين جا تمام گهڻا منفي اثر مرتب ٿي رهيا آهن، جنهن ڪري في ايڪڙ پيداوار هڪ ساريڪي ۽ گهربل نه ملڻ واريون حالتون آهن.

هن وقت موسمي تبديلي جي سبب تي تمام گهڻو سوچ ويچارڻ جي ئي نه، انهن کي سمجهڻ ۽ سائنسدان، جيڪي صلاحون ڏئي رهيا آهن، انهن تي سختي سان عمل ڪرڻ جي شديد ضرورت آهي.

پنهنجي عام صورتحال، عام ماحول جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟ پاڻ وٽ عام رواجي قدر به پائمال ٿي رهيا آهن. پنهنجون انيڪ سون

ساريڪيون روايتون ڳڻتي واري حالت ۾ آهن. ڇاڪاڻ تہ تعليم ۽ تربيت جو رجحان تمام گهڻو گهٽجي ويو آهي.

کهڙيون ويهي حقيقتون ڳڻائجن، کهڙيون ويهي صلاحون ڏجن؟ اسان کي ان ويلي جو انتظار نہ ڪرڻ گهرجي، جيڪو بک تي گذارڻو پوندو، پاڻ کي ان ڏينهن جو انتظار نہ ڪرڻ گهرجي، جيڪو ڏينهن اگهاڙو گهارڻو پوندو.

زراعت سان سڌي ريت يا اڻ سڌي طرح بہ، پاڻ، زراعت تي ڀاڙيندڙن کي زراعت تي توجهہ ڏيڻ گهرجي، پر زراعت جو دارومدار مناسب موسم تي آهي، ان ڪري موسمي تبدلي کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي جيتري ضرورت آهي، اوتري محسوس ئي نہ پئي ڪئي وڃي!

بهرحال اهو طئہ آهي تہ زراعت تي موسمي تبديلي جا منفي اثر وڌي ويا آهن، انهن اثرن کي سمجهي، سستي ۽ ڪاهلي ڇڏي، موسمي تبديلي کي منفي بدران مثبت رُخ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي.

***

نم پوکيو،
ٻبر پوکيو،
ڪنڊي پوکيو،
ڪنڊو پوکيو،
گيدوڙي پوکيو،
ٽالهي پوکيو،
ڪرڙ پوکيو،
کٻڙ پوکيو،
پنهنجا وڻ پوکيو،
ميوا پوکيو،
انب ڪائي،

انب جو ڪوئلو،
ضايع نہ ڪريو،
انب پوکيو،
ٻير پوکيو،
ڄمون پوکيو،
چڪو پوکيو،
ڪجي پوکيو،
ليمو پوکيو،
ميوا پوکيو،
پنهنجا وڻ پوکيو.

مٺل جسڪاڻي

# برسات کان پوءِ زراعت جي بحالي

ڌرتيءَ جي گولي تي سمورن ساهوارن جي جيئاپي جو دارومدار زراعت تي آهي، پر پيڙهي در پيڙهي زراعت سان وابسطگيءَ جي ڪري، زراعت کي سولو ڪم سمجهي، ان تي ڪا خاص توجهه ڏيڻ بدران، زراعت جي پيٽ ۾ ٻئي، ٽئين ۽ چوٿين، پنجين نمبر جي اهم موضوعن کي اهميت ڏئي، اصل موضوع کي نظر انداز ڪري، اڪثريت پنهنجي پاڻ سان ويساهه گهاتي ڪري رهي آهي. جنهن ڪري، جيئن جيئن ماڻهن جي تعداد ۾ واڌارو اچي رهيو آهي، تيئن تيئن زرعي ايراضيءَ ۾، ماڻهن جي ضرورتن جون عمارتون يعني گهر، تعليم ۽ صحت جون، توڙي ضرورت جون ٻيون جايون جڳهيون به تعمير ٿيڻ سان گڏوگڏ ماڻهن جون سفري سهوليتون وڌائڻ لاءِ ضروري رستن جو ڄار وڇائڻ جي ڪري، عام فصلن، ڀاڄين، ميون جي پوک، جانورن جي چاري ۽ رهائش لاءِ انتظام وارين جڳهين لاءِ گهربل ايراضي گهٽجي رهي آهي. ڇو ته ڌرتي جيتري آهي، اها ته اوتري ئي رهڻي هجڻ گهرجي، پر ماڻهن جي مرضي سان ٿيندڙ مختلف عملن جي ڪري، جيڪا فطرت سان، ماحول سان هٿ چراند ٿيندي رهي آهي، ان جي نتيجي ۾ جيڪي موسمي تبديليون اچي رهيون آهن، انهن جي ڪري يا ته بيابان پٽ وڌي رهيا آهن يا وري سامونڊي سرحدون وڌي رهيون آهن! نتيجي طور، حال ۾ به بيشمار ماڻهو پيٽ قوت لاءِ پريشان آهن، مستقبل اڃا وڌيڪ هاڃيڪار ٿيندو پيو وڃي.

پاڻ ماڻهو، جيڪي پاڻ کي اشرف المخلوقات چئون ٿا، پنهنجي عقل، ڏاهپ تي فخر ڪريون ٿا، انهن کي سرت ۽ سمجهه جو ثبوت ڏيڻ گهرجي، حقيقتن کي تسليم ڪرڻ گهرجي، پر نه، اها سوچ هاڻ سيني ۾ هڪ ساريڪي نه رهي آهي. نتيجي طور، زراعت حيرت جي حد تائين نظر انداز ٿي رهي آهي! جڏهن ته زراعت کي روايتي زراعت طور هلائڻ بدران، جديد زراعت جو رُخ ڏئي، زراعت کي صنعت طور اپنائڻ جي، جيئن پوءِ تيئن ضرورت وڌي رهي آهي. ڇاڪاڻ ته هاڻي کان ئي

تمام ٿورڙي محنت، تمام ٿورڙي لاڳت، تمام ٿورڙي پاڻي ۽ تمام ٿورڙي ايراضيءَ مان، جيتري به وڌيڪ ممڪن ٿي سگهي، وڌيڪ پيداوار حاصل ڪرڻ طرف ڌيان ڏيڻ وقت جي ضرورت ٿي پئي آهي. ائين ڪرڻ هاڻ ناممڪن به ته نه رهيو آهي، پر مستقبل ۾، زرعي تحقيق جي نتيجن سبب، اجا به وڌيڪ ممڪن آهي ته تمام گهٽ وسيلن مان، تمام گهڻي زرعي پيداوار حاصل ڪري سگهجي.

مٿي لکيل سٽون، ڪو افسانو نه آهي، ڪا ڪهاڻي نه آهي، ڪنهن ناول مان ورتل ٽڪرو نه آهي، نه ئي شاعري آهي. اهي توڙي هن ڪان پوءِ لکجندڙ سٽون پڻ، نظم يا نثر جي ڪنهن به صنف سان سلهاڙيل سٽون نه سمجهڻ گهرجن. ڇو ته زراعت نج پچ سائنس آهي ۽ سائنس ۾ خيالي پُلاءُ جي ڪا به اهميت نه آهي. جيڪي به سٽون لکجي چڪيون ۽ جيڪي به سٽون لکبيون، اهي زرعي سائنسي تحقيق جي مليل نتيجن ۽ مستقبل لاءِ رٿيل حڪمت عملي جو ردعمل آهن، حقيقت آهن، ڪڙو سچ آهن. ٿورڙي به شڪ جي گنجائش ڪڍبي، انومان سمجهبو، ته مطلب ۽ مقصد تان ٿڙي وڃبو، راهه تان ٿڙي وڃبو، پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻي ڪڍبو، ته ماضيءَ وانگر حال ۾ پڻ پنهنجي وڍيءَ جو ڪو به ويج يا طبيب نه ملندو... هٿ مهٽيندي رهجي وڃبو.

پنهنجي ماحول ۾، زراعت جي حوالي سان لکڻ لاءِ اهم موضوع ڪو هڪ نه آهي، هڪ کان وڌيڪ ٻيو، هر موضوع گهڻو اهم آهي. ڇو ته دنيا جي ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾، پاڻ وٽ ٻين موضوعن ۽ مضمونن سميت، زراعت جي حوالي سان پڻ اهم معلومات عام ڪرڻ جون تمام گهٽيون گنجائشون موجود آهن. ان حد تائين به ته... ڪهڙو ڪهڙو مثال ڏئي، ڪهڙو مثال نه ڏجي!؟ هترادو پوک هيٺ گهڻا فصل، گهٽيون ڀاڄيون ۽ گهڻا ميوا آهن ۽ جيڪي قدرتي طور پاڻ مرادو پاڻهي ڦٽن ٿا، اهي ڀيڙهين کان ڪاٺون به ٿا، پوءِ به فصلن جي پوک واري ترتيب ۾ ڇو نه آهن؟ اهي هترادو طريقي سان ڇو نه ٿا پوکيا وڃن؟ يا وري جيڪي فصل، ڀاڄيون ۽ ميوا پوکيون ٿا، انهن کي نقصان رسائڻ وارا جيڪي جيڪي به دشمن آهن، انهن جي ڪنهن کي ڪهڙي ڄاڻ آهي؟ جيت ڇا آهي؟ بيماري ڇا آهي؟ ٻنهي لاءِ عام مروج هڪ لفظ ”مرض“

ڇو ٿو استعمال ٿئي؟ جيڪڏهن اهو لفظ صحيح ٿو استعمال ٿئي، ته ڇا هر مرض جو علاج به ڪو هڪ ساڳيو ممڪن آهي؟

سچ، حق سچ ته اهو آهي، ته زراعت جي الف ب کان لکڻ شروع ڪجي، پهرين اهي پڙهائي، پوءِ اڳتي وڌجي، پر في الحال پاڻ ٻيا سڀ موضوع، سڀ عنوان نظر انداز ڪري، صرف هڪ نقطي تي بحث ٿا ڪريون، ته برساتن جي ڪري زراعت کي ڪهڙو ڪهڙو نقصان ٿيندو آهي، انهن جي پيش نظر، زراعت جي ٻيهر بحالي لاءِ ڇا ڪجي؟ ڪهڙيون صلاحون ڏجن؟

فصلن، ڀاڄين، ميون جي پوک، پکين ۽ جانورن جي پالنا کي پاڻ زراعت چئون ٿا. اهي سڀ به ائين ساهه وارا آهن، جيئن پاڻ ماڻهو ساهه وارا آهيون. انهن سمورن کي به هڪ موافق آبهوا گهرجي. جيڪڏهن آبهوا ۾ ٿوري به تبديلي ايندي، ته ان جو ماڻهن تي جيئن منفي اثر مرتب ٿيڻ شروع ٿيندو آهي، فصلن، ڀاڄين، ميون، پکين ۽ جانورن تي پڻ ساڳئي نموني منفي اثر مرتب ٿيڻ شروع ٿي ويندا آهن. ان ڪري، برسات سبب هڪڙا ته سڌيءَ طرح نقصانڪار اثر ٿين ٿا، ٻيا وري اڻ سڌي طرح جا نقصان پون ٿا.

اڻ سڌي طرح نقصان ۾ اهي نقصان ڳڻي سگهجن ٿا، جيڪي ڪنهن به فصل جو نالو ڪٽڻ ڪانسواءِ ممڪن آهن. مثال طور برسات ۾ جيڪي زرعي اوزار پاڻي ۾ پُسن ٿا، اهي لوهه جا نهيل هوندا، ته اهي زنگبا، انهن تي ڪٽ چڙهندي، ڪمزور ٿيندا. جيڪي اوزار ڪاٺ مان نهيل آهن، يا جن اوزارن ۾ ڪاٺ استعمال ٿيل آهي، ته ڪاٺ کي پاڻي لڳڻ سان ٿيندڙ نقصان، زرعي اوزار کي پهچندڙ نقصان جي زمري ۾ اچي ٿو.

اڻ سڌي طرح نقصان ۾ صرف زرعي اوزار ئي نه، زرعي مشينري يعني ٽريڪٽر، ٿريشر، ڊرلر، هارويسٽر، وغيره وغيره کان ويندي، انهن کي محفوظ ڪري رکڻ واري جڳهه کي به نه وسارڻ گهرجي. ڇو ته برسات جي ڪري جيئن گهر يا ڪنهن به عمارت کي نقصان ٿئي ٿو، هر قسم جي زرعي توڙي غير زرعي اڏاوت وارين جاين جڳهين کي پڻ ساڳيا نقصان ٿيندا آهن.

اڻ سڌي طرح نقصان ۾ زمين تائين وڃڻ واري گس، پڻڙي، رستي کي نقصان، زمين تائين آبپاشي وارو پاڻي پهچائڻ واري نالي، واٽر ڪورس، شاخ، واهه وغيره کي به برسات ۾ نقصان پوي ٿو. ٻنا ۽ پٽڙيون برسات جي پاڻي جي وهڪري ۾ ڪاٽ، گهارا وجهي، وڏو نندو نقصان ڪن ٿا.

اهڙي طرح هر فصل، هر ڀاڄي، هر ميوي ئي نه، هر پاليل پکي توڙي جانورن جي نسبت سان پڻ، اوهان پاڻ لاڳاپيل ضروري ساز سامان ساريو، پوءِ ٿورو ويچاريو، ان موضوع تي هڪ ٻئي سان ڳالهايو، ياد ڪريو ته برسات جي ڪري زراعت کي اڻ سڌيءَ طرح ڪهڙا ڪهڙا نقصان متوقع آهن؟ ۽ پوءِ ان نسبت سان بحالي لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

برسات جي ڪري زراعت کي سڌي طرح ڪهڙا ڪهڙا نقصان ٿي سگهن ٿا؟ اهو ته تمام سولو سوال آهي، پر ڪڏهن، ڪنهن، ان سوال ۽ ان جي جواب تي ويچاريو به آهي! چند کي سياڻا آبادگار آهن، انهن مان چند کي چست آبادگار آهن، جيڪي جيئن پنهنجي گهر، پنهنجي اوطاق کي برسات جي نقصان کان بچائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، سندن پاليل هر پکي پکڻ ۽ ننڍي وڏي جانور کي به برسات کان محفوظ رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندا آهن. پنهنجو هر فصل، هر ڀاڄي، هر ميوو، برسات جي ڪري ٿيندڙ نقصان کان بچڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندا آهن.

اوهان ٿورو سوچيو، ويچاريو، ياد ڪريو، پوءِ وري پاڻ ۾ جيڪي روزاني روز ملو ٿا، ڪچهريون ڪريو ٿا، اهي گڏجي ويهي، هِن موضوع تي ڳالهايو، هڪ ٻئي سان بحث ڪريو، ياد ڪريو، ته برسات جي ڪري زراعت کي ڪهڙا ڪهڙا نقصان سڌيءَ طرح پون ٿا؟ مثال طور جتي پاڻي جي ضرورت نه هئي، برسات ته اتي به وسِي پَئي، جتي پاڻي جي ٿوري ضرورت هئي، برسات ته اتي به وسِي پَئي. ايترو ئي نه، برسات جي ڪري پاڻي وڌيو، ته پاڻي کي روڪڻ لاءِ جيڪي ٻنا، جيڪي بند ٻڌل هئا، اهي ته ضرور لڙهيا! اهي لڙهيا ته پاڻي پنهنجي مٿانهين، مٿاڇري واري سطح ته پلي هموار رکي، پر پاڻ وٽ زمينون ڪيتريون هموار آهن؟ هيناهين وارين زمينن ۾ برسات جو مٿاهين وارو پاڻي به

اچي نڪرندو، ته نه صرف گهر، اوطاق يا ٻيءَ عمارت، پر وٿاڻ ۽ فصل به پاڻي ۾ ٻڏو ته نقصان ٿيو!

هاڻي اوهان کي گس مون ڪيڏي ڏنو. پنهنجي گهر، اوطاق وٿاڻ کان ٿيندا، زمين تائين پهچي، پاڻي جي صورتحال ئي نه، برسات وسڻ دوران جيڪا جهڪ لڳي، جيڪو طوفان آيو، جيڪي تيز هوائون لڳيون، جيڪي تيز برساتون وسيون، جيڪا ڦڙ ڦڙ جججهو وقت جاري رهي، انهن مان هر هڪ جي ڪري، عام معمولي صورتحال ۾ ڪهڙي غير معمولي تبديلي آئي؟ آيل هر تبديلي زراعت کي نقصان ئي ته ڏنو نه!

برسات جيڪا ٿيڻي هئي ٿي وئي، نقصان جيڪو ٿيڻو هو ٿي ويو، هاڻي ڇا ڪجي؟ هٿ هٿ تي ڏئي، يا هٿ مٿي تي ڏيئي ويهي رهجي! يا اهو ڪِي ڪجي، جيڪو ڪم اچي؟

آبادگار ڀائرن کي سهڻي صلاح ٿي ڏجي، ته سندن هر زرعي اوزار، زرعي مشينري، مَنهن، ڇنا، اوطاق ۽ گهر ئي نه، زمين تي ويندڙ پنڌڙي، رستو، ٻنو ٻنو ڪري گهمو، هر فصل جو، ڀاڄي جو، ميوي جو معائنو ڪريو، ڀڳل ٽٽل جاءِ، جڳهه، بند، ٻني، ٻوٽي، وڻ جو بندوبست ڪريو. جيڪو فصل ٻُڏي ويو، اهو ته هاڻ نه ٿيندو، ان جي جاءِ تي هاڻ نئين فصل پوکڻ جي تياري ڪريو.

سڀني کان اهم صلاح اها عرض ٿو ڪريان، ته هن برسات ۾ ٿيل هر نقصان کي سمجهي ونو، ان کان ممڪن بچاءُ کي سمجهي ونو، ۽... هن دفعي جي نقصان کي برداشت ڪري، ايندڙ هر برسات ۾ نقصان کان بچڻ جا اڳواٽ اُپاءُ ونو، جيترو به ممڪن ٿي سگهي، نقصان جي حد کي گهٽائي ونو. جيڪڏهن اوهان ائين ڪيو، ته اوهان کي ئي فائدو ٿيو. آئون اوهان جي فائدي ۾ خوش.

***

# ڪو بہ ٻوٽو يا وڻ فضول ناهي، زمين جو ذرو بہ واندو نہ ڇڏيو!

هڪ اندازي موجب سنڌ جي ٽوٽل آدمشماري جو 67.5 سيڪڙو ٻهراڙي ۾ رهي ٿو، جتي اڪثريت واندن جي نظر ايندي آهي، جيڪي ڳوٺن ۾ ڪڪائين ئي سهي، پر اوطاقن يا چوڪن تي ويٺي ويٺي، ڏينهن جا ڏينهن گذاريو ڇڏين، جتي هو پاڻ ۾ ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي وڙهي بہ پوندا آهن، تہ پوءِ وري ننڍڙي ننڍڙي ڏند چڪ بہ، وڏي وڏي قبائلي جهيڙن تائين بہ وڃي پهچي ٿي. يا وري جن جن جي بہ وس ۾ هجي ٿو، سي وري عام هوٽل ڪلچر ۾ ميلن ملاکڙن ۾ وڃي رش ڪندا آهن.

شهرن وانگر ئي، ٻهراڙي ۾ پڻ موجود هر مسئلي ۾ مونجهاري جي جڙ، واندڪائي آهي. ڇو تہ روزگار جي ذريعن جي تمام ججهي کوٽ آهي، جنهن ڪري شهري توڙي ڳوٺاڻا بہ واندا وڌيڪ رهندا آهن. ٻهراڙي وارن ڳوٺاڻن جي ظاهري سادگي بہ دراصل وسيلن جي کوٽ جيڪري آهي، نہ تہ ڳوٺ، شهرن کان پلي ڪوهين ڏور ڇو نہ هجن، انهن مان جنهن جنهن جي بہ وس ۾ آهي، اهو ڪنهن بہ لحاظ کان شهرين جي پيٽ ۾ گهٽ صاف سٿرو نظر نہ ايندو آهي. مرچ ماني يا لسي ماني شوق سان نہ، پر مجبوري ۾ کاڌي ويندي آهي. جتي جتي بہ وس ۾ هوندو آهي، اتي نيرن، منجهند توڙي رات، سنو کاڌو ۽ سنو پيتو وڃي ٿو. جنهن جو جهڙو حال آهي، ان آهر ئي سهي، پر شهرن ۾ اڃا بہ نيرن ڪئي وڃي ٿي، جڏهن تہ ٻهراڙي ۾ تہ مالوند ۽ آسوند سڏجندڙن ٻهراڙي جي اڪثر گهرن ۾، هاڻي نيرن جو بلڪل ئي رواج ختم ٿي چڪو آهي. ڪيترن ئي گهراڻن ۾ تہ بہ ويلا پيٽ پري کائڻ جي بہ قوت ڪانهي.!؟

وسيلا نہ هجڻ ڪري بہ بہ ويلا ماني کائڻ کان لاچاري تہ آهي ئي آهي، پر اها بہ حقيقت آهي، تہ جيڪڏهن هر ڪو، پنهنجي پاڻ، ٿوري گهڻي همت ڪري، هٿ پير هڻي، سرت ۽ سوچ کان ڪم وٺي، چار پئسہ

ڪمائي ٻه، ته ڪاڏ پيٽ وارين شين جي کوٽ ڪان ٻه انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. ٻيو ته ٿهيو پر اٿي جو اڳهه ٻه آسمان سان پيو ڳالهيون ڪري. عام ماڻهو ويچارو ڪائي ته ڪائي ڇا؟ اُهو اڇي ڪٿان!؟

جيتوڻيڪ سڄي دنيا خوراڪ وارين شين جي کوٽ جو شڪار آهي، پر جيڪڏهن ٿوري ٻه همت ڪري، وسيلا وڌائجن، ته پاڙيسري صوبن، بلڪ ٻين ملڪن سان مٿا سٽا وسيلي ٻه عام خوراڪ جو انتظام ڪري سگهجي ٿو، ته ان سان گڏوگڏ نعم البدل خوراڪ جو ٻه اهتمام ڪري سگهجي ٿو. اهو هيئنئن ته سنڌ جي ٽوٽل ايراضي 14.09 ملين هيڪٽر آهي، جنهن جو 62 سيڪڙو ته خشڪ سالي جو شڪار، ريگستاني واریاسو يا ڪوهستاني جابلو علائقو (Arid zone) آهي. ٽوٽل ايراضي مان صرف 5.76 ملين هيڪٽر ايراضي يعني ٽوٽل ايراضي جو 40.88 سيڪڙو پوک هيٺ آهي، 8.27 ملين هيڪٽر ايراضي غير آباد پئي آهي، 0.69 ملين هيڪٽر ايراضي ۾ ٻيلا آهن، جيڪي تيز رفتاري سان ختم ٿيندا پيا وڃن، 1.37 ملين هيڪٽر ايراضي باقائدي طور پوک ڪرڻ جهڙي نه ئي سهي، پر گهٽ پاڻي يا برسات جي آسري تي گهٽ اهم ۽ فضول سمجهيا ويندڙ ٻوٽا ۽ وڻ پوکي سگهڻ جي گنجائش آهي، پر بيشمار سببن جي ڪري پوک ڪونه پئي ڪئي وڃي.

هاڻي جيڪڏهن اسان کان ٻيو ڪجهه ٻه ڪونه پيو پهچي، ته ٻه ايترو ڪجهه ضرور ڪري سگهجي پيو، ته جتي جتي ٻه ۽ جيترو جيترو ٻه ممڪن ٿي سگهي، اتي ظاهري طور گهٽ اهميت وارن، بلڪ فضول محسوس ٿيندڙ ٻوٽن ۽ وڻن جا ٻج ڇٽي ڇڏيون، ته جيئن اهي ڦٽن، ۽ پوءِ ڦٽل ٻوٽن جي ٿوري ٿوري، جيڪا ٻه ممڪن ٿي سگهي، اها سار سنڀال ڪريون، انهن کي ٻه جيئاپي جو حق ڏئي، وڌايون، ويجهايون. جڏهن اهي ٻوٽا ۽ وڻ وڏي وڏا ٿي وڃن، ته پوءِ اسان انهن کي، جهڙي ٻه نموني استعمال ڪري سگهجي، استعمال ڪريون. جيڪڏهن انهن جي وادي يعني خاتمو ٻه ڪرڻو پوي، ته پوءِ صرف ايترو خيال ڪرڻو آهي، ته وادي سببان واندي جاءِ تي ٻيهر ٻه ساڳيو يا ڪي ٻيو، جيڪو اسان کي وڌيڪ صحيح لڳي، ٻج پوکي ڇڏيون. ٿورڙو غور ته ڪريون. ائين ڪرڻ سان اسان ڇا ڇا نه ٿا حاصل ڪري سگهون؟

فرض ڪجي ته، فصل پوکڻ وس ۾ ڪونهي. قدرتي طور برسات وسي ٿي، ڊيپ ۽ سر ڦٽن ٿا. جيڪي زرعي ايراضي لاءِ ته ڪٽي نقصانڪار آهن، پر جيڪڏهن اهي غير زرعي ايراضي ۾ ڦٽي ٿا پون، ڪين سنيالي وڏو ٿيڻ ڏجي، ته جيئن انهن مان ٿهي سگهندڙ شيون ناهجن. جيڪي شيون پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ ٿهن، ته بازارن ۾ کپائي، چار ڏوڪڙ ناهي، خريد و فروخت وسيلي ٻيون گهرجون پوريون ڪجن. انهن عام رواجي بيڪار ٻوٽن مان ٻوهارا، ٽوئا، ڇڪون ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه حاصل ٿئي ٿو، پاڻ سپ ڄاڻو به ٿا، پر انهن جي ڪير به سنيال ڪونه ٿو ڪري! ديوي جو ئي ڪٽي مثال وٺجي. شهرن ٽوڙي ٻهراڙين ۾ رڌپچاءُ جي لاءِ بارڻ ته ڪپي. ديوي جون ڪانيون، ڪمند کان به مهانگيون! سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪٻڙن جي واڍي ۽ ٽرڪون پرجي نڪرڻ واريون خبرون، ڪٻڙ جي اهميت جو اندازو ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. لئي مان بهترين لٺ، يعني سڌائي ۽ رنگت ۾ سهڻي سان گڏوگڏ مضبوط لٺ به ٿهي ٿي. لٺ نه ته ڪهاڙي جو ڳن ته ڪپي، مچرداني لاءِ ڪانيون ته ڪپن. لاڙ پٽ ۾ لئي جي ڇانين سان پترون ٻڌي، مٿي جو گارو ڪري، گهر ۽ اوطاقون ناهبيون آهن. ٽيهارو ڪن سال اڳ تائين به هر قسم جو ڪپڙو لاٽي جي رک، ڪيري يا ڦلهيار سان ڌوپبو هو. ڪپڙي جو رنگ ته خراب ڪونه ٿيندو هو، عمر ته ڪا نه گهٽبي هئي، پر پهريندڙ کي خارش به ڪانه ٿيندي هئي. اهي ته هئا انتهائي غير اهم سمجهيا ويندڙ ٻوٽا ڊيپ، سر، ديوي، ڪٻڙ، لئي ۽ لاٽو. هاڻي ذهن تي زور ڏيو، ياد ڪريو، ڪرڙ، ڪنڊي، گيدوڙي، گدامڙي، ٻبر، ٽالهي، سرينهن، نم، پپر، ٻڙ، املتاس، ڪچنار، سهانجڙو، توت، ٻير ۽ ڳگر جي ڇا ڇا نه اهميت آهي؟! اهم فصل ۽ باغ پوکڻ جهڙي زمين ۾ نه پر واندي پيل، ڪم نه ايندڙ زمين ۾، جيڪڏهن اهي ٻوٽا ۽ وڻ پوکبا، ته ڪا اربعا خطا ڪانه ٿيندي.

چونه وچن ڪريون، ته اسان جي آس پاس ۾ جيڪي به ٻوٽا ۽ وڻ آهن، انهن جو صحيح استعمال ڪنداسين. جيڪو جيڪو به ٻوٽو يا وڻ ڪٽينداسين، ان جي جاءِ تي ٻج پوکي، ان کي سنيالي، وڏو ڪري، ڪتب آڻينداسين ۽ پنهنجي نسل کي اهو سلسلو جاري ۽ ساري رکڻ

جي تربيت ڏيندا سين، ته جيئن اسان جو موجوده نسل به آسودو رهي ۽ ايندڙ نسل به پنهنجن ابن ڏاڏن کي ڏوراپا نه ڏئي.

منهنجي هر هڪ کي منٿ آهي ته عام ماڻهو کي گهٽ اهم ۽ فضول سمجهيا ويندڙ ٻوٽن ۽ وڻن بابت ٻڌايو وڃي، ڪين انهن جي اهميت بابت آگاهي ڏني وڃي، ته اهي غير اهم ۽ فضول ٻوٽا ۽ وڻ، ماضي ۾ به ڪمائتا هئا، اڄ به اهم آهن ۽ مستقبل ۾ به انهن جي ساڳي ضرورت رهندي، تنهنڪري انهن جو اصل نسل بچائڻ ۽ وڌائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي وڃي.

جيئڻ جا جاني جتن ڪيو،  
ڪرڙ، ڪنڊي، ڪٻڙ پوکيو،  
گيدوڙي، ديوي، ٻٻر چٽيو،  
زمين جو ذرو به واندو نه ڇڏيو،  
جيئڻ جا جاني جتن ڪيو،  
ڪوبه ٻوٽو يا وڻ فضول ناهي،  
ٻوٽا به پوکيو، وڻ به پوکيو،  
جيڪو پاڻهي ڦُٽي اهو سنياليو،  
جيئڻ جا جاني جتن ڪيو.

(مٺل جسڪاڻي)

# زرعي مشاورت
# اهميت ۽ ضرورت

زراعت، يعني کيتي ٻاڙي، پوک پچار، تخليقي، توليدي، افزائشي ڪرت، اهڙو عمل، جيڪو جيئاپي جي بنيادي ۽ حتمي ضرورت هجي.

پلي ته سائنس ڪيتري به ترقي ڪري وڃي، پلي ته ڪهڙي ڪهڙي به ذات ۽ پاڻيان، ڪهڙي به مشين ۽ اوزار ايجاد پنيان ايجاد ٿيندا رهن، پر پيٽ قوت جو دارومدار زراعت تي! زراعت، يعني عام فصلن، ڀاڄين ۽ ميون تي ته ٻاڙي سگهجي ٿو، پر انجنيئرنگ، ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي، موبائيل سهوليتون، طب، حڪمت، زراعت کانسواءِ وارا باقي سڀ مضمون، سڀ شعبا، زراعت جو متبادل نه ٿا ٿي سگهن. انهن مان ڪو به اهڙو شعبو نه آهي، جيڪو انسان جي خوراڪ جو نعم البدل ايجاد ڪري، ان ڪري زراعت کانسواءِ وارا باقي سڀ شعبا ثانوي حيثيت جا آهن.

قديم زراعت، جيڪا مڪمل طور تي قدرت ۽ فطرت تي ڀاڙيندي، ٿوري هنري ڦيرڦار سان ممڪن هئي، اها انساني آبادي وڌڻ ۽ سائنسي ترقي ٿيڻ جي ڪري، اهڙي جديد زراعت ٿيڻ لڳي، جنهن وسيلي ٿوريءَ ايراضيءَ مان جججهي اپت حاصل ڪرڻ جو سلسلو شروع ٿيو، جيڪو جاري به آهي ۽ جيئن پوءِ تيئن جديد زراعت جي اهميت اڃا به وڌي رهي آهي.

اڳي، جڏهن زرعي اپت وڌيڪ حاصل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ايراضيءَ ۾ پوک ڪئي ويندي هئي، تڏهن انسان به ٿورا هئا، انهن جي آبادي پٽاندڙ اپت به ٿوري گهربل هوندي هئي. جيئن جيئن ماڻهو وڌڻ لڳو، آدمشماري وڌڻ لڳي، ته رهڻ لاءِ وڌيڪ ايراضي گهربل رهي، سماجي تعلقات نباهڻ ۽ وڌائڻ لاءِ اچ وڃ تي زور ٿيو، ته رستا ۽ راهون هموار ڪرڻ، رکڻ لاءِ به زمين جو سيڙهاپو وڌڻ لڳو. نتيجو اهو نڪتو، ته پوک جهڙي زرعي ايراضيءَ يا ته رهائشي ۽ ٻين ضروري جاين، جڳهين ۽ عمارتن يا وري روڊ، ريل ۽ ڪچي پڪي رستي ۾ سيڙهجڻ لڳي ۽ زرعي اپت جي

ضرورت نہ جيئن پوءِ تيئن وڌندي رهي، پر ان لاءِ گهربل زرعي ايراضي وري تيزيءَ سان گهٽبي رهي آهي. اهڙي صورت ۾ جديد زراعت جي اهميت، هر ايندڙ ڏينهن وڌيڪ وڌي رهي آهي. سائنسي تجربا سالن کان جاري آهن. هر آئي ڏينهن، ڪا نہ ڪا نئين ايجاد ٿي رهي آهي، پر... ماڻهو، انسان، خوراڪ لاءِ صحت بخش خوراڪ لاءِ، نہ صرف مقدار، پر خاصيت جي اعتبار کان بہ، اها خوراڪ هاڻ گهٽڻ لاءِ ميسر نہ آهي، جيڪا موجوده سائنسي دور واري جديد زرعي سماج کان گهڻا سال اڳ ملندي هئي.

قديم زراعت ۾ زرعي زهر، جنهن کي عام طور زرعي دوا چيو ويندو آهي، ان جو استعمال نہ پري جي ڳالهہ آهي، پر پري جو تصور بہ نہ هو. فصلن، ڀاڄين ۽ ميون کي نقصان پهچائيندڙ جيتن، جراثيمن ۽ غير ضروري ٻوٽن جو پوک تي منفي اثر ظاهر ٿيڻ لڳو، تہ انهن جي خاتمي لاءِ دوائن جي نالي ۾ اهڙا زهر ايجاد ٿيندا رهيا، جن کي متعارف ڪرائڻ مهل، ان جي منفي اثرن جي ڪا خبر نہ هئي، تہ انهن جي استعمال کي عام ڪرڻ لاءِ تشريهہ بہ موثر نموني انجام ڏني وئي ۽ ڏسندي ڏسندي، شايد هاڻ ڪو ورلي اهڙو آبادگار هجي، جيڪو زرعي دوا سڏجندڙ زرعي زهر استعمال نہ ڪندو هجي.

زرعي زهرن جي منفي اثرن جي خبر پئي تہ هاڻ وري اها زراعت جديد سڏجڻ لڳي آهي، جنهن ۾ زرعي دوا سڏجندڙ زرعي زهر استعمال نہ ٿئي. نہ صرف زرعي زهر، پر جڏهن خبر پئي تہ فصلن، ڀاڄين ۽ ميون جي پيداوار وڌائڻ لاءِ سندن خوراڪي گهرجون پوريون ڪرڻ ضروري آهن، تڏهن مختلف ڪيميائي مرڪبن جي مدد سان، مصنوعي خوراڪ جا انيڪ قسم متعارف ڪرايا ويا، جيڪي زرعي ڀاڻ جي نالي سان عام جام استعمال ٿيڻ لڳا.

اڳتي هلي، ٻوٽن جون خوراڪي گهرجون پوريون ڪندڙ مصنوعي خوراڪ جو زرعي واهپيڪار انسان، پکي، جانور جي صحت تي، توڙي پوک واري زرعي ايراضيءَ تي بہ، جڏهن خطرناڪ منفي اثر سامهون آيا، تہ هاڻ اها زراعت جديد آهي، جنهن ۾ مصنوعي نموني سان، هٿرادو طريقي سان تيار ڪيل ڪو بہ زرعي ڀاڻ استعمال نہ ٿئي.

جڏهن وڏيڪ في ايڪڙ زرعي اپت جي ضرورت محسوس ٿي، ته وڏيڪ في ايڪڙ اپت ڏيندڙ جنسون دريافت ڪرڻ طرف زور وڌيو. ڪڏهن ڪنهن جيت يا بيماري جي جراثيم خلاف قوت مدافعت رکندڙ نئين جنس جي ايجاد، ته ڪڏهن ٿوري ايراضيءَ مان ججهي اپت ڏيندڙ جنس جي ايجاد توجهه جو مرڪز رهي. ڪڏهن هائبرڊ ته ڪڏهن بي ٽي جي نالي نيون جنسون مقبول ٿيڻ لڳيون، پر جيئن ئي انهن جي نقصانڪار اثرن جو اندازو ٿيڻ لڳو، تڏهن خود ايجاد ڪندڙ سائنسدان، تحقيقاتي ادارا، انهن ئي جنسن جي رد لاءِ معلومات عام ڪرڻ لڳا.

اهو به وقت هو، جڏهن وڻ جي اهميت هجڻ باوجود، ان کي فصل واري بنيءَ ۾ وڌڻ ويجهڻ نه ڏنو ويندو هو. زرعي ايراضيءَ کي وڻن کان خالي رکڻ تي زور ڏنو ويو. جڏهن ڪاٺ جي گهرج وڌي، وڻ وڍجڻ شروع ٿيا، وڻن جو تعداد گهٽجي ويو، ته ان جي منفي اثرن جو مشاهدو به ٿيڻ لڳو. موسمي تبديليون ٿيڻ لڳيون ته جهنگ، ٻيلي، هڙي ۽ وڻ جي اهميت جو اندازو، ضرورت، شدت سان ٿيڻ لڳي. نتيجو اهو نڪتو ته، طئہ ٿيڻ لڳو ته، زرعي ايراضي جو ڪيترو سيڪڙو وڻن لاءِ مخصوص رکڻ گهرجي.

وڻن جي اهميت جو اندازو ٿيو، ته هِتان هُتان، ڏيهه پرڏيهه جي وڻن تي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو ويو. پنهنجي پونگيءَ تي ٻئي جي ماڙيءَ کي ترجيح ڏيڻ شروع ڪئي وئي. پنهنجا وڻ وساري، پرڏيهه جا وڻ وڌايا ويا. هاڻ خبرون اچڻ شروع ٿي چڪيون آهن، ته فصل، ڀاڄي، ميوي سميت، عام وڻ جي مقامي، ديسي جنس جي پنهنجي اهميت آهي. اها نظرانداز نه ٿيڻ گهرجي، نظر انداز نه ڪرڻ گهرجي.

زرعي ايراضيءَ گهٽجڻ جي ڪري، اڳي ڪليل آسمان هيٺ وڏي ايراضيءَ ۾ فصل پوکبا هئا، پر آهستي آهستي گهرن ۾ پوک جو تصور اڀريو. گهريلو سطح تي پوک ٿيڻ شروع ٿي. زرعي سائنس ڪٿي هڪ هنڌ بيهجي نه رهي، پر اڳتي هلي، اهڙا فصل ڳوليا ۽ انهن جي پوک عام ڪرڻ تي ڌيان ڏنو ويو، جن جي پوک لاءِ زمين جي ضرورت ئي نه پوي، جهڙوڪ ڪنيين جي پوک.

ڪنيين جي هتراڌو پوک پنهنجي جاءِ تي، وڌندڙ آدمشماري جي پيش نظر ۽ گهٽجندڙ زرعي زمين ۽ آبپاشي واري پاڻي جي کوٽ کي

نظر ۾ رکندي، زرعي زمين ڪانسواءِ به، ٻاڄين جي ڪامياب پوک تي ڪامياب تجربا ٿيڻ لڳا. اڄ ڪلهه بنا زمين ۽ بنا آبپاشي واري عام پاڻيءَ جي به، ٻاڄيون پوکي، انهن مان خاطر خواهه اپت حاصل ڪئي پئي وڃي.

ٿورو سوچيو، غور ڪريو، زراعت ڇا هئي، ڇا مان ڇا ٿي پئي؟ مون ته هتي تمام ٿورڙا مثال لکيا آهن، جيڪڏهن لکڻ ويهان ۽ لکندي لکندي معلومات به حاصل ڪندو رهان، ۽ جن ڳالهين جي اڃا خود مون کي به خبر نه آهي، پر جديد زراعت جي مد ۾ اڃا به گهڻيون ڳالهيون ضرور هونديون، جيڪڏهن اهي سڀ لکبيون ته...

زراعت جي هر نقطي نگاهه کان، زرعي مشاورت جي تمام گهڻي اهميت آهي ۽ هر ايندڙ ڏينهن، ان جي ضرورت به گهڻي وڌي رهي آهي. اهو زراعت سان لاڳاپيل ماڻهن تي منحصر آهي، ته هو زراعت متعلق ڀاڻ ڄاڻ ڄاڻڻ جي ڪيتري ڪوشش ڪن ٿا؟ جيڪو به ڪوشش ڪندو، اهو ئي ڄاڻندو ۽ جيڪو به ڄاڻندو، اهو ئي وڌيڪ زرعي اپت حاصل ڪري سگهندو. نه صرف في ايڪڙ زرعي اپت وڌيڪ حاصل ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي، پر ٿوري محنت، ٿوري لاڳت ۽ ٿوري ايراضي مان، ججهي اپت حاصل ڪرڻ وقت جي گهرج آهي. ڏسجي ته ان مد ۾ ڪير، ڪيتري اڳڀرائي ڪري ٿو...

***

ڪک پن ۽ ڪو به ڪچرو،
ساڙڻ جو نه آهي،
ماڻهو مارڻ لاءِ نه آهي،
شين کي استعمال ڪرڻ سکو،
ڪک پن ۽ ڪچري مان به،
ڪو فائدو ماڻيو.

**مٺل جسڪاڻي**

# زرعي گريجوئيٽ ۽ خابرو ذريعا

ثبوت سان ڳالهه رکڻ جي اهميت آئون به سمجهان پيو، پر پاڻ وٽ ايتري بردباري به ڪٿي آهي، جو مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل، ريڊيو ۽ ٽي وي چينلس تي نشر ڪيل ۽ ڊيڪاريل خبرن جا حوالا ڏئي لکان، ته فلاڻي، فلاڻي خبر ۾ هيءَ غلط نشاندهي ٿيل آهي!؟

منهنجي ڳالهين تي جي اعتبار ڪريو، ته اڪثر خبرن ۾ فصلن تي جيتن ۽ بيمارين جي حملي وارن تفصيلن ۾، جيتن ۽ بيمارين جا نالا غلط ڄاڻايل هوندا آهن. جيڪا بيماري نه هوندي آهي، ان ڪي به بيماري ڄاڻايو ويندو آهي. جتي جيت جو ڪو نشان نه هوندو آهي، اتي جيت جي نشاندهي ڪئي ويندي آهي!؟

اهو روز جو معمول آهي ۽ ان معمول سان آبادگارن جي تربيت ۽ رهنمائي نه، انهن کي گمراهه ڪري، ڪين وڏيڪ پريشان ڪرڻ سان گڏوگڏ، آبادگارن کي ڪاروباري ڪمپنين جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏيو پيو وڃي!؟

آئون جيڪڏهن تفصيل ۾ به لکندس، ته اها اجائي ڊيگهه به ٿيندي، ۽ ڪم جي ڳالهه، جيڪا چند لفظن ۾ به سمجهه ۾ اچي وڃي، ان کي اينگهائي، ڊگهو، وڏو قصو بنائي پيش ڪرڻ به ڪا عقلمندي نه آهي.

پاڻ وٽ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾، توڙي ريڊيو ۽ ٽي وي چينلس تي، جيڪي جيڪي به مهربان ڪم ڪن ٿا، اهي سڀ هوشيار به آهن، ڄاڻ جي ڪاڻ به آهن، پر ڪهڙي مضمون، موضوع ۾، ان جو تعين ٿيڻ گهرجي. پاڻ وٽ ڪير ٿو چوي ته سڀئي زرعي گريجوئيٽ نه آهن، انهن کي ضروري زرعي ڄاڻ نه آهي. ائين سمجهڻ ۽ چوڻ غلط آهي.

خابرو ذريعا پنهنجي وت ۽ وس آهر تمام سٺو ڪم ڪن پيا، اهو جاري به رهڻ گهرجي ۽ ان جي ساراهه به ڪرڻ گهرجي، پر جيڪڏهن ان ۾ ڪا اوڻائي پوڻائي آهي، ته ان جي نشاندهي به ڪرڻ گهرجي ۽ ازالو به ڪرڻ گهرجي.

خابرو ذريعا جيڪڏهن هارين، ڪيت مزدورن، آبادگارن جي بهتر ۽ صحيح رهنمائي ڪرڻ چاهين ٿا، ته منهنجي صلاح آهي ته هر خابرو اداري ۾، زرعي گريجوئيٽ جي واجب اهميت تسليم ڪرڻ گهرجي ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ زرعي گريجوئيٽ هر اداري ۾ مقرر ڪرڻ جي ضرورت به تسليم ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان مختلف علائقن مان خبرون موڪليندڙ ڪان وضاحتي پڇا ڳاڇا ڪري، ڪنهن به خبر ۾ غلطي ڪرڻ ڪان بچي سگهجي ٿو. جيڪڏهن خبر صحيح هوندي، ته خبر پڙهي آبادگار پنهنجي مسئلي جي حل لاءِ صحيح واٽ وٺي سگهندو.

هاڻي هڪ مثال ڏيڻ انتهائي ضروري ٿو سمجهان. اهو هيءُ ته جيڪڏهن ڪنهن فصل ۾ مسئلو پاڙ ساڙ بيماري جو هجي ۽ خبر ۾ ذڪر اڏوهي يا ڪنهن پاڙ ڪائيندڙ جيت جو هجي، ته آبادگار ويچارو، جيڪو اخبار ۾ پڙهي وجي زرعي زهر پچندو ۽ وٺندو، ته ان ڪي زهر ملندو اڏوهي يا پاڙ ڪائيندڙ ڄاڻايل جيت ڪي ختم ڪرڻ وارو، جيڪو اصل ۾ اتي هوندو ئي نه. نتيجي طور زرعي زهر جو خرچ ۽ استعمال تي ٿيندڙ محنت اجائي ويندي ۽ مسئلو جيئن جو تيئن رهندو!

اهڙي طرح جيڪڏهن فصل سڪي ۽ سڙي، پاڻيءَ جي سوڪ يا ٻوڏ جي ڪري ۽ خبر هلي ته پاڙ ساڙ بيماري سبب فصل تباهه، ته آبادگار ڇا ڪندو؟ مسئلو هڪڙو هوندو، علاج ڪو ٻيو ٿيندو!؟

بهرحال، جيڪي به خابرو ذريعا زراعت ڪي اهميت ڏئي رهيا آهن، انهن ڪي گهرجي ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڊيسڪ، زرعي گريجيوئيٽ لاءِ به رکن ۽ زرعي خبرن جي ذميواري ان تي هجڻ گهرجي، ته جيئن ڪا به گمراهه ڪندڙ خبر نه هلي، آبادگار ڪي ٻي سبب به به نقصان نه ٿيڻ گهرجن.

***

# ڪڻڪ

## جنوري

پاڇاتي پوکيل فصل ۾ پهرئين پاڻي کان پوءِ توڙي آڳاٽي يا منداڻتي پوکيل فصل ۾ پوءِ واري ٻئي يا ٽئين توڙي چوٿئين پاڻي کان پوءِ ٻه فصل واري زمين جيئن ئي وٺ اچي ته رنبي، چنجور يا ڪنهن ٻئي اوزار وسيلي، فصل مان گندگاهه وارا ٻوٽا ڪڍي ڇڏجن. گاهه مار زرعي زهر استعمال ڪرڻ ضروري هجن ته زرعي ڄاڻو جي صلاح سان ڪجن. واهن جي بندي کان پهرين آڳاٽي فصل ۾ ٻيون ۽ پاڇاتي فصل ۾ پهريون پاڻي ڏئي ونجي. پهرئين پاڻي وقت مني کان سوا ٻوري يوريا ياڻ في ايڪڙ ڏيڻ نه وسارجي.

## فيبروري

فصل مان گندگاهه وارن ٻوٽن سميت ڪڻڪ جي غير جنس وارا ٻوٽا به پاڙان ڪڍي ڇڏجن. فصل جي عمر آهر يا ٽن هفتن جي وقفي واري حساب سان پاڻي ڏجي.

## مارچ

فصل جي عمر مطابق سنگ نڪرڻ وقت ٽيون، ٻور اچڻ مهل چوٿون، داڻي کيري ٿيڻ وقت پنجون ۽ داڻي پيلي ٿيڻ مهل آخري (ڇهون) پاڻي ڏجي. فصل مان گندگاهه وارن ٻوٽن سميت ڪڻڪ جي ڌارئين جنس وارا ٻوٽا به ڪڍي ڇڏجن. جيڪڏهن پکي نقصان ڪندا هجن ته جهار هڪلجي. فصل پچڻ واري نشاني مطابق جڏهن تيلا ۽ سنگ پيلا ٿي، چڱي طرح سڪي وڃن، داڻو خشڪ ٿيڻ سبب ڏندن سان پيچجي، ته ٽڙڪ آواز ڪرڻ واري صورت ۾، زمين جي سطح کي بنهه ويجهو لابارو ڪجي. سٽريون نوڙي سان ٻڌجن، ته جيئن هوائن ۾ نه اڏامن، ديرو صاف سٽري ۽ مٿاهين واري زمين تي ڪجي ۽ موزون وقت اندر ڳاهه ڪري، ان صاف ڳوٽين ۾ ڀري بند ڪجي.

## اپريل

لاباري لاءِ تيار فصل جو لابارو ڪجي. لاباري ڪيل فصل جي ول ڪٽي، ديرو ٺاهجي، ديرو ڪيل يا ڪري ۾ پيل ڪڻڪ جو ڳاهه ۽ واٽر يا ٿريشر وسيلي صفائي ڪجي. ڪڻڪ جي ان ۽ ٻهه کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ جوڳا اپاءُ وٺجن.

## مئي

لابارو، ڳاهه ۽ واٽر مڪمل ڪري، اَنُ ۽ ٻهه کي محفوظ گودامن وغيره ۾ رکجي، ته جيئن ضرورت وقت استعمال ڪري سگهجن. واندي زمين ۾ هر ڏجن.

## جون

گودامن وغيره ۾ رکيل اناج جو معائنو ڪجي، ڪوئن، جيتن ۽ بيمارين جي جراثيمن کان بچاءُ لاءِ جوڳا اپاءُ وٺجن. ڪڻڪ پوکڻ واري زمين ۾ سائي ڀاڻ لاءِ جنتر، ڍانچو، يا گوار وغيره پوکجي.

## جولاءِ

ڪڻڪ مان واندي ٿيل زمين ۾ ضرورت وارو فصل يا سائي ڀاڻ لاءِ جنتر، ڍانچو، يا گوار وغيره پوکجي. ايندڙ سال لاءِ رکيل ٻج مان بيماريءَ جا جراثيم ختم ڪرڻ لاءِ ٻج کي 2 - 3 ڪلاڪ پاڻي ۾ پسائي، پوءِ ڏينهن جو 11 وڳي کان چڱي طرح اس ۾ سڪائجي. ان کان پوءِ ٻيهر ٻورين ۾ ڀري، گودامن ۾ بند ڪري رکجي. ٻج ۾ سُرو وغيره هجي يا ڪوئن نقصان پهچايو هجي، ته مستقبل لاءِ بچاءُ خاطر اُپاءُ وٺجن.

## آگسٽ

ٻج لاءِ رکيل ڪڻڪ جي ان جو معائنو ڪجي. ڪنهن جيت وغيره جو حملو هجي، ته بچاءُ لاءِ اپاءُ وٺجن. ڪڻڪ لاءِ خالي ڇڏيل زمين ۾ 15 ڏينهن جي وقفي سان هر ڏجي.

## سيپٽمبر

ڪڻڪ پوکڻ واري زمين ۾ سائي ڀاڻ لاءِ پوکيل جنتر، ڍانچي، يا گوار واري فصل کي، مٽي اٿلائڻ واري هر سان زمين ۾ ملائجي، ته

جيئن ڳري سڙي زمين کي نرم ۽ زرخيز ڪري سگهجي. خالي پيل زمين مان گندگاهه وارا ٻوٽا ۽ لاهه وغيره ڪڍي، سڪيءَ جا هر ڏجن.

## آڪٽوبر

ڪڻڪ جي پوک لاءِ لٽاشي، هلڪي لٽاشي، چيڪي لٽاشي يا سم ۽ ڪلر کان آجي زمين ۾ اونها هر ڏئي، پتر پيجي، سنوت ۾ آٽي، ٻارا ۽ ناليون ناهي، زمين جي تياري مڪمل ڪجي. علائقيوار سفارش ڪيل جنسن جو ٻج، زرعي زهر ۽ ڪيميائي ياڻ جو انتظام ڪجي.

## نومبر

منداڻتي پوک ڪرڻ لاءِ متعارف ڪيل سڌريل جنسون صحيح وقت تي پوکڻ خاطر، زمين جي بهتر نموني تياري ڪري، مناسب ريج ڏئي، وٿ اچڻ تي زمين جي خاصيت آهر موزون ڪيميائي ياڻ جو گهربل مقدار ڇٽي، وٽ ڇٽ، عام ناڙي ذريعي يا ڪرين تي پوک ڪجي. پوکيل فصل 12 کان 18 ڏينهن جو ٿئي ته، گندگاهه وارا ٻوٽا پاڙان ڪڍي ڇڏجن ۽ فصل 21 ڏينهن جو ٿئي، ته پهريون پاڻي ڏجي. ساريال علائقي ۾، زمين ۾ وٿ وڌيڪ هجي ته، پهريون پاڻي ضرورت مطابق، مهيني سوا کان پوءِ ڏئي سگهجي ٿو.

## ڊسمبر

ڏکڻ سنڌ ۾ 15 ڊسمبر ۽ اتر سنڌ ۾ 21 ڊسمبر تائين پاڇاڻيون جنسون جهڙوڪ ٽنڊو ڄام 83 يا جيڪا ٻه سني، سفارش ڪيل جنس هجي، ناڙي ڪرڻ جي صورت ۾ 55 ڪلوگرام، ۽ وٽ ڇٽ وسيلي پوک ڪرڻ جي صورت ۾ 60 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج پوکڻ گهرجي. اڳ ۾ پوکيل فصل مان گندگاهه وارا ٻوٽا ڪڍي ڇڏجن. پوکي کان 21 ڏينهن يا ٽي هفتا پوءِ يعني پن پاڙ نڪرڻ وقت پهريون، 42 ڏينهن يا 6 هفتا پوءِ يعني ٻوڙي ٻڌڻ وقت ٻيون ۽ 63 ڏينهن يا 9 هفتا پوءِ يعني سنگ نڪرڻ وقت ٽيون پاڻي ڏجي. هڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ جي حساب سان پهرئين يا ٻئي پاڻي ڏيڻ وقت ڏيڻ سان پيداوار ۾ خاطر خواهه واڌارو ايندو.

***

فطرت لاءِ ڪجهه وقف ڪريو،
فطرت جو پرجهلو ٻڻجو،

فطرت کي بهتر بڻايو،
فطرت آهي جيوت جو تحفظ،
فطرت جو تحفظ ڪريو.

مٿل جسڪاڻي

# ساريون

## جنوري

هر ڪم وقت تي ڪرڻ جي صورت ۾ هاڻ صرف گودامن ۾ رکيل سارين جي سنڀال ڪجي، ته ڪو جيت جڻو نقصان ته ڪونه پيو ڪري، پاڇاٽي فصل جو وائر ۽ ڳاهه مڪمل نه ٿيو هجي، ته مڪمل ڪري ونجي.

## فيبروري

گودامن ۾ رکيل سارين، اناج کي جيتن، سينور ۽ ڪوئن کان بچائڻ لاءِ سارسنڀال ڪجي.

## مارچ

مندائتي پوک مان موزون پيداوار وٺڻ لاءِ زمين جي تياري شروع ڪجي ۽ ٻج ۽ پاڻ سميت گهربل سامان هٿيڪو ڪجي.

سنڌ جي ڏاکڻي علائقي ۾ اري 60، اري 8، ڊي آر 86، سدا حيات ۽ سگداسي رتڙيا جنس جو ٻيجارو 20 اپريل کان پوکجي، ان لاءِ مٿاهين پر زرخيز زمين مان گندگاهه وارا ٻوٽا ڪڍي، اونها هر ڏئي، اڏ اڏ ويسي جون ٻاريون ناهي، انهن ۾ وٽاڻ جو سکل پاڻ يا ڪٽو وجهي ساڙجي. زمين ٿڌي ٿئي ته 6 کان 7 ڪلو گرام ٻج في ٻاري ۾ پوکي، پاڻي ڏجي، پاڻي ڏيڻ کانپوءِ جيڪڏهن ٻج ڪنهن هڪ طرف گڏ ٿيل نظر اچي ته، ٻج کي هڪجهڙو پکيڙجي.

## اپريل

مارچ ۾ ڏنل صلاحن تي عمل ڪندي ٻيجاري جي پوک لاءِ علائقيوار سفارش ڪيل جنس ۽ وقت تي عمل ڪجي. ٻيجاري پوکڻ کان 10 کان 15 ڏينهن پوءِ اڌ ڪلو گرام يوريا پاڻ في اڌ ويسي جي ٻاري

۾ ڏجي. پراڻو پاڻي نيڪال ڪري، نئون پاڻي ڏجي. گندگاهه ختم ڪجن، رونبي لاءِ زمين جي تياري مڪمل ڪري وٺجي.

جيئن ئي ٻيجارو مهيني جو ٿئي ته، رونبو ڪجي. ٻوٽن ۽ قطارن جي وچ وارو فاصلو 7 انچ رکجي، پر هڪ ئي جاءِ تي ٽي صحتمند سلا رونبو ڪجن. زمين جي قسم ۽ خاصيت آهر، ڪيميائي ياڻ استعمال ڪرڻ سان پيداوار وڌيڪ لهندي.

## مئي

رونبي لاءِ تيار ڪيل زمين ۾ هڪ مهيني جي عمر وارو ٻيجارو رونبو ڪجي. ٻوٽن ۽ قطارن جي وچ وارو فاصلو 7 انچ رکجي، پر هڪ ئي جاءِ تي ٽي صحتمند سلا رونبو ڪجن. زمين جي قسم ۽ خاصيت آهر، ڪيميائي ياڻ استعمال ڪرڻ سان پيداوار وڌيڪ لهندي.

## جون

اتر توڙي لاڙ ۾ سارين جي ٻيجاري جي پوک مند آهر ڪري وٺجي. اڳ ۾ پوکيل ٻيجارو 25 کان 35 ڏينهن جو ٿئي ته، رونبو ڪجي.

رونبي کان هڪ ٻه ڏينهن اڳواٽ جنس ۽ زمين جي خاصيت آهر ڪيميائي ياڻ استعمال ڪرڻ سان، پيداوار وڌيڪ لهندي. پوکيل ٻيجاري توڙي رونبو ڪيل فصل مان گندگاهه وارن ٻوٽن ۽ حملي آور جيتن ۽ بيمارين جو خاتمو آڻجي.

گهٽ ۾ گهٽ ٽئين چوٿين ڏينهن، پراڻو پاڻي نيڪال ڪري، نئون پاڻي ڏجي.

## جولاءِ

ڏکڻ توڙي اتر سنڌ ۾، ٻين سمورين جنسن جو ٻيجارو پوکجي چڪو هوندو، پر ڏوڪري 83 جو ٻيجارو جولاءِ جي پهرئين هفتي تائين پوکي وٺجي. ٻيجارو مهيني کن جو ٿئي ته، رونبو ڪجي. رونبو ڪيل فصل کي 15 کان 20 ڏينهن ٿيا هجن ته، اڌ ڪان مني ٻوري يوريا في ايڪڙ

ڏجي، 25 کان 30 ڏينهن ٿيا هجن ته، جست جي کوٽ واري فصل ۾ پاڪستاني جست 20 سيڪڙو جا 12 ڪلوگرام يا آسٽريليا يا چين جو ٺاهيل 36 سيڪڙو جست جا 9 ڪلوگرام في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي. فصل ۾ کو به جيت، ڪينئون يا بيماري نظر اچي ته، بچاءُ لاءِ جوڳا اپاءُ وٺڻ گهرجن.

## آگسٽ

ڏوڪري 83 (ڊي. آر 83) جو رونبو رهيل هجي ته، ڏکڻ سنڌ ۾ 5 آگسٽ ۽ اتر سنڌ ۾ 10 آگسٽ تائين مڪمل ڪجي. فصل جي عمر ۽ گهرج آهر ڪيميائي ياڻ ۽ جست جي کوٽ هجي، ته پوري ڪرڻ لاءِ ڏئي ونجي. گندگاهه وارن ٻوٽن، جيتن ڪينئن يا بيمارين جو حملو هجي، ته موزون هٿرادو طريقن يا وري گاهه مار، جيت مار يا بيمارين خلاف استعمال ٿيندڙ زرعي زهرن وسيلي خاتمو آڻجي.

## سيپٽمبر

پاڇاتي فصل ۾ ضرورت آهر نئون پاڻي ڏجي. غير جنسن وارا ۽ گندگاهه وارا ٻوٽا ڪيجن. جيتن، ڪينئن ۽ بيمارين جو خاتمو آڻجي. اڳاٽي فصل ۾ سنگن جو رنگ سائي مان ڦري پيلو ۽ داڻن جو رنگ پلال جهڙو ٿيڻ شروع ٿئي، ته پاڻي بند ڪجي. جڏهن 90 کان 95 سيڪڙو داڻا پچي وڃن ۽ انهن ۾ 20 کان 22 سيڪڙو گهم هجي، ته لابارو ڪجي. لاباري کان پوءِ 4 کان 5 ڏينهن اندر سٽريون ڪٽي، صاف، سني، خشڪ ۽ متاهين پٽ تي ديرو ٺاهجي ۽ 10 کان 15 ڏينهن اندر سٽ ذريعي اَن صاف ڪري، سُڪائي، ڳوٽين ۾ ڀري محفوظ جاءِ تي رکجي.

واندي ٿيندڙ زمين کي واندو نه ڇڏجي. ان ۾ مناسب دوباري فصل پوکجن يا کيڙي ڪري ڇڏجي.

## آڪٽوبر

سنگن ۾ داڻن جو رنگ پلال جهڙو ٿئي ۽ 90 کان 95 سيڪڙو داڻا پچي وڃن، منجهن 20 کان 22 سيڪڙو گهم هجي، ته لابارو ڪري، سٽريون

ڏوري ۾ ٻڌي، 2 کان 3 ڏينهن سڪڻ لاءِ ڇڏجن. پوءِ ڪنهن مٿاهين، سڌي، خشڪ ۽ سخت پٽ تي ديرو ناهي، سَٽ وسيلي ڳاهه ڪري، اَن صاف ڳوٿين ۾ ڀرجي. زمين ۾ وٽ هجي ته موزون، گهربل، ڊوباري فصل پوکجي. وٽ نه هجي ۽ فصل به نه پوکجي، تڏهن به واندي پيل زمين ۾ هر ضرور ڏيڻ گهرجن.

## نومبر

ڏکڻ سنڌ ۾ سارين جو لابارو، ڳاهه ۽ وائر مڪمل ڪجي. اتر سنڌ ۾ 90 کان 95 سيڪڙو سنگ پچڻ ته لابارو ڪجي، خالي ٿيندڙ زمين ۾ وٽ هجي، ته ڊوباري فصل پوکجي، وٽ نه هجي ته زمين ۾ هر ڏئي، ٻارا ۽ ناليون ناهي، ربيع کان پوءِ نوان فصل پوکڻ گهرجن.

## ڊسمبر

سارين جو رهيل لابارو، ڳاهه ۽ وائر مڪمل ڪري ونجي. خالي ٿيندڙ زمين ۾ ڊوباري فصل پوکجن يا هر ڏئي ڇڏجن.

***

### سون ڪي نه ساڙيو!؟

جنهن ڪي اوهان،
ڪچرو سمجهو ٿا،
جنهن ڪي اوهان ساڙي،
ماحول کي گدلو ڪريو پيا،
اهو ڪچرو نه سون آهي!
اهو جيڪڏهن،
زرعي زمينن ۾ وڌو وڃي،
ٻيجارن ۽ ڪوندين ۾ وڌو وڃي،
اوهان جا فصل،
اوهان جا باغ،
اوهان جا خوبصورت نمائشي ٻوٽا،
اوهان جي وڻن کي،
مفت جي خوراڪ ملي پوندي،
انهن ۾ موسمي تبديليون سهڻ،
موذي مرضن خلاف،
برداشت وڌڻ جي،
سگهه وڌي پوندي،
اهي صحتمند رهندا،
انهن جي واڌ ۾ واڌ ايندي،
مگر اوهان لاءِ ڇا چئجي،
اوهان ته مهربانو،
مسلسل تڪليف ڏيندڙ،
عمل ڪريو ٿا،
رهواسي ۽ گذرندڙ ڀي،
متاثر ٿيندا رهن ٿا،
سيني ساهه وارن لاءِ،
ساهه کڻڻ به ڏکيو آهي...

مٺل جسڪاڻي

# جوئر ٻاجهرءِ مڪئي

## جنوري

:- (ڪا خاص صلاح نہ آهي)

## فيبروري

جيئن ئي سيءُ گهٽجن، تہ جوئر، ٻاجهر يا مڪئي جي گاهہ واري فصل طور پوک ڪجي. گاهہ جي پوک لاءِ زمين کي هر ڏئي، هموار ڪري، ريج ڏئي، وٺ اچڻ تي وٺ چٽ يا ناڙي وسيلي پوک ڪجي. پاڻي جي ڪوٺ کي نظر ۾ رکي. ڪرين تي بہ پوک ڪري سگهجي ٿي.

## مارچ

جيئن فيبروري ۾ صلاح ڏنل آهي.

## اپريل

جيئن فيبروري ۾ صلاح ڏنل آهي.

## مئي

اناج لاءِ آڳاٽي پوک ڪرڻي هجي تہ، پوک لاءِ چونڊيل زمين کي هر ڏئي، هموار ڪري، ٻارا بندي ڪجي. ٻارا اهڙي طرح ناهجن تہ جيئن هر ٻاري کي الڳ پاڻي ڏئي سگهجي. ان ڪان پوءِ ريج وارو پاڻي ڏجي. وٺ اچڻ تي وٺ چٽ يا ناڙي وسيلي پوک ڪجي. پاڻي جي ڪوٺ کي نظر ۾ رکي. ڪرين تي بہ پوک ڪري سگهجي ٿي.

گاهہ لاءِ پوک ڪرڻي هجي تہ فيبروري ۾ صلاح ڏنل آهي.

## جون

اناج لاءِ منڊائتي پوک، جوئر پهرين جون کان ۽ ٻاجهر 15 جون کان پوکڻ گهرجي، جوئر لاءِ 10 ڪلوگرام ۽ ٻاجهر لاءِ اڍائي کان ٽي ڪلوگرام ٻج ناڙي ڪجي. مڪئي جي پوک پهرين جولاءِ کان ٿيندي، تنهن ڪري زمين جي تياري ڪري وٺجي.

جوئر، ٻاجهر ۽ مڪئي جي گاهه لاءِ پوک ڪرڻي هجي ته فيبروري ۾ صلاح ڏنل آهي.

## جولاءِ

جوئر ۽ ٻاجهر جي پوک مڪمل ڪجي. جڏهن ته مڪئي جي پوک هاڻي شروع ڪجي. پوکيل فصل مان گندگاهه وارن ٻوٽن سميت فصل جا اضافي ٻوٽا ڪڍي، گڏ ڪري، زمين ۽ فصل جي گهرج آهر پاڻي ڏجي.

جوئر، ٻاجهر ۽ مڪئي جي گاهه لاءِ پوک ڪرڻي هجي ته فيبروري ۾ صلاح ڏنل آهي.

## آگسٽ

اناج لاءِ جوئر، ٻاجهر ۽ مڪئي جي پوکيل فصل مان گندگاهه ڪڍجن ۽ ضرورت آهر پاڻي ۽ ياڻ ڏجي. ٿر، ڪاڇي ۽ ڪوهستان ۾ برسات کان پوءِ جوئر ۽ ٻاجهر جي پوک ڪجي.

جوئر، ٻاجهر ۽ مڪئي جي گاهه لاءِ پوک ڪرڻي هجي، ته فيبروري ۾ صلاح ڏنل آهي.

## سيپٽمبر

اناج لاءِ پوکيل فصل ۾ ضرورت مطابق پاڻي ڏجي. گندگاهه وارن ٻوٽن، جيتن، ڪينئن ۽ بيمارين جو خاتمو آڻجي، فصل ۾ سنگ نڪرن ته، جهار هڪلجي. جوئر، ٻاجهر ۽ مڪئي جي گاهه لاءِ پوک ڪرڻي هجي، ته جيئن فيبروري ۾ صلاح ڏنل آهي.

## آڪٽوبر

اناج لاءِ پوکيل جوئر، ٻاجهر ۽ مڪئي جي فصل ۾ عمر ۽ ضرورت آهر پاڻي ۽ ياڻ ڏجي. گندگاهه وارا ٻوٽا، جيت، ڪينئان ۽ بيماريون هجن ته ختم ڪجن. سنگ نڪرن ته جهار هڪلجي، داڻا پچن ته لابارو ڪجي، ديري ۾ سڪايل سنگن جو ڳاهه ۽ وائر ڪجي. جوئر، ٻاجهر ۽ مڪئي جي گاهه لاءِ پوک ڪرڻي هجي، ته فيبروري ۾ صلاح ڏنل آهي.

## نومبر

اناج لاءِ پوکيل جوئر، ٻاجهر ۽ مڪئي مان لاباري لاءِ تيار سنگ لڻجن. لٽيل ۽ سڪل سنگن جو ديرو ناهجي، ڳاهه ڳاهي، وائر ڪري، صاف ڪيل ان ڳوڻين ۾ پري، گودامن ۾ رکجي يا وڪري لاءِ بازار موڪلجي. جوئر، ٻاجهر ۽ مڪئي جي گاهه لاءِ پوک ڪرڻي هجي، ته جيئن فيبروري ۾ صلاح ڏنل آهي.

## ڊسمبر

اناج لاءِ پوکيل جوئر، ٻاجهر ۽ مڪئي جو رهيل لابارو، ڳاهه ۽ وائر مڪمل ڪجي. خالي ٿيندڙ زمين ۾ هر ڏجن.

***

ڪونهي مزو اڱوڻو،
ڪنهن شاخ ۾ چو؟
***
ڪروڌ وارو،
اجڙيل گهر تي لڳي،
!هاڻي هر شاخ
***
هڪڙا ٽوٽي،
ٻيا بد نيت،
بدلجي ويا بيلدار،

بگڙيا سپ داروغا،
اجڙي ويون شاخون!
***
ڄام شاخ جون،
جي ڪبيون،
پيرائتيون خبرون،
اڄي ويندون،
ڏندين آڱريون!

مٺل جسڪاڻي

# وونئڻ

## جنوري

چوندو مڪمل ڪري، ڦٽيون ڪارخاني موڪلي ڇڏجن، بيٺل وونئڻن ۾ مٿي اٽلائڻ وارو هر ڏئي، خالي ٿيل زمين جي ڪيڙي ڪجي.

واندي زمين ڪي ساهي ڏجي يا پنهنجي منصوبي بندي تحت، بهار وارو ڪمند يا سورج مکي يا ڪو ٻيو فصل پوکڻو هجي، ته ان لاءِ زمين جي تياري ڪجي.

## فيبروري

ايندڙ موسم ۾ وونئڻن جي پوک لاءِ خالي ڇڏيل زمين ۾ اونها هر ڏجن.

وونئڻن واري زمين ۾ جيڪڏهن سائي ڀاڻ لاءِ برسيم وغيره پوکيل هجي ته، ان کي ڪيڙي زمين ۾ ملائجي.

ميرپور خاص ۽ عمر ڪوٽ ضلعن ۾ منداءِتي پوک لاءِ زمين جي بهتر تياري ڪري، ٻارا ۽ ناليون ٺاهجن. علائقيوار سفارش ڪيل جنسن جو ٻج وٺي هٿيڪو ڪجي.

## مارچ

منداءِتي پوک ڪرڻ لاءِ زمين جي تياري مڪمل ڪجي، ٻارا ۽ ناليون اهڙي نموني ناهجن، جو هر ٻاري کي الڳ الڳ پاڻي ڏئي سگهجي.

علائقيوار سفارش ڪيل جنس جو ٻج ۽ زمين جي خاصيت آهر گهربل ڪيميائي ڀاڻ وٺي، محفوظ جاءِ ۾ رکجي.

## اپريل

حيدرآباد، ميرپورخاص، سانگهڙ ۽ نوابشاهه ضلعن ۾ پوک شروع ڪجي، باقي ٻين علائقن ۾ زمين جي تياري مڪمل ڪري ونجي، ته جيئن مند اندر پوک ڪري سگهجي.

في ايڪڙ وڏيڪ پيداوار وٺڻ لاءِ زرخيز زمين جي بهترين تياري ڪري، هموار ڪري، چڱي طرح ڪيڙي، پهرين سنو ريج ڪجي. وٽ اچڻ تي پهرين هر ۽ سنهور ڏجي، ان ڪان پوءِ علائقيوار سفارش ڪيل جنسن جو مناسب في ايڪڙ ٻج جو مقدار، اڀائي فوٽن جي فاصلي تي ناڙي ڪجي يا ڪرين تي چنگي وسيلي پوکجي. ناڙي ڪرڻ توڙي چنگي وسيلي پوکيل فصل جو، پوکي ڪان 15 ڪان 20 ڏينهن پوءِ جائزو وٺندي، گهاٽي فصل مان ڇڊائي ڪرڻ وسيلي 9 ڪان 12 انچ جي فاصلي تي ٻوٽي ڪان ٻوٽو بيهارجي.

فصل پوکڻ ڪان 30 ڪان 35 ڏينهن پوءِ پهرئين پاڻي ڪان اڳ گندگاهه ختم ڪجن، پاڻ ڇٽي، پاڻي ڏجي ۽ وٽ اچڻ تي، ڇڊي پوکيل فصل ۾، ضرورت هجي ته خال ڀرجن.

## مئي

حيدرآباد ۽ سانگهڙ ضلعن ۾ 15 مئي تائين، نوابشاهه، دادو، خيرپور ۽ سکر ضلعن ۾ 10 جون تائين فصل جي منڊائتي پوک ڪري سگهجي ٿي.

فصل پوکڻ ڪان 15 ڪان 20 ڏينهن پوءِ گهاٽي فصل مان ڇڊائي ڪري، ٻن ٻوٽن جي وچ وارو فاصلو 9 ڪان 12 انچ بيهارجي. فصل پوکڻ ڪان 30 ڪان 35 ڏينهن پوءِ پهريون پاڻي ڏجي، پر پاڻي ڪان پهرين ڪوڏر، چنجور يا سنڌي هر وسيلي گڏ ڪري، گندگاهه وارا ٻوٽا ڪڍي ختم ڪجن، پر فصل جي ٻوٽن کي ڪنهن به قسم جو نقصان رسڻ ڪانسواءِ، پاڙن ۾ ڪجهه مٽي به چاڙهجي. پهرئين پاڻي ڪان پوءِ، وٽ تي ٻي گڏ ڪري گندگاهه ختم ڪجن.

فصل تي رس چوسيندڙ جيتن مثلن: ٿرڙو، جيسڙو ۽ اڇي مک يا جوئَ، ميلي بگ ۽ اڏوهي جو حملو هجي يا موراهي بيماري نظر اچي ته، انهن تي ضابطي آڻڻ لاءِ مربوط طريقو ( آءِ. پي. ايم) اختيار ڪجي.

## جون

سنڌ جي اترئين علائقي (نوابشاهه، دادو، نوشهروفيروز، خيرپور ۽ سکر وغيره) ۾ 10 جون تائين پوک ڪري وٺجي. پوکيل، پر

گهاٽي فصل مان ڇڊائي ڪري، ٻن ٻوٽن جي وچ وارو فاصلو 9 کان 12 انچ ڇڏجي. گندگاهه وارا ٻوٽا ڪڍي ختم ڪجن ۽ گڏ ڪڍجي. ضرورت آهر پهريون پاڻي پوکڻ کان هڪ مهينو پوءِ، باقي پاڻي 10 کان 12 ڏينهن جي وقفي سان، ٽيون، توڙي ٽيون پاڻي ڏجي. پوکڻ وقت پاڻ نه ڏنو هجي ته، ٻه ٻوريون نائٽروفاس پهرئين پاڻي وقت ۽ گل ٻاٽي تي وريل فصل ۾ هڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ پاڻ ڏجي. فصل ۾ رس چوسيندڙ جيتن جهڙوڪ سائو مهلو، ٽڙڙو ۽ اڇي مک جو حملو هجي ته ڊاءِ ميٿوئيٽ يا ميٽاميڊوفاس يا مونوڪروٽو فاس يا اينڊو سلفان گروپ مان ڪ وبه هڪ زرعي زهر ڦوهارو ڪري، جيتن جو خاتمو آڻجي.

## جولاءِ

اتر سنڌ ۾ منڊائتي ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ پاڇاٽي پوکيل فصل مان ڇڊائي وسيلي، ٻن ٻوٽن جي وچ وارو فاصلو 9 کان 12 انچ بيهارجي. گندگاهه وارن ٻوٽن جو خاتمو آڻڻ سان گڏوگڏ کوڏر يا هر وسيلي گڏ ڪجي. ضرورت مطابق پهريون پاڻي 25 کان 30 ڏينهن جي عمر واري فصل ۾، باقي پاڻي 10 کان 12 ڏينهن جي وقفي سان ڏجن. فصل ۾ رس چوسيندڙ جيتن جو حملو هجي ته ڊاءِ ميٿوئيٽ يا ميٽا ميڊوفاس يا مونوڪروٽوفاس يا اينڊو سلفان گروپ مان ڪو به هڪ زرعي زهر ڦوهارو ڪجي. فصل گل ٻاٽي تي وري ته هڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ ڏيڻ سان، پيداوار ۾ مناسب واڌارو ايندو.

## آگسٽ

ضرورت آهر پاڻي ڏجي. عمر آهر گندگاهه وارن ٻوٽن جي خاتمي ۽ زمين جي زرخيزي بحال رکڻ لاءِ گڏ ڪجي. گل ٻاٽي تي وريل فصل ۾ هڪ ٻوري يوريا يا ٻن کان اڍائي ٻوريون امونيم نائٽريٽ في ايڪڙ جي حساب سان ڏجي.

فصل ۾ رس چوسيندڙ جيتن توڙي پن، گل ۽ گوگڙن کي کتري يا سوراخ ڪري ڪائيندڙ ڪينئن جو جائزو ونجي. جنهن به جيت

يا ڪينئن جو حملو هجي، ان جي خاتمي لاءِ موزون زرعي زهر، مناسب مقدار سان، صحيح نموني استعمال ڪرڻ گهرجي.

اڳاٽي پوڪيل فصل ۾ 25 سيڪڙو گوگڙن جون ڦٽيون ٽڙن، ته پهريون چونڊو ڪجي. چونڊو ماڪ سڪڻ کان پوءِ ڪجي ۽ ڦٽين ۾ ٻيو ڪک ڪچرو نه ملائجي. چونڊيل ڦٽيون اهڙي محفوظ جاءِ ۾ رکجن، جتي ماڪ به نه پوي ۽ ٻيو ڪو نقصان به نه ٿئي.

پهرئين چونڊي واريون ڦٽيون ڏار ڪارخاني موڪلجن، ڇو ته ايندڙ موسم لاءِ گهربل سٺي خاصيت وارو ٻج، انهن مان ئي حاصل ٿئي ٿو.

## سيپٽمبر

پاڇاٽي فصل مان جيتن، ڪينئن ۽ بيمارين توڙي گندگاهه وارن ٻوٽن جو خاتمو آڻجي.

فصل ۾ 25 سيڪڙو گوگڙا کلن ته پهريون چونڊو ڪري، هلڪو پاڻي ڏجي. جيڪڏهن 25 سيڪڙو ٻيا گوگڙا به ٽڙي وڃن ته ٻيو چونڊو ڪجي ۽ پاڻي نه ڏجي. چونڊو هميشه ماڪ لهڻ کان پوءِ ڪجي. ڦٽين سان ڪک ۽ ٻيو ڪچرو نه ملائجي. ڦٽيون جنس وار ۽ چونڊي وار، اهڙي جاءِ تي ڍيرو ڪجن، جتي ماڪ ۽ مينهن توڙي باهه وغيره کان ڦٽيون محفوظ رهن. ڍيري مان ڪارخاني ڏانهن ڦٽين جي منتقلي، صاف سٿري بارداني ۾، پر جنس ۽ چونڊي جي نشاندهي سان ڪجي، ته جيئن ايندڙ فصل پوکڻ لاءِ، پهرئين چونڊي مان بهتر ٻج وٺي سگهجي. آخري چونڊي کان پوءِ وونئٽانيون وڍي، گڏ ڪري ساري ڇڏجن ۽ خالي زمين ۾ هر ڏجن.

## آڪٽوبر

پاڇاٽي فصل ۾ ضرورت مطابق پاڻي ڏجي. گندگاهه جا ٻوٽا، جيت، ڪينئان ۽ بيماريون هجن، ته انهن جو خاتمو آڻجي. 25 سيڪڙو گوگڙا ٽڙڻ سان پهريون چونڊو ڪري، آخري هلڪو پاڻي ڏبو آهي، 50 سيڪڙو گوگڙا ٽڙن ته ٻيو چونڊو ڪجي ۽ آخر ۾ فصل آهر ٽيون ۽ آخري چونڊو ڪري، وونئٽانيون وڍي، زمين ۾ هر ڏجن ۽ صفائي ڪجي. چونڊو ماڪ سڪڻ

ڪانپوءِ ڪجي. ڦٽين ۾ ڪک ڪچرو ۽ پاڻي نہ ملائجي. ڍيرو صاف ۽ بند جاءِ ۾ ڪجي. جنس ۽ چونڊيوار ڦٽيون ڪارخاني موڪلجن.

## نومبر

آڳاٽي فصل مان آخري چونڊو ڪري، ڦٽيون چونڊوار ۽ جنسوار ڪيل نشاندهي سان ڪارخاني موڪلجن. پاڇاٽي فصل جو چونڊو جاري رکجي. ڪٽڪ پوڪٽي هجي تہ وونئٽن جي بيٺل فصل ۾ ريج ڪجي، وٽ اچي تہ ڦٽيون چونڊي، وونئٽانيون وڍي، هر ڏئي پوک ڪجي. واندي زمين ۾ بہ هر ڏئي ڇڏجن.

## ڊسمبر

آڳاٽين توڙي پاڇاٽين جنسن وارن فصلن مان چونڊو مڪمل ڪري، چونڊيل ڦٽيون ڪارخاني موڪلجن، وونئٽانيون ڪپي ساڙي ڇڏجن ۽ خالي زمين کيڙي ڇڏجي.

***

لُٽي وج ڏُک، ڪٽڪ جي لاباري جيئن،
ٻڌي پريون رک، ڪٽي ڪٽڪ ول جيئن.
مٺل جسڪاڻي

# ڪمند

## جنوري

ڪمند جي تيار فصل جي ڪٽائي اندينٽ آهر جاري رکجي ۽ واندي ٿيل زمين ۾ هر ڏجن.
سرءُ جي منڍي واري فصل ۾ ڀرين گُڏ ڪري، پاڙن ۾ مٽي چاڙهڻ وقت مُني ڪان هڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ ڏئي، هلڪو پاڻي ڏجي.
ڪمند جو بهار وارو فصل پوکڻو هجي ته، زمين جي تياري شروع ڪجي ۽ 35 ڪان 40 ڏڳي گاڏيون ڳريل سڙيل وٿاڻ جو ڀاڻ، في ايڪڙ جي حساب سان پکيڙي، هرن وسيلي زمين ۾ ملائي، هلڪو پاڻي ڏجي. وٺ اچڻ تي ٻيهر هر ڏئي، زمين جي رهيل تياري مڪمل ڪجي.

## فيبروري

ڪمند جي تيار فصل جي ڪٽائي اندينٽ آهر جاري رکجي ۽ واندي ٿيل زمين ۾ هر ڏجن.
سرءُ جي پاڇاٽي منڍي واري فصل ۾ ڀرين، جنهن ۾ ڀرين گڏ ڪي مهينو ڏيڍ ٿي ويو هجي، ان ۾ ٻي گُڏ ڪري، پاڙن ۾ مٽي چاڙهڻ وقت مُني ڪان هڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ ڏئي، هلڪو پاڻي ڏجي.
بهار وارو فصل پوکڻ لاءِ علائقيوار سفارش ڪيل جنسن جون صحتمند ڳريون 60 ڪان 70 مڻ في ايڪڙ جي حساب سان پوکڻ ڪان اڳ، ٿن فوٽن جي فاصلي تي اوڙون ڏئي يا ڪريا ناهي، انهن ۾ اٽڪل ڏيڍ ٻوري ڊي. اي. پي، هڪ ٻوري يوريا ۽ ٻه ٻوريون ايس. او. پي. في ايڪڙ جي حساب سان وجهي، ان مٿان هڪ انچ مٽي جو تهه ڏئي، ڳرين کي سفارش ڪيل زرعي زهر جي ڳار ۾ ٻوڙڻ ڪان پوءِ، پوک ڪرڻ گهرجي.

## مارچ

ڪمند جي تيار فصل جي ڪٽائي اندينٽ آهر جاري رکجي ۽ واندي ٿيل زمين ۾ هر ڏجن. بهار واري فصل جي پوک مڪمل ڪري ونجي.

سرءُ توڙي بهار ۾ پوکيل نئين فصل توڙي منڊي ۾ گهرج مطابق پاڻي ڏجي. گندگاهه وارا ٻوٽا ڪڍي ڇڏجن. ڇهبڪ واري ڪاٽي جي حملي ۾ ورتل ڪمند جي ٻوٽن کي ڪپڙي ۾ ويڙهي، ڪپي، فصل کان ٻاهر، زمين ۾ اندر، اوهو، هيٺ پوري ڇڏجي.

سنڌ جي ڏاکڻي ۽ وچولي علائقي ۾ سرءُ واري فصل کي سوا ٻوري ۽ منڊي واري فصل ۾ ڏيڍ ٻوري يوريا في ايڪڙ ڏئي، هلڪو پاڻي ڏجي.

## اپريل

تيار فصل جي ڪٽائي مڪمل يا ختم ڪجي ۽ واندي ٿيل زمين ۾ هر ڏجن.

سرءُ ۽ بهار واري فصل ۾، ٻوٽن جي پاڙن تي مٽي چاڙهڻ وارو عمل جاري رکجي. منڊيءَ واري فصل مان فصل جي عمر ۽ ضرورت آهر گندگاهه ڪڍي، وقت سر پاڻي ۽ ڀاڻ ڏجي. جيتن ۽ بيمارين جو خاتمو آڻجي.

## مئي

ڪمند جي فصل کي گهرج مطابق هر هفتي پاڻي ڏجي. گندگاهه وارا ٻوٽا ڪڍي ڇڏجن. منڊي واري فصل ۾ مٽي چاڙهڻ کان پوءِ ڏيڍ ٻوري يوريا في ايڪڙ ۽ لاڙ توڙي سنڌ جي وچولي علائقي ۾، سرءُ واري پوکيل ڪمند ۾ مٽي چاڙهڻ کان پوءِ سوا ٻوري يوريا ٻن کان ٽي ٻوريون امونيم نائٽريٽ في ايڪڙ ڏئي، هلڪو پاڻي ڏجي. جيتن جو حملو هجي ته موزون زرعي زهرن جو استعمال ڪجي. ڇهبڪ واري ڪاٽي بيماري لڳل ٻوٽا فصل مان ڪڍي، پوري ڇڏجن.

## جون

اتر سنڌ ۾ سرءُ واري فصل جي پاڙن ۾ ٻيهر مٽي چاڙهجي ۽ هڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ ڇٽي، هلڪو پاڻي ڏجي. جڏهن ته بهار واري فصل ۾ گڏ جو عمل جاري رکجي.

لاڙ واري علائقي ۾ ضرورت آهر پاڻي ڏجي. فصل ۾ جيتن ۽ بيمارين جو حملو هجي تہ، خاتمي لاءِ جوڳا اپاءُ وٺڻ گهرجن.

## جولاءِ

سرءُ جي مند وارو ڪمند جو نئون فصل پوکڻ لاءِ زمين جي تياري ڪجي.

منڊي واري فصل ۾ ٻئي ڀيري مٽي چاڙهي، سوا ٻوري يوريا في ايڪڙ ڏئي، هلڪو پاڻي ڏجي.

سرءُ توڙي ٻهار ۾ پوکيل ۽ منڊي واري فصل مان گندگاهہ وارن ٻوٽن، جيتن، ڪينئن ۽ بيمارين جو خاتمو آڻجي.

## آگسٽ

زمين ۾ بيٺل فصل کي ضرورت آهر پاڻي ڏجي.

جيت يا ڪينئان هجن تہ موزون زرعي زهرن وسيلي ختم ڪجن.

ڇهبڪ واري ڪاٽي نظر اچي تہ بيمار ٻوٽا فصل مان ڪڍي، پوري ڇڏجن.

سرءُ جي مند واري نئين ڪمند جي پوک، ڏکڻ سنڌ ۾ 15 آگسٽ کان شروع ڪجي ۽ اتر سنڌ ۾ زمين جي تياري مڪمل ڪجي، تہ جيئن پوک منڌائتي ڪري سگهجي.

## سيپٽمبر

سرءُ وارو نئون فصل، لاڙ ۽ وچولي علائقي ۾ هن ئي مهيني جي آخر تائين پوکي ونجي. جڏهن تہ اتر سنڌ ۾ 15 سيپٽمبر کان پوک شروع ڪجي ۽ آڪٽوبر جي آخر تائين ختم ڪجي.

بيٺل فصل مان گندگاهہ وارا ٻوٽا توڙي ڪمند جا بيمار ٻوٽا پٽي، پوري ڇڏجن، جيتن، ڪينئن ۽ بيمارين کان بچاءُ لاءِ اپاءُ ونجن ۽ ضرورت آهر پاڻي ڏجي. ڪٽائي لاءِ تيار فصل جو هڪ مهينو اڳواٽ پاڻي بند ڪجي.

## آڪٽوبر

سرءُ جي مند وارو نئون فصل پوکجي. پوکيل فصل مان گندگاهه ڪيجن. گڏ ڪجي. ضرورت مطابق پاڻي ۽ ياڻ ڏجي. ڪٽائي لاءِ تيار فصل جو مهينو اڳوات پاڻي بند ڪجي ۽ انديښو آهر، زمين جي سطح کي ويجهو ڪٽي، جلدي مل موڪلجي. نهري ڪمند ۾ جيتن، ڪينئن ۽ بيمارين جو حملو نہ ٿيو هجي تہ، ان جي مُنڍي وارو فصل ڇڏڻ لاءِ، ڪٽائي ڪان پوءِ ڪک ڪچرو ساڙي، هڪدم پاڻي ڏجي، خال هجن تہ پري ڇڏجن. وٺ اچڻ تي هر ڏجن، ياڻ ڏجي ۽ پاڻي ڏجي. واندي زمين ۾ هر ڏجن.

## نومبر

سرءُ واري پوکيل نئين فصل ۾ ضرورت مطابق، هر 15هين ڏينهن پاڻي ڏجي. ڪوڏر، ديسي هر يا هٿ وارن ٻين اوزارن سان گڏ ذريعي گندگاهہ جا ٻوٽا ختم ڪجن ۽ زمين جي زرخيزي بحال ڪجي. ڪٽائي لاءِ تيار فصل جو مهينو اڳوات پاڻي بند ڪجي. اندنٽ ملي تہ زمين کي ويجهو ڪمند ڪٽي، هڪدم مل موڪلجي. منڍي وارو فصل رکڻ لاءِ هي مهينو وڌيڪ موزون آهي، پر فصل ۾ جيت ۽ بيماريون هجن تہ، منڍيءَ نہ ڇڏجي، خال هجن تہ پري ڇڏجن.

## ڊسمبر

سرءُ واري فصل ۾ ضرورت مطابق 15هين ڏينهن پاڻي ڏجي ۽ گندگاهہ هجن تہ گڏ وسيلي ڪيجن. تيار فصل جي ڪٽائي اندينٽ آهر جاري رکجي. منڍي وارو فصل ڇڏڻو هجي، تہ ڪٽائيءَ ڪان پوءِ کن ڪچرو ساڙي، هڪدم پاڻي ڏجي. وٺ اچڻ تي هر ۽ سهنور ڏجي. گندگاهہ ڦٽن تہ ختم ڪجن، خال هجن تہ پري ڇڏجن.

***

وڻ ڪٽجڻ ڪري،
موسمون تبديل ٿيون،
موسمون هاڻي،
هڪ ساريکيون نہ آهن،
موسمن جا،
هاجيڪار اثر وڌي ويا آهن،
اوهان کی جيڪڏهن،
وڻندڙ موسمون گهرجن،
سر سبز پٽ کپن،
وڌ ۾ وڌ وڻ پوکيو.
مٺل جسڪاڻي

# تيلي ٻج

## جنوري

سورج مکي، سرنهن، منٽي سرنهن (ڪينولا)، توريئي، ڄانيي، پواڙي، السي ۽ هيرڻ جي بيڻل فصلن ۾ ضرورت مطابق پاڻي ڏجي. گندگاهه وارن ٻوٽن جو خاتمو آڻجي ۽ جيتن ۽ بيمارين کان بچاءُ لاءِ جوڳا اُپاءُ ونجن.

سرنهن، منٽي سرنهن (ڪينولا)، توريئي ۽ ڄانيي جي تيار فصل جو لابارو ۽ هيرڻ مان تيار ڇڳن جو چونڊو ڪري، ديري تي سڪائڻ کان پوءِ ٻج ڪڍي، ٻورين ۾ وجهي، محفوظ ڪري رکجي يا بازار موڪلجي.

سورج مکي، سويابين، سرنهن، منٽي سرنهن (ڪينولا)، توريئي، ڄانيي ۽ پواڙي جي ساريال علائقي ۾ دوباري پوک مڪمل ڪري ونجي. سورج مکي ۽ سويابين جو بهار وارو فصل پوکڻ لاءِ زمين جي تياري ڪجي. ڏکڻ سنڌ ۾ سورج مکي جي پوک 15 جنوري کان اڍائي فوٽن جي فاصلي تي ناڙي وسيلي ڪجي.

## فيبروري

سورج مکي، سرنهن، منٽي سرنهن (ڪينولا)، توريئي، ڄانيي، پواڙي، السي ۽ هيرڻ جي بيڻل فصل ۾ عمر ۽ ضرورت آهر پاڻي ۽ ياڻ ڏجي. گندگاهه جا ٻوٽا، جيت ۽ بيماريون هجن ته ختم ڪرڻ لاءِ جوڳا اپاءُ ونجن.

سرنهن، منٽي سرنهن (ڪينولا)، توريئي، ڄانيي ۽ هيرڻ سميت تيار فصل جو لابارو يا چونڊو ڪري، ديرو ناهجي ۽ جڏهن صحيح نموني سوڪ ملي وڃي، ته ڳاهه يا صفائي ڪجي ۽ اپت بازار موڪلجي.

سورج مکي اڍائي فوٽن ۽ سويابين جي هڪ فوٽ جي فاصلي تي ناڙي وسيلي، بهار واري فصل جي پوک ڪجي.

## مارچ

سورج مکي، سرنهن، مٺي سرنهن (ڪينولا)، توريئي، ڄانبي، پواڙي، السي ۽ هيرڻ جي بيٺل پاڇاتي فصل ۾ عمر ۽ ضرورت آهر پاڻي ۽ ڀاڻ ڏجي. گندگاهه وارا ٻوٽا، جيت ۽ بيماريون هجن ته ختم ڪرڻ لاءِ جوڳا اپاءُ وٺجن. تيار فصل جو لابارو ڪجي.

سورج مکي جو نومبر وارو فصل، سرنهن، مٺي سرنهن (ڪينولا)، توريئي، ڄانبي ۽ هيرڻ جو فصل لاباري يا چونڊي لاءِ تيار هجي ته، لابارو يا چونڊو ڪري، ديرو ناهجي ۽ ڳاهه لاءِ تيار فصلن جو ڳاهه ڪري، اپت بازار موڪلجي.

سورج مکي ۽ سويابين جو بهار وارو فصل، مهيني جي شروعاتي چند ڏينهن اندر پوکي وٺجي.

## اپريل

سورج مکي، سويابين، پواڙي، السي ۽ هيرڻ ۾ ضرورت مطابق پاڻي ڏجي، گندگاهه ڪڍجن، جيتن ۽ بيمارين کان بچاءُ لاءِ اپاءُ وٺجن.

سورج مکي ۽ پواڙي جي جهار هڪلڻ وسيلي پکين کان پهچندڙ نقصان کان بچاءُ ڪري سگهجي ٿو.

سرنهن، مٺي سرنهن (ڪينولا)، توريئي، ڄانبي، سورج مکي، هيرڻ، پواڙي ۽ السي جي تيار فصل جو لابارو يا چونڊو ڪري، ديرو ناهي، ڳاهه ۽ وائر وسيلي ٻج صاف ڪري، بازار موڪلجي.

ٻوهي مڱ يا ڪاڄن جي پوک لاءِ وارياسي لٽاشي زمين ۾ اونها هر ڏئي، هموار ڪري، پوک لاءِ تيار ڪجي.

## مئي

سويابين، ٻوهي مڱ يا ڪاڄا ۽ تر پوکڻ لاءِ زمين جي تياري مڪمل ڪري، سفارش ڪيل وقت ۽ طريقن تحت پوک ڪجي.

سورج مکي، سويابين، پواڙي ۽ السي جي لاباري لاءِ تيار فصل ۾ لابارو، لابارو ڪيل فصل جو ڳاهه ۽ وائر ڪري، ٻج صاف ڳوٿين ۾ وجهي، محفوظ جڳهين ۾ رکجي يا بازار موڪلجي.

سورج مکي ۽ سويابين جي پاڇاتن فصلن ۾ توڙي سويابين، ٻوهي مڱ ۽ ترن جي نون پوکيل فصلن ۾ ضرورت آهر پاڻي ۽ ياڻ ڏجي. گندگاهه وارا ٻوٽا، جيت ۽ بيماريون نظر اچن ته، خاتمي لاءِ اپاءُ ونجن.

## جون

سويابين ۽ سورج مکي جي بهار واري پاڇاتي فصل جو لابارو، ڳاهه ۽ وائر مڪمل ڪجي. سويابين جو خريف وارو فصل ڏکڻ سنڌ ۾ جون جو سڄو مهينو پوکي سگهجي ٿو، اتر سنڌ ۾ جون جي آخري هفتي کان پوکڻ گهرجي. ٻوهي مڱ، اتر سنڌ ۾ پوک ڪجي ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ فصل مان گندگاهه ڪڍجن ۽ ضرورت مطابق پاڻي ڏجي.

ترن جي پوک ڏکڻ سنڌ ۾ جون جو سڄو مهينو ۽ اتر سنڌ ۾ 15 جون کان 15 جولاءِ ۽ باراني ايراضيءَ ۾ برسات کان پوءِ پوک ڪجي.

هيرڻ ۽ سورج مکي جي پوک لاءَ زمين جي تياري ڪجي.

پواڙي جو ڳاهه مڪمل ڪري، ان صاف ڳوٿين ۾ بند ڪري، بازار موڪلجي يا محفوظ ڪري رکجي.

## جولاءِ

سورج مکي جي پوک ڏکڻ سنڌ ۾ 15 جولاءِ کان ۽ اتر سنڌ ۾ پهرين آگسٽ کان شروع ڪجي.

سويابين ۽ هيرڻ جي منڊائتي پوک ڪرڻ کپي. آڳاتي پوکيل فصل جي ڇڊائي ۽ گندگاهه وارن ٻوٽن جو خاتمو آڻڻ گهرجي.

سويابين، ٻوهي مڱن ۽ ترن ۾ ضرورت آهر پاڻي ڏجي. جيتن ۽ بيمارين جو حملو هجي ته، خاتمو آڻجي.

## آگسٽ

سورج مکي، سويابين، بوهي مگ، تر ۽ هيرڻ جي پوکيل فصلن مان گندگاهه وارا ٻوٽا ڪڍي، گهرج آهر پاڻي ۽ ياڻ ڏجي. جيتن، ڪيئن يا بيمارين جو حملو هجي ته ان جي سڃاڻپ وسيلي موزون زرعي زهر استعمال ڪجي.

سورج مکي جو سرءُ وارو فصل پوکي وٺجي ۽ ٿر، ڪاڇي ۽ ڪوهستان ۾ تر ۽ هيرڻ جي پوک ڪجي. سرنهن، مٺي سرنهن، توريئي ۽ ڄانبي جي منڊائتي پوک لاءِ زمين جي تياري ڪجي.

## سيپٽمبر

سورج مکي جي فصل ۾ سنگ نڪتا هجن ته جهار هڪلجي. سورج مکي، سويابين، بوهي مگن، ترن ۽ هيرڻ جي فصل مان غير جنس وارا توڙي گندگاهه جا ٻوٽا ڪڍي ڇڏجن. جيتن، ڪيئن ۽ بيمارين جو حملو هجي ته بچاءُ لاءِ اپاءُ وٺجن. فصل جي عمر آهر ۽ ضرورت هجي ته ياڻ ۽ پورو پنو پاڻي ڏجي.

سرنهن، مٺي سرنهن (ڪينولا) ۽ توريئي جي پوک ڪجي ۽ ڄانبي جي پوک لاءِ زمين جي تياري مڪمل ڪجي.

## آڪٽوبر

سورج مکي، سويابين، بوهي مگ (ڪاڇا)، هيرڻ ۽ تر پوکيل هجن ته ضرورت آهر پاڻي ۽ ياڻ ڏجي. گندگاهه وارا ٻوٽا، جيت، ڪيئان ۽ بيماريون ختم ڪجن. تيار فصل جو لابارو، چونڊو يا ڪوٽائي ڪري، ڳاهه ۽ وائر ڪجي.

سرنهن، مٺي سرنهن (ڪينولا)، توريئي، ڄانبي جو موڪي، بوسي ۽ دوباري پوک جاري رکجي. پوکيل فصل جي سارسنڀال لهجي.

## نومبر

السي ۽ پواڙي جي منڊائتي پوک لاءِ زمين جي بهتر نموني تياري ڪجي.

سورج مکي جي سرءُ واري پاڇاتي فصل جي جهار هکلجي، لابارو، ڳاهه ۽ وائر مڪمل ڪجي، واندي زمين ۾ نئون فصل پوکڻ لاءِ زمين جي تياري ڪجي.

سرنهن، مٽي سرنهن (ڪينولا)، توريئي، ڄانيي، پواڙي ۽ السي جي پوک جاري رکجي.

پوکيل فصل مان گندگاهه وارا ٻوٽا ڪڍي ڇڏجن، جيتن ۽ بيمارين جو خاتمو آڻجي. ضرورت مطابق پاڻي ۽ ياڻ ڏجي.

بوهي مگُن جي تيار فصل جي ڪوٽائي ڪري، ڦريون سڪائي، ڏندڻ يا ڏاندن سان ڳاهه مڪمل ڪري، صفائي ڪان پوءِ بازار موڪلجي.

## ڊسمبر

سارييال علائقي ۾ سورج مکي، سرنهن، مٽي سرنهن (ڪينولا)، توريئي، ڄانيي، پواڙي ۽ السي جي دوباري توڙي باراني ۽ موکي پوک جاري رکجي. هيرڻ سميت پوکيل سمورن فصلن جي سارسنيال لهجي، ضرورت مطابق پاڻي ڏجي، گندگاهه، جيت يا بيماريون هجن ته خاتمي لاءِ اپاءُ وٺجن. هيرڻ جا تيار ڇڳا چونڊو ڪري، صاف سٿري جاءِ تي ديرو ناهجي.

***

فطرت لاءِ ڪجهه وقف ڪريو،
فطرت جو پرجهلو بڻجو،
فطرت کي بهتر بڻايو،
فطرت آهي جيوت جو تحفظ،
فطرت جو تحفظ ڪريو.
مٺل جسڪاڻي

# داليون

## جنوري

دالين جي پوکيل فصلن جهڙوڪ چڻي، مسور ۽ مٽر ۾ ضرورت مطابق پاڻي ڏجي. گندگاهه وارن ٻوٽن ۽ حملي آور جيتن يا بيمارين تي ظابطي يا انهن جي خاتمي لاءِ مناسب اُپاءُ وٺجن.

## فيبروري

چڻي، مسور ۽ مٽر جي فصل مان گندگاهه وارن ٻوٽن، جيتن ۽ بيمارين جو خاتمو آڻجي ۽ فصل جي عمر ۽ ضرورت آهر پاڻي ڏجي.

مگ ۽ ماش جي اڳاٽي پوک تہ هن مهيني ۾ ڪري سگهجي ٿي، پر منداڻتي پوک لاءِ وچولي لٽاشي زمين مان گندگاهه وارا ٻوٽا ڪڍي، اونها هر ڏيئي، هموار ڪري، ٻارا ۽ ناليون ناهڻ وسيلي، زمين جي تياري مڪمل ڪجي، تہ جيئن منداڻتي پوک ڪري سگهجي.

## مارچ

چڻي، مسور، ۽ مٽر جي فصل ۾ جيڪڏهن 95 سيڪڙو ڦوٽايا ڦريون پچي ويون هجن ۽ داڻو سخت ٿي ويو هجي تہ، لابارو ڪري ديرو ناهجي. پاڇاٽي فصل ۾ ضرورت مطابق پاڻي ڏجي. گندگاهه وارا ٻوٽا، جيت ۽ بيماريون ختم ڪجن.

مگ ۽ ماش جي پوک لاءِ تيار ڪيل زمين ۾ ريج ڪجي، ريج ڪان پوءِ وٽ اڇڻ تي هڪ ٻوري ڊي. اي. پي في ايڪڙ ڇٽي، سائي جا هر ڏئي، 4 ڪان 7 ڪلو گرام في ايڪڙ ٻج، ڏيڍ فوٽ جي فاصلي تي نازي ڪجي.

## اپريل

چڻن، مسور ۽ مٽر جو پاڇاٽو فصل تيار هجي ته لابارو ڪري، ڳاهه ۽ واٺر ڪان پوءِ ان/ٻج/دال صاف ڳوڻين ۾ ڀري، گودام ۾ رکجي يا وري بازار موڪلجي.

مڱن ۽ ماش جي وڀيل فصلن مان گندگاهه وارن ٻوٽن، جيتن، ڪينئن ۽ بيمارين جو خاتمو آڻجي ۽ ضرورت آهر پاڻي ڏجي. جڏهن ته پهرئين هفتي تائين، پوک جو عمل مڪمل ڪرڻ گهرجي.

## مئي

چڻن، مسور ۽ مٽرن جو لابارو، ڳاهه ۽ واٺر مڪمل ڪجي.

اڳاٽن پوڪيل مڱن ۾ 50 سيڪڙو ڦريون پچي ويون هجن ته، چونڊو ڪري، ڏيرو ناهجي ۽ چونڊو مڪمل ٿيڻ تي صفائي ڪجي. مڱ، ماش ۽ موٺ پوکڻ لاءِ زمين جي تياري ڪجي، پر واضع هجي ته جون واري فصل ۾ جيتن جو حملو گهٽو ٿئي ٿو، تنهنڪري خرچ ۽ محنت وڌيڪ ڪرڻي پوندي.

## جون

مڱ ۽ ماش جي مارچ واري فصل جو چونڊو يا لابارو، ڳاهه ۽ واٺر مڪمل ڪجي. جون واري فصل جي پوک مڪمل ڪجي، جولاءِ ۾ پوک ڪرڻي هجي، ته زمين جي تياري مڪمل ڪري وٺجي.

## جولاءِ

مڱ، ماش ۽ موٺ جي پوک جاري رکجي. جون ۾ پوکيل فصل مان گندگاهه وارا ٻوٽا ڪڍي، ضرورت آهر پاڻي ڏجي. جيتن، ڪينئن ۽ بيمارين جو حملو هجي، ته انهن کان وقتائتي بچاءُ لاءَ اپاءُ وٺجن.

## آگسٽ

مڳ، ماش ۽ موٺ جو فصل 15 آگسٽ تائين پوکي وڃي، پوکيل فصل مان گندگاهه وارا ٻوٽا ڪڍي، ضرورت آهر پاڻي ۽ ياڻ ڏجي. جيتن، ڪينئن يا بيمارين جو حملو هجي، ته انهن جو خاتمو آڻجي. اڳاٽي فصل ۾ 50 سيڪڙو ڦريون پچي ويون هجن ته چونڊو ڪجي.

## سيپٽمبر

مڳ، ماش ۽ موٺ جي فصلن ۾ ضرورت مطابق پاڻي ڏجي. ڪنهن جيت، ڪينئين يا بيماري جو حملو هجي، ته خاتمي لاءِ جوڳا اپاءُ وٺجن. تيار فصل جو چونڊو يا لابارو ڪري، صاف سُٺي پٽ تي ديرو ڪري ۽ وقت سر ڳاهه ڪجي.

ربيع واريون داليون جهڙوڪ چڻا، مسور ۽ مٽر جي پوک ڪجي. ساريال علائقي ۾ دوباري، ڪچي وارين ايراضين ۾ باراڻي ۽ آبي وسيلن تي موڪي فصل مان بهتر پيداوار وٺڻ لاءِ جديد طريقا اختيار ڪجن.

## آڪٽوبر

مڳ، ماش ۽ موٺ جي تيار فصل جو لابارو، ڳاهه ۽ وائر وارو ڪم وقت سر ڪري وڃي.

چڻن، مسور ۽ مٽرن جي موڪي، بوسي ۽ دوباري پوک جاري رکجي، پوکيل فصل جي سارسنڀال لهجي.

## نومبر

مڳ، ماش ۽ موٺ جو چونڊو يا لابارو، ڳاهه ۽ وائر، رهيل هجي ته مڪمل ڪجي.

ربيع وارين دالين، جهڙوڪ: چڻن، مسور ۽ مٽرن جي پوک جاري رکجي. پوکيل فصل مان گندگاھ وارا ٻوٽا ڪڍي ڇڏجن. جيتن ۽ بيمارين کان بچاءُ ڪجي.

## ڊسمبر

ربيع واريون داليون جهڙوڪ: چڻا، مٽر ۽ مسور پوکي ونجي. پوکيل فصلن مان گندگاھ ختم ڪجن. چڻن ۾ پاڙ ڪپيندڙ ڪينئون هجي، ته سفارش ڪيل موزون زرعي زهر استعمال ڪجن.

***

جنهن کي اوهان ڪچرو سمجهو ٿا،
جنهن کي اوهان ساڙيو،
ماحول کي گدلو ڪريو پيا،
اهو جيڪڏهن زرعي زمينن ۾ وڌو وڃي،
اهو جيڪڏهن ٻيجارن ۽ ڪونڊين ۾ وڌو وڃي،
اوهان جا فصل،
اوهان جا باغ،
اوهان جا خوبصورت نمائشي ٻوٽا،
اوهان جي وڻن کي،
مفت جي خوراڪ ملي پوندي،
انهن ۾ موسمي تبديليون سهڻ،
موذي مرضن خلاف برداشت،
وڌڻ جي سگهه وڌي پوندي،
اهي صحتمند رهندا،
انهن جي واڌ ۾ واڌ ايندي...

مٺل جسڪاڻي

# پاڇيون ۽ مصالح

## جنوري

واڱڻ، ٽماٽو، پيز، مرچ، بصر، گل گوبي، موري، گوگڙو، پٽائي گجر، پالڪ، ڏاٽا، ميٿي، لاهوري گجر ۽ پٽاٽا. مقصد ته زمين ۾ بيٺل هر فصل کي ضرورت آهر پاڻي ڏجي. گندگاهه وارن ٻوٽن، جيتن ۽ بيمارين جو خاتمو آڻجي. ڪوشش ڪري انسان کي جوکو رسائيندڙ زرعي زهر استعمال نه ڪجن.

واڱڻ، ٽماٽن، پيز ۽ مرچن جي تيار فصلن مان چونڊو ڪجي، تيار بصرن جون ڳنڍيون ڪيجن. گل گوبي، موري، گوگڙو، پٽائي گجر، پالڪ، ڏاٽا، ميٿي، لاهوري گجر ۽ پٽاٽا جيئن جيئن تيار ٿين، ته ڪڍي بازار موڪلجن، پر ٻج لاءِ رکٽو، ڇڏٽو هجي، ته جيتن ۽ بيمارين جي حملي کان آجي فصل مان، چونڊ صحتمند ٻوٽا ڇڏجن.

ٽماٽن ۽ مرچن جي ٻيجاري سميت سيني فصلن کي سيءَ کان بچائجي.

ميها، توريو، ڪريلا، ونگا، پينا، ڪدو، گدرا، ڇانهيون، پيندبيون ۽ گوار پوکڻ يا مرچ ۽ ٽماٽا رونبو ڪرڻ لاءِ زمين جي تياري ڪجي، ته جيئن ايندڙ مهيني صحيح وقت تي پوک شروع ڪري سگهجي.

## فيبروري

زمين ۾ بيٺل فصل جي عمر ۽ ضرورت آهر پاڻي ۽ پاڻ ڏجي. گندگاهه، جيت ۽ بيماريون هجن ته بچاءُ لاءِ اُپاءُ ونڻ گهرجن، مجبوري جي صورت ۾ انهن جي خاتمي لاءِ سفارش ڪيل زرعي زهر جو استعمال ڪجي.

تيار ڀاڄين جو چونڊو، پٽ، لابارو، ڪوٽائي ڪري، وقت سر بازار موڪلجي.

جنهن به ڀاڄي جو فصل ختم ٿئي، ان ۾ موجود بيمارين کان متاثر ٿيل ٻوٽا ڪڍي، گڏ ڪري ساڙي ڇڏجن ۽ خالي زمين ۾ اونها ۽ مٽي اٿلائڻ وارا هر ڏجن.

خريف وارين ڀاڄين جهڙوڪ، ميها، ڪريلا، توري، ڀينڊي، ڪدو، پيٺو، واڱڻ، ونگي، گدرا، هنداڻا، لاهوري گجر، مرچ، هيڊ، گورا ۽ چونرا پوکڻ لاءِ زمين جي تياري مڪمل ڪري، پوک ڪجي.

ميها ۽ ونگا يا جيڪي به فصل گذريل مهيني پوکيا هجن، ته انهن ۾ ڦٽل گندگاهه وارا ٻوٽا ڪڍي ڇڏجن. جيتن ۽ بيمارين جي جاچ وٺي، گهربل ضروري اُپاءُ وٺڻ گهرجن.

## مارچ

زمين ۾ بيٺل فصل کي عمر ۽ ضرورت آهر پاڻي ۽ ڀاڻ ڏجي. گندگاهه، جيتن ۽ بيمارين جو خاتمو آڻجي. ڪوشش ڪري انسان کي جوکو رسائيندڙ زرعي زهر استعمال نه ڪجن.

تيار ڀاڄين جو چونڊو، پٽ، لابارو يا ڪوٽائي ڪري، بازار موڪلجي.

ختم ٿيندڙ فصل جي باقيات گڏ ڪري ساڙجي ۽ زمين ۾ اونها هر ڏجن.

ٻج لاءِ رکيل يا ڇڏيل فصل ۾ ٻن هفتن جي ساهيءَ سان پاڻي ڏجي ۽ فصل کي جيتن ۽ بيمارين کان بچائڻ لاءِ جوڳا اپاءُ وٺجن.

خريف وارين ڀاڄين جي پوک رهيل هجي، ته مڪمل ڪري وٺجي ۽ پوکيل ڀاڄين جي گڏ ڪجي، پاڻي ڏجي ۽ ڇدائي ضروري هجي ته ڪري وٺجي.

## اپريل

خريف وارين ڀاڄين جي پوک مڪمل ڪري وٺجي. پوکيل ڀاڄين مان ضرورت آهر گندگاهه وارا ٻوٽا ڪڍي، ڀاڻ ڇٽي، پاڻي ڏجي. جيتن ۽ بيمارين تي ضابطي آڻڻ لاءِ جوڳا اپاءُ وٺجن.

مرچن جي پاڙن تي مٽي چاڙهجي.

چونڊي لاءِ تيار ڀاڄين جو چونڊبو ڪري، وقت سر بازار موڪلجي.

## مئي

ٽماٽن، مرچن ۽ چونئرن سميت پوکيل هر فصل کي عمر ۽ ضرورت آهر پاڻي ۽ ڀاڻ ڏجي، گڏ ڪري گندگاهه ختم ڪجن، جيتن ۽ بيمارين کان بچاءُ لاءِ جوڳا اپاءُ وٺجن. ڪوشش ڪري انسان کي جوکو رسائيندڙ زرعي زهر استعمال نہ ڪجن.

چونڊي ۽ پٽ لاءِ تيار ڀاڄين جو چونڊبو ۽ پٽ ڪجي.

ختم ٿيندڙ فصلن جي باقيات ساڙي ختم ڪجي ۽ واندي زمين ۾ هر ڏجي.

بصر، گل گوبي ۽ لاهوري گجر وغيره جي پوک لاءِ زمين جي تياري مڪمل ڪري پوک ڪجي.

موري، گوگڙو، پتائي گجر، پالڪ، ڏاٽا ۽ ميٿي جي ٻج لاءِ ڇڏيل فصل ۾، ٻج تيار هجي تہ احتياط سان ڪڍي محفوظ ڪجي.

## جون

ولين وارين ڀاڄين ۽ ميون (ڪدو، توري، ڪريلي، گدري ۽ چاهين وغيره) سميت، بصر، ٿوم، پيندي ۽ گوار جي پوک، توڙي مرچ، ٽماٽا ۽ گل گوبي جو ٻيجارو پوکڻ ۽ رونبو ڪرڻ لاءِ زمين جي تياري ڪجي.

پوکيل ڀاڄين ۾ ضرورت آهر پاڻي ۽ ڀاڻ ڏجي. گندگاهه وارن ٻوٽن، جيتن ۽ بيمارين جو خاتمو آڻجي.
ڀاڄين جي تيار فصل جو لابارو يا چونڊو، پٽ، صبح سوير ڪجي ۽ صاف سٿرين ٽوڪرين يا ڪارين ۾ وجهي بازار موڪلجي.
جنهن به ڀاڄي جو فصل ختم ٿئي، ته زمين مان ڪن ڪچرو ڪڍي، گڏ ڪري، ساڙي ڇڏجي ۽ مٽي اٿلائڻ وارو هر ڏجي.

## جولاءِ

ولين وارين ڀاڄين ۽ ميون سميت پيندي ۽ گوار جي پوک ڪجي.
واڱڻ، بصر ۽ گل گوبي جو رونبو ڪجي ۽ ٿوم جون ڳڙيون پوکجن.
چونئرن، لاهوري گجرن ۽ مرچن سميت زمين ۾ بيٺل ٻين ڀاڄين وارن فصلن مان گندگاهه وارن ٻوٽن، جيتن، ڪينئن ۽ بيمارين جو خاتمو آڻجي. ڪوشش ڪري انسان کي جوکو رسائيندڙ زرعي زهر استعمال نه ڪجن. ضرورت آهر ڀاڻ ۽ پاڻي ڏجي.
ٽماٽي ۽ مرچن جو ٻيجارو پوکجي ۽ رونبي لاءِ تيار ٻيجاري جو رونبو ڪجي.
گوگڙو، پتائي گجر، پالڪ، ڏاٽا ۽ ميٿي پوکڻ لاءِ زمين جي تياري ڪجي.
تيار فصلن جو لابارو، چونڊو يا پٽ صبح سوير ڪري، صاف ڪوکن يا ٽوڪرين ۾ ڀري، بازار موڪلجي.
خالي ٿيندڙ زمين ۾ اونها هر ڏجن.

## آگسٽ

ولين وارين ڀاڄين ۾ ميون سميت واڱڻ، ڀينڊي، گوار، بصر، ٿوم، ٽماٽن، گل گوبي، لاهوري گجرن، چونئرن ۾ مرچن ۾ ضرورت آهر پاڻي ڏجي.

پوکيل ڀاڄين ۾ گل اچڻ تي گهربل پاڻ ڏجي، پر ان کان اڳ گندگاهه ضرور ختم ڪجن.

جن جن ڀاڄين ۾ جيتن، ڪينئن يا بيمارين جو حملو هجي، انهن جي خاتمي لاءِ اپاءُ ونجن.

موري، گوگڙو، پٽائي گجر، پالڪ، ڏاٽا، ۽ ميٿي پوکڻ وارا آبادگار پوک ڪن.

## سيپٽمبر

ولين وارين ڀاڄين ۾ ميون (ڪدو، توري، ڪريلي، گدري ۽ ڇاهين وغيره) سميت مرچ، واڱڻ، ڀينڊي، گوار، ٽماٽي، گل گوبي، موري، گوگڙو، پٽائي گجر پالڪ، ڏاٽي ۽ ميٿي جي فصل ۾، عمر ۽ ضرورت جي پيش نظر، گڏ ۾ دڙ وارو عمل جاري رکجي، هر هفتي پاڻي ڏجي. جيتن، ڪينئن ۽ بيمارين کان بچاءُ ڪجي. ڪوشش ڪري انسان کي جوکو رسائيندڙ زرعي زهر استعمال نہ ڪجن.

ڀاڄي جي تيار فصل جو لابارو، چوندو يا پٽ ڪري، درجي بندي تحت بند ڪري، وقت سر بازار موڪلجي.

ٽماٽن جو ٻيجارو پوکجي ۽ پوکيل پر تيار ٻيجارو رونبو ڪجي.

چونئرن ۾ ٻن هفتن جي وقفي سان پاڻي ڏجي ۽ تيار ڦريون پٽجن.

پيز ۽ پٽاٽن جي پوک لاءِ زمين جي تياري ڪجي.

جنهن بہ ڀاڄي جو فصل ختم ٿئي، ان جون ٽبيون وغيره ڪڍي ساڙي ڇڏجن ۽ زمين کي کيڙي ڇڏجي.

## آڪٽوبر

ولين وارين ڀاڄين ۽ ميون، واڱڻ، ڀينڊي، گوار، بصر، ٿوم، ٽماٽي، گوبي، موري، گوگڙو، پٽائي گجر، پالڪ، ڏاٽا، ميٿي، لاهوري گجر، مرچ ۽ چونئرا پوکيل هجن، ته فصلوار عمر ۽ ضرورت آهر پاڻي ۽ ياڻ ڏجي. گندگاهه وارا ٻوٽا، جيت، ڪينئان ۽ بيماريون ختم ڪجن، پر ڪوشش ڪري انسان کي جوکو رسائيندڙ زرعي زهر استعمال نه ڪجن.

ڀاڄين جا نوان فصل پوکڻ لاءِ زمين جي بهتر تياري ڪان پوءِ، فصلوار سفارش ڪيل طريقن تحت پوک ڪجي.

تيار ڀاڄين جو لابارو، چوندو، پٽ يا ڪڍائي، صبح جو سوير ڪري، شام تائين بازار موڪلجي.

## نومبر

واڱڻ، ڀينڊي، گوار، ٽماٽو، گوبي، ڀيز، پٽاٽا، موري، گوگڙو، گجر، پالڪ، ڏاٽا، ميٿي، مرچ ۽ ولين وارين ڀاڄين ۽ ميون ۾ ضرورت مطابق پاڻي ۽ ياڻ ڏجي. گندگاهه وارا ٻوٽا، جيت، ڪينئان ۽ بيماريون هجن ته ختم ڪجن. ڀاڄين ۾ زرعي زهر استعمال ڪرڻ ڪان پرهيز ڪجي. مجبوري واري حالت ۾ استعمال ڪجن ته مناسب وقفي ڪان پوءِ خوارڪ ۾ ڪتب آڻجن.

ٽماٽن جي ٻيجاري توڙي وڏي فصل کي سيءُ ڪان بچائجي. رونبو جاري رکجي.

ڀيز ۽ ٽماٽن جي پاڙن ۾ مٽي چاڙهجي.

لاباري، چوندي، يا پٽ، ڪوٽائي لاءِ تيار ڀاڄين مان تيار ميوو، ڦريون، گل، پاڙون، پن ڪڍي، وقت سر بازار موڪلي وڪرو ڪجي.

خالي ٿيندڙ زمين مان ڪچرو ساڙي، هر ڏيڻ گهرجي.

## ڊسمبر

پوکيل فصلن جي عمر ۽ ضرورت کي نظر ۾ رکندي، پاڻي ۽ ياڻ ڏجي. گڏ ذريعي گندگاهه ختم ڪجن. جيت ۽ بيماريون هجن ته

موزون دزرعي زهر استعمال ڪن، پر خيال رهي ته دوائن جي استعمال ڪان پوءِ گهربل عرصي تائين ڀاڄيون خوراڪ ۾ شامل نه ڪرڻ گهرجن.
ٽماٽن سميت سمورين ڀاڄين کي سيءَ کان بچائڻ لاءِ اپاءُ ونجن.
تيار ڀاڄين مان ميوو، ڦريون، گل، پاڙون، پن وغيره صبح سوير ڪڍي، بازار موڪلجن. خالي ٿيندڙ زمين ۾ هر ڏجن.

***

# جيوت جو تحفظ

-سياري ۾ ٿئي ٿو
سيءَ ججهو،
-ڪري ٿو پارو
...نقصان ججهو
-اونهاري ۾ ٿين
موتمار گرميون،
-۽ اوچتو لڳن
تيز هوائون،
-ڏوٽين ٿيون
هر ٻوٽي ۽ وڻ کي،
...لُڪون توڙي جهڪون
جي وسي ٿو مينهن،
ته وسي ٿو وڏ ڦڙو،
...ڪري ٿو ٻوڏون
سوچيو زرا،
ڇا حالت ٿيندي هوندي،
فصلن ۽ باغن جي،

ڪيترا ڇٽندا هوندا،
گُل ننڍن فصلن،
۽ ڀاڄين مان،
ڪيترو ڪرندو هوندو،
ڪچو ميوو،
ميويدار وڻن مان...
ڪري ڪير ڪاٿو،
ڪنهن سان ڪري
ليکو!؟...
ٻيو ڪجهه ڪريو،
يا نه ڪريو لوڪو،
ننڍا نيٽا وڻ نه وڍيو،
وڏ ۾ وڏ وڻ پوکيو،
وڻن سان ئي آهي،
ممڪن موزون موسم،
وڻن ۾ ئي آهي،
تحفظ هر جيوت جو...

منل جسڪاڻي

# ميوا

## جنوري

انبن جي ميوي ڏيندڙ باغ ۾ پاڻي نه ڏجي. ڪيلي جي باغ ۾ گهرج مطابق، باقي سمورن ننڍن توڙي وڏن باغن ۾، ٻن هفتن جي ساهي سان پاڻي ڏجي.

باغن مان گندگاهه وارا ٻوٽا، حملي آور جيت يا بيماريون ختم ڪرڻ لاءِ اپاءُ ونجن

ڪيلي، زيتون، پپيتي، ٻير، ناريل ۽ ڪن ميون مان تيار ميوو پٽي، درجه بندي ڪري، بازار موڪلجي.

انگورن ۽ ڦارون ۾ گذريل مهيني پاڻ ڏيڻ رهجي ويو هجي، ته هن مهيني ڏئي ونجي.

انبن مان ڪر ٻوڪ وارا گل ۽ انبن سميت سمورن ميويدار وڻن مان سڪل ۽ بيمار ٽاريون ڇانگي ساڙي ڇڏجن.

ڪجيءَ جي جن وڻن ۾ گل اچي ويا هجن، انهن ۾ نرائڻ وارو عمل ڪجي.

فيبروري ۾ نوان باغ لڳائڻ لاءِ، ڏکڻ سنڌ جي ساموندي علائقي ۾، ناريل، پپيتو، ڪيلو، سيتا ڦل، لچي، جيڪ فروٽ، انگور، ساموندي علائقي کان حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ضلعن تائين ڄاڻايل ميون سميت انب، چيڪو، ٻير، ڦاروا ۽ زيتون، سنڌ جي وچولي علائقي ۾ ڪجي، زيتون، ڏاڙهون، ٻير، صوف، ڊاک، ڦاروا، ڄمون، ڪن ميون جون سموريون جنسون، توت ۽ انجير، اتر سنڌ ۾ زيتون، ٻير، انب، ڄمون، ڦاروا، انجير، ڊاک ۽ ڪن ميون جون سموريون جنسون پوکڻ لاءِ، زمين جي تياري ڪجي. ميوي جي قسم آهر سفارش ڪيل قطارن جو فاصلو، کڏن جي ماپ ۽ ڳريل سڙيل وٿاڻ جو ڀاڻ ڏيان ۾ رهي. ڀاڻ کي کڏي واري مٽي سان ملائي، کڏا ڀري، پاڻي ڏجي. وٺ اچڻ تي گهربل جنس جون چڪيون سڏيون ۽ موزون حد تائين، کڏي ۾ لڳائجن.

## فيبروري

انبن جي باغن ۾ ميوو ڇڻي جيترو ٿي ويو هجي، ته انهن ۾ توڙي ٻين سمورن ننڍين وڏن باغن ۾، ڏهن ڏينهن جي وقفي سان پاڻي ڏجي. جڏهن ته انبن جي جن جنسن ۾ ميوو ڇڻي ڪان ننڍو هجي، انهن ۾ پاڻي نه ڏجي.

باغن ڪي گندگاهه وارن ٻوٽن، جيتن ۽ بيمارين ڪان بچائڻ جا جوڳا انتظام جاري رکجن.

زيتون، پپيتي، ٻير ۽ ناريل مان تيار ميوو پٽي، درجي بندي ڪري، بازار موڪلجي.

ڪجيءَ ۾ گل نرائڻ وارو عمل جاري رکجي، ته جيئن ميوو وڏيڪ لڳي.

انبن مان ڪرٻوڪ وارا گل ۽ سوڪهڙي يا ڪوڙهه واريون ٽاريون توڙي، ٻين باغن مان پڻ بيماري ورتل حصا ڇانگي، گڏ ڪري، زمين ۾ پوري ڇڏجن.

نوان باغ لڳائڻ لاءِ زمين جي تياري مڪمل ٿي وئي هجي، ته چڪيون يا ٻچا لڳائي وڃجن. جيڪڏهن تياري رهيل هجي ته ڪري وڃجي، ته جيئن ايندڙ مهيني تائين مند اندر باغ لڳائي سگهجي.

## مارچ

هر ننڍي توڙي وڏي باغ ۾، هر هفتي پاڻي ڏجي. گندگاهه وارا ٻوٽا، جيت ۽ بيماريون هجن، ته انهن جو خاتمو آڻجي.

زيتون، پپيتي، ٻير ۽ ناريل مان تيار ميوو پٽي بازار موڪلجي.

انب، چيڪو ۽ پپيتي ۾، زمين جي خاصيت ۽ ٻوٽن جي عمر آهر، پاڻ ڏئي، هلڪو پاڻي ڏجي.

ڪجي جي باغن ۾ گل نرائڻ وارو عمل جاري رکجي.

انبن مان ڪرٻوڪ وارا گل، سوڪهڙي يا ڪوڙهه واريون ٽاريون ۽ ٻين سمورن باغن مان بيماري ورتل حصا ڇانگي، زمين ۾ پوري ڇڏجن.

نئون باغ لڳائڻ وارو جيڪو به ڪم رهيل هجي، سو مڪمل ڪري وڃجي.

## اپريل

باغن ۾ وقت ۽ ضرورت آهر پاڻي ڏجي، گندگاهه وارن ٻوٽن جو خاتمو آڻجي، جيتن ۽ بيمارين کان بچاءُ لاءِ جوڳا اپاءُ وٺجن.

چيڪو، زيتون، پپيتي، ٻير ۽ ناريل مان تيار ميوو پٽي، هڪدم بازار موڪلجي ۽ ميوي کي پکي نقصان ڪندا هجن، ته جهار هڪلجي.

انبن ۽ پپيتي ۾ گذريل مهيني پاڻ نه ڏنو هجي، ته هن مهيني ۾ ڏجي. ڪيلي، ٻيرن ۽ ڪٽن ميون ۾ پڻ ضرورت آهر پاڻ استعمال ڪجي.

ڪيلي جي فصل ۾ هر هڪ مادري ٻوٽي جي پير ۾، وڏ ۾ وڏ ٻه، پر تلوار نما ٻچا ڇڏي، باقي ڦٽل سمورا ٻچا ۽ وڏن ٻوٽن ۾ موجود سڪل پن ڪپي، ڪڍي ڇڏجن. سمورن باغن ۾، نظر ايندڙ بيمار ۽ سڪل ٽاريون ڪپي، ساڙي ڇڏجن.

انبن ۽ چيڪو جي تيار ٻيجاري وارين چڪين ۾، پسنديده جنس جو صحتمند قلم لڳائي، پيوندڪاري ڪجي. نئين ٻيجاري لاءِ صحتمند، پر بهترين جنسن جو ٻج پوکجي.

جيڪڏهن ڪن سببن جي ڪري نئين باغ لڳائڻ لاءِ تيار ڪيل زمين ۾ چڪيون لڳائڻ رهجي ويون هجن، ته 15 اپريل تائين لڳائي ڇڏڻ گهرجن.

## مئي

زيتون مان ميوو پٽجڻ کان پوءِ پاڻي نه ڏجي. باقي سمورن ننڍين وڏن باغن ۾ هر هفتي پاڻي ڏجي.

باغن مان گندگاهه وارن ٻوٽن، جيتن ۽ بيمارين جو مڪمل خاتمو آڻجي.

انبن، چيڪو، ڪجي، پپيتي ۽ ناريل مان تيار ميوو پٽي بازار موڪلجي.

ڪيلي ۾ ماهوار پاڻ جو وزن ڏجي. پپيتي ۽ ٻيرن ۾ گذريل مهيني پاڻ ڏيڻ رهجي ويو هجي، ته هن مهيني ضرور ڏئي ڇڏجي.

ٻيرن جي وڻن جي سڻي شڪل شبيهه بيهارڻ لاءِ پوري پني، گهربل، هلڪي ڇانگ ڪجي. ٻين سمورن باغن مان بيمار ۽ سڪل ٽاريون ڪپي پوري ڇڏجن.

زيتون جي ٻيجاري سميت هر ميويدار جنس جي پوکيل ٻيجاري مان گندگاهه، جيت ۽ بيماريون ختم ڪجن. ضرورت آهر پاڻي ۽ پاڻ ڏجي.

## جون

ميون جي ننڍن توڙي وڏن باغن ۾ ضرورت آهر پاڻي ۽ پاڻ ڏجي.

باغن مان گندگاهه وارا ٻوٽا، جيت ۽ بيماريون ختم ڪجن.

انب، چيڪو، ڪجي، پپيتي، ناريل ۽ ڦارون مان تيار ميوو پٽي، درجي بندي تحت بازار موڪلجي، جتان جتان ميوو پٽجي وڃي، ته ان ايراضي ۾ هر ڏئي، پاڻ ۽ پاڻي ڏجي.

ٻيرن جي وڻن ۾ هلڪي ڇانگ ڪجي، ته جيئن سندن شڪل شبيهه سڻي بيهاري سگهجي. باقي سمورن باغن مان بيمار ۽ سڪل ٽاريون ڪپي، پوري ڇڏجن.

انب، چيڪو، زيتون ۽ ڦاروي جي پوکيل ٻيجاري جي سار سنڀال لهجي ۽ نئون ٻيجارو پوکجي.

مند آهر نئون باغ لڳائڻ لاءِ جنس ۽ علائقي پٽاندڙ گهربل زمين جي، بهتر تياري ڪجي

## جولاءِ

زيتون جي ميوي ڏيندڙ باغ جو پاڻي بند رکجي، باقي سمورن باغن ۾ گهرج آهر پاڻي ۽ پاڻ ڏجي. گندگاهه وارن ٻوٽن، جيتن، ڪينئن ۽ بيمارين جو خاتمو آڻجي.

انب، چيڪو، ڪيلي، ڪجي، پپيتي، ناريل ۽ ڪٿن ميون جو تيار ميوو پٽي، درجہ بندي ڪري، ڪوڪن يا ٽوڪرين ۾ وجهي، بازار موڪلجي.

سمورن ميويدار وڻن مان سڪل ۽ بيمار ٽاريون ڪپي، باغ کان ٻاهر پوري ڇڏجن ۽ ضرورت هجي تہ مناسب زرعي زهر استعمال ڪجي.

نوان باغ لڳائڻ لاءِ زمين جي تياري ڪجي. جنس آهر نقشو ٺاهي، مناسب فاصلي تي کڏيون لڳائڻ لاءِ کڏن جي تياري ڪجي. واضع هجي تہ کڏيون بہ هٿ ڪجن، تہ جيئن باغ پاڇاڻو نہ ٿئي.

## آگسٽ

زيتون جي ميوي ڏيندڙ وڻن کان سواءِ، هر قسم جي باغ مان گندگاهہ وارن ٻوٽن جو خاتمو آڻي، ضرورت آهر پاڻ ڏئي، هلڪو پاڻي ڏجي. جيتن، ڪينئن ۽ بيمارين جو خاتمو آڻجي. سڪل ٽاريون ڪپي، پوري ڇڏجن.

ڪيلي، ڪجي، پپيتي، ناريل ۽ ڪٿن ميون مان تيار ميوو پٽي، درجي بندي ڪري، بازار موڪلجي. ميوو پٽڻ وقت نظر ايندڙ سڪل ٽاريون ڪپي، پوري ڇڏجن.

انبن، چيڪو، ٻيرن ۽ ڪٿن ميون ۾ پيوندڪاري ڪجي.

نوان باغ لڳائڻ لاءِ هي مهينو بهترين آهي، تنهن ڪري علائقيوار سفارش ڪيل زمين ۾، سفارش ڪيل باغ لڳائجي.

## سيپٽمبر

ڪجي جو نئون باغ هن مهيني جي آخر تائين، باقي ٻيا سڀ باغ وڌ ۾ وڌ پهرئين هفتي ۾ لڳائي ونجن، نہ تہ وري ايندڙ موسم ۾ لڳائجن.

نون توڙي پراڻن باغن ۾ هر هفتي پاڻي ڏجي. گندگاهہ ختم ڪرڻ لاءِ گڏ، دڙ يا هر ڪيجن، جيتن، ڪينئن ۽ بيمارين کان بچاءُ لاءِ اپاءُ ونجن.

ڪيلي ۾ پاڻ جو ماهوار مقدار، جڏهن ته پپيتي، ڪجي ۽ ناريل ۾ گذريل مهيني پاڻ نه ڏنو هجي، ته هن مهيني ڏئي ڇڏجي.

ڪيلي، پپيتي، ناريل ۽ ڪٽن ميون مان تيار ميوو پٽي بازار موڪلجي.

هر وڻ مان سڪل ۽ بيمار ٽاريون ڪپي، پوري ڇڏجن.

انبن ۽ چيڪو ۾ پيوندڪاري وارو عمل جاري رکجي.

## آڪٽوبر

گندگاهه وارن ٻوٽن جي خاتمي لاءِ گڏ ڪڍي، هر ڏئي، ضرورت آهر پاڻي ڏجي.

جيتن، ڪينئن ۽ بيمارين جي بهترين سڃاڻپ ڪري، پوءِ موزون دوائن وسيلي خاتمو آڻجي.

ڪيلي، پپيتي، ناريل ۽ ڪٽن ميون مان تيار ميوو پٽي، درجي بندي تحت بازار موڪلجي.

وڻن مان سڪل ۽ بيمار ٽاريون ڪپي، زمين ۾ اندر، اونهائي ۾ پوري ڇڏجن ۽ پاڙن يا ٽڙن ۾ مٽي چاڙهي دڪا ٻڌجن.

انب، چيڪو، ڪجي، لچي، ناريل ۽ پپيتن مان وڌيڪ پيداوار وٺڻ لاءِ، باغ جي عمر ۽ ضرورت آهر مناسب پاڻ ڏجي.

## نومبر

انبن ۽ ڪيلن ۾ ڏهن ڏينهن ۽ ٻين باغن ۾ ٻن هفتن جي وقفي سان پاڻي ڏجي. گندگاهه وارن ٻوٽن، جيتن، ڪينئن ۽ بيمارين کان بچاءُ ڪجي.

ليمي جي جنس وارن ڪٽن ميون ۽ ڪيلن مان تيار ميوو پٽي بازار موڪلجي.

انب، چيڪو، ڪيلو، ڪجي، پپيتي، لچي، ۽ ناريل ۾ گذريل مهيني پاڻ ڏيڻ رهجي ويو هجي ته ڏئي ونجي.

سمورن ميويدار وڻن مان سڪل ۽ بيماري ورتل ٽاريون ڪپي، گڏ ڪري، پوري ڇڏجن.

## ڊسمبر

انبن جي ميوي ڏيندڙ باغن ۾، ڊسمبر مهيني جي پهرين ٽن هفتن ۾، ٻه هلڪا پاڻي ڏئي وڃن، پر پوءِ پاڻي نه ڏجي. باقي سمورن باغن ۾ هر ٻئي هفتي پاڻي ڏجي.

گندگاهه وارن ٻوٽن، جيتن، ڪينئن ۽ بيمارين جي موجودگيءَ ۾، خاتمي لاءِ اپاءُ وٺڻ گهرجن.

ڪيلي، زيتون، پپيتي، ناريل ۽ ڪٽن ميون مان تيار ميوو پٽي، بازار موڪلجي.

جيڪ فروٽ ۽ انگورن ۾ ضرورت مطابق پاڻ ڏجي.

سمورن باغن مان سڪل ۽ بيمار ٽاريون ڪپي، زمين ۾ اندر، اونهيون پوري ڇڏڻ گهرجن.

***

ڪانگ تڙي سان،  
ڪانگ ئي نه،  
گهٽا ئي پکي،  
تڙي نه سگهبا،  
گهٽي وقت تائين،  
هي جديد دور آهي سائين،  
حڪمت عملي ۾،  
جدت ضروري آهي.

مٺل جسڪاڻي

# جانورن جي چاري وارا گاهه

## جنوري

پوکيل گاهن جهڙوڪ برسيم، لوسڻ، سنجي، جئي، جون ۽ مٽرن ۾ ضرورت آهر پاڻي ڏجي. لاب لاءِ تيار گاهه ڪٽي بازار موڪلجي.

گاهه لاءِ مڪئي ۽ هاٿي گاهه ٻاجهر هائبرڊ جي پوک لاءِ زمين جي تياري ڪجي.

## فيبروري

پوکيل گاهن ۾ ضرورت مطابق پاڻي ڏجي. لوب لاءِ تيار ٿئي ته لوب ونجي.

مڪئي جي گاهه پوکڻ لاءِ تيار ڪيل زمين ۾ پوک ڪجي. جڏهن ته مڪئي سميت جوئر ۽ ٻاجهري جو گاهه پوکڻو هجي، ته زمين تيار ڪجي.

هاٿي گاهه ٻاجهر هائبرڊ جي پوک لاءِ تيار زمين ۾ ٽن مهينن جي عمر وارن ٻوٽن جي هيٺين چوٿين حصي مان، ٻن اکين وارا قلم وني، ٻن ٻن فوٽن جي فاصلي تي، اهڙي نموني پوکجن يا لڳائجن، جو هڪ اک زمين ۾ اندر ۽ هڪ ٻاهر، مٿي بيهي، ان کان پوءِ هڪدم هلڪو پاڻي ڏجي.

## مارچ

برسيم، لوسڻ ۽ سنجي ۾ ضرورت مطابق پاڻي ڏجي ۽ لوب تيار هجي ته لڻجي.

مڪئي ۽ هاٿي گاهه ٻاجهر هائبرڊ جي پوک جاري رکجي.

جوئر، ٻاجهر ۽ 4 اين ايڪس سوڊان گاهه جي پوک لاءَ تيار زمين وٺ اچي، ته زمين جي خاصيت آهر ياڻ چٽي، سائي جا ٻه هر ڏئي،

جوئر ۽ ٻاجهر 10 ڪلوگرام ۽ 4 اين ايڪس سوڊان گاهه 8 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج، هڪ ڪان ڏيڍ فوٽ جي فاصلي تي ناڙي ڪجي يا ڪرين تي چنگي وسيلي پوک ڪجي.

جوئر، ٻاجهر، مڪئي، موٺ، سوڊان گاهه ۽ هائبرڊ ٻاجهر جي پوک لاءِ زمين جي چونڊ، تياري ۽ پوک جاري رکجي.

## اپريل

برسيم، لوسڻ ۽ مڪئي ۾ ضرورت آهر پاڻ ڇٽي، پاڻي ڏجي. تيار گاهه مان لوب ونجي.

جوئر، ٻاجهر، مڪئي ۽ 4 اين ايڪس سوڊان گاهه جي پوک جاري رکجي.

گوار جي پوک لاءِ زمين جي تياري ڪجي.

موٺ لاءِ تيار ڪيل زمين ۾ ريج ڇڏجي. وٺ اچڻ تي هڪ ٻوري ٽي ايس پي ۽ اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙ ڇٽي، ٻه سائي جا گهاٽا هر ڏئي، ٻج ڇٽي، سهنور گهمائجي يا هڪڙو هلڪو هر ڏجي ۽ پوءِ سهنور گهمائجي.

## مئي

پوکيل گاهن ۾ ضرورت آهر پاڻي ۽ ياڻ ڏجي، تيار گاهه مان لوب ونجي.

جوئر، ٻاجهر، مڪئي، موٺ ۽ 4 اين ايڪس سوڊان گاهه جي پوک جاري رکجي.

گوار جي پوک شروع ڪجي ۽ سويابين لاءِ زمين تيار ڪجي.

## جون

سمورن پوکيل گاهن ۾ ضرورت آهر پاڻي ۽ ياڻ ڏجي ۽ لوب لاءِ تيار گاهه ڪٽجي

جوئر، ٻاجهر، مڪئي، موٺ، گوار، سويابين ۽ ٻين پوکجندڙ گاهن جي پوک جاري رکجي.

## جولاءِ

جوئر، ٻاجهر، مڪئي، موٺ، سويابين ۽ 4 اين ايڪس سوڊان گاهه جي پوک جاري رکجي.

پوکيل گاهن ۾ ضرورت مطابق پاڻي ۽ ياڻ ڏجي.

ڪٽائي لاءِ تيار گاهن جي ڪٽائي ڪجي.

## آگسٽ

پوکيل گاهه وارن فصلن جهڙوڪ جوئر، ٻاجهر، مڪئي، موٺ، گوار ۽ سويابين وغيره ۾ ضرورت مطابق ياڻ ۽ پاڻي ڏجي، پر تيار فصل جي ڪٽائي ڪجي.

جوئر، ٻاجهر ۽ مڪئي جي پوک جاري رکجي.

برسيم، لوسڻ ۽ سنجي جي منڊائتي پوک لاءِ زمين جي چونڊ ۽ تياري ڪجي.

## سيپٽمبر

برسيم، لوسڻ ۽ سنجي جي پوک ڪجي، جڏهن ته جئي، جَوَ ۽ مٽر پوکڻ لاءِ زمين جي تياري ڪجي.

پوکيل گاهن ۾ ضرورت مطابق پاڻي ڏجي ۽ تيار فصلن جي ڪٽائي ڪجي.

## آڪٽوبر

برسيم، لوسڻ ۽ سنجي جي پوک جاري رکجي.

جئي، جوَ ۽ مٽر پوکڻ لاءِ زمين کي بهتر نموني تيار ڪري، بهتر نموني پوک ڪجي.

پوکيل گاهن ۾ ضرورت آهر پاڻي ۽ ياڻ ڏجي.

ڪٽائي لاءِ تيار گاهن جي ڪٽائي ڪري، وقت سر بازار موڪلجي ۽ واندي ٿيندڙ زمين ۾ هر ڏجي.

## نومبر

برسيم، لوسڻ، سنجي، جئي ۽ جون جي پوک جاري رکجي.

پوکيل گاهن ۾ ضرورت مطابق پاڻي ۽ ياڻ ڏجي.

ڪٽائي لاءِ تيار گاهن جي ڪٽائي ڪجي، لوسڻ جي هر ڪٽائي کان پوءِ، اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙ ڇٽي، هلڪو پاڻي ڏجي.

## ڊسمبر

جئي جي پوک جاري رکجي.

پوکيل گاهه جي هر هڪ فصل جهڙوڪ برسيم، لوسڻ، سنجي، جئي ۽ جَوَن ۾ ضرورت آهر پاڻي ۽ ياڻ ڏجي. ڪٽائي لاءِ تيار گاهن مان لوب ونجي.

***

وڻ اهي پوکيو،
پاڻ وٽ جيڪي،
ٿيندا اچن پيا،
گهڻو اڳي ڪان،
اهي ساڳيا وڻ پوکيو.

مٺل جسڪاڻي

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

**سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.**
**اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.**
**۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.**

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**

